ڪردارن جي بغاوت

ڪشن ٻجاج

کردار جي بغاوت

(ڪهاڻيون)

ليکڪ ۽ پبلشر

ڪشن ٻجاج

74، شڪتي نگر،

اُديپور - 313001

فون : 415745

ادبي پائيچارو

روايت

ڪنهن به رچناڪار جي رچنائن لاءِ مهاڳ (شروعاتي باب) ۾ اکر (راءِ زني) يان ڀومڪا (سوترڌاري) لکڻ هرو ڀرو ڪو ڏکيو ڪم نه آهي، پر منهنجي شخصي ويچار موجب اهو هڪ ساهتيڪ روايت وارو ڪم ٿي پيو آهي. اهو ڪم ان مائيءَ جي هلت جهڙو آهي جيڪا مهمانن لاءِ لذيذ طعام تيار ڪري سنجڻ ۾ سجائي کائڻ لاءِ موڪلڻ کان پوءِ ساهيڙيءَ کي سڏ ڪري چوي، 'مئي، چکي ٻڌاءِ ته سواد ڪيئن آهي؟' ڇا چوي ساهيڙي، مهمانن ته ڇٻاڙڻ به چالو ڪري ڇڏيو، هاڻ سواد ۽ شيرين سڀ سائينءَ جي مهر جا محتاج! رچناڪار جون رچنائون چونڊ ڪميٽيءَ ڇپجڻ لائق سمجهيون ۽ رچناڪار ڇپجڻ لاءِ پريس ۾ موڪلي پروف به فائينل ڪري ڇڏيا. هاڻ مهاڳ ۾ ملهه ڪٿڻ ادبي روايت جو ٻنڌڻ ٿي آهي، پر مان ان ساهتيڪ رواج کي ادبي پائيچاري جي ڀاونا سان پيش ٿو ڪريان.

کهاڻيڪار ڪشن ٻجاج بابت:

1973 ۾ ڪشن ٻجاج اکل ڀارتيه سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا سان جڙيو. ان سنستا ۾ ڪشن جو ڪيترن ئي ساهتيڪارن ۽ سالڪن سان ميلو ٿيو جنهن ڪشن کي لکڻ جي پريرڻا ڏني. ڪشن لکڻ چالو ڪيو، لکڻ ۾ ڪجهه سائي ڪانه ڪيائين، ڪويتائون، ڪهاڻيون لکندو ويو. ساهتيڪ گلزاريءَ ۾ سندس پهريون گل 1980 ۾ رچنا جهڙي موچاري مالها ۾ ھبڪاريو، 'توکي روز دعا ڏيان ٿو.' نئين ڪويتا جي انداز ۾. پهرين رچنا سان به رچنا جهڙي دستاويزي رسالي ۾ ڇپجي، اِن جو فخري احساس ته اُنهن کي هوندو جيڪي لکمي ڪلاڻيءَ جهڙي سمپادڪ جي تڪ ۽ تارازيءَ کي سڃاڻن. آفرين.

هاڻ همت ڪري ٢٠ سالن کان پوءِ ٻڙ پڌرو ٿيو آهي، سو به راجستان سنڌي اڪادميءَ جي رحمتي مالي مدد جي سهاري. وري آفرين.

Kirdaran Ji Bagawat

(Short Stories)

Writer & Publisher:

KISHIN BAJAJ
74,Shakti Nagar,
Udaipur - 313001.
Phone : 415745

Price : Rs. 80/-

Year : 2000.

DTP type setting by .A.B.C. Creations,
142, Sindhi Colony, Jaipur - 203016 . Phone : 203065.

Printed with partial financial assistance of
Rājasthan Sindhi Akademi.

آهي اُها نانڪ ڪار مڙس کي بغاوتي ڪردار جي الزام کان آجو ڪندي چوي ٿي، 'توهان بند ڪمري ۾ ....سان عيش ڪندا آهيو، اِها مونکي به ڄاڻ آهي پر گهر جي شانتيءَ لاءِ........' هاڻ ساهتيڪار رڳو هڪ ڪمرو نه پر سڀيئي ڪمرا بند ڪري ۽ ڪرائي سگهي ٿو. آمين، شل سائين سڀني ساهتيڪارن کي اهڙيون سياڻيون پلئه سان ٻڌائي جيڪي چون 'ڪريو سائين ڪريو، سب چلتا هئه.''

ٻنا ڪمائيءَ نانڪا....نندي ٿهيءَ جي پنڪ آهي ته سماج ۾ سڃاڻپ ڪهاڻيڪار جي پنهنجي گهٽتا آهي. وجود کي وصيح بڻائي سلامت رکڻ لاءِ سهڻي صلاح. سماج ۽ ساهتيه سان ڳنڍجڻ، ٻئي سولاءِ سهنجا طريقا.

پنهنجن کان وڇڙجڻ جو درد ۽ سمجهوتو، ٻئي هڪ جهڙا حادثا آهن. هڪ ۾ پالينڌڙ پئسو ٿا چاهين ته ٻئي ۾ پلجندڙ پر پنڪي ڪشوريءَ جهڙي هيٺي ۽ همت هاريل نه آهي. پنڪي همت ۽ محڪم اِرادي سان پنهنجيءَ سمسيا جو حل ڳولهي بدلائي آندو آهي ته ڪشوريءَ پنهنجي مانسڪ ڪمزوريءَ ڪري پنهنجي ۽ پريوار جي سهوليتن لاءِ حالات سان سمجهوتو ڪيو آهي. ڪشوريءَ ان سمجهوتي جي ڀرپور قيمت وصولي آهي ته پنڪيءَ وڇوڙي جي روپ ۾ قيمت چڪائي آهي. ساڳئي مسئلي جا ٻه حل، جنهنکي جيڪو وڻي، سڌي سنديش جي اڻاٺ آهي.

نندين ڪهاڻين ۾ وڻندڙ وينتا آهي. ڪهاڻيڪار هر ڪهاڻيءَ ۾ هڪ نئون سوال پئدا ڪري جواب ڳولهڻ لاءِ پاٺڪن جي ميڙ ۾ پاترن کي آزاد ڇڏي ڏنو آهي. هن ته پهرين پاڻ کي 'لاجواب' جو لقب ڏئي پاڻ کي آزاد ڪري ڇڏيو آهي. هئپ ديوالي ۽ اڇا بيٺا سئو ۽ سارٿڪ سنديش آهن. ٻئي ٻال اوستا جا پاتر مگر سندن سمجهه ۽ سوال گهرا - ڳنيير سوچڻ لاءِ مجبور ٿا ڪن.

ياتو، چورن جي جمات ۾ نئون چور شامل ٿيندو آهي ته داعوت ڪندا آهن، ساهتيڪ سوچ واري منهنجي شهر ۾ هڪ ساهتيڪار وڌيو، مون به ادبي داعوت ڪئي آهي، ان ڪري ئي لکيو اٿم. ڪهاڻيڪار ۽ سندس ڪردار ڪيترو سوادي آهي، اِهو ته پاٺڪ ۽ خاص مهمان (ساهتيڪار) ئي ٻڌائيندا، پر سُرهاڻ ته سرهي ٿي لڳي.

- راڌا ڪرشن لعلواڻي ''راهي''

٢. ڪتاب - ڪهاڻين ۽ ڪردارن جي بابت:

ڪتاب جي مکسرو 'ڪردار جي بغاوت' عڪس آهي ڪهاڻيڪار جي مانسڪ اسنتوش ۽ شڪايت جو. 20 ڪهاڻين مان ٦ وڏيون ڪهاڻيون ۽ 14 ننڍيون ڪهاڻيون آهن، پر سڀني ۾ جيون جي حالاتن بابت سوالي لهجي ۾ ڏکيا ڏوراپا آهن. پاريوارڪ وهنوار، ساماجڪ سوچ ۽ ساهتيڪ راڄنيتي جي پيڙا پوڳيندڙ پاتر ڪٿي به سنوتش جو ساهه کڻن ئي ڪونه ٿا. ضرور ڪو ڪارڻ هوندو، اچو ڏسون ته ڪهاڻيڪار صرف اسنتوشي پاتر ئي پنهنجين ڪهاڻين لاءِ ڇو چونڊيا آهن ۽ ڪهڙيءَ ساهتيڪ پاڻنا سان پاٺڪن سان سندن ملاقات ڪرائڻ ٿو چاهي.

جيستائين پاترن جي چونڊ جو سوال آهي اِها ڳالهه صاف ظاهر ٿي لڳي ته ڪهاڻيڪار جو پاترن سان تمام ويجهو ۽ گهرو رشتو آهي، سڀيئي پاتر ڪهاڻيڪار سان گڏ گهمندڙ، رهندڙ ۽ شخصي سڃاڻپ وارا ٿا لڳن. سندن صحبت ۾ رهندي رهندي ڪهاڻيڪار اُنهن جي اعماليت ۽ اخلاقي وهنوار جا جيڪي نظارا ڏٺا آهن، اُنهن جو هن جي دماغ تي گهرو اثر پيو آهي ۽ پاترن جي مانسڪ پيڙا ڪهاڻيڪار کي ايڏو ته ڏونڌاريو آهي جو هو سڀني کي اِن روئداد جا چشم ديد شاهد بڻائڻ ٿو چاهي. ڪن جي ڪهاڻين مان هڪ بي ڳالهه به ظاهر ٿئي ٿي ته نه رڳو سندس ڪردار بغاوتي آهي پر سندس قلم پڻ بغاوتي آهي.

ڪهاڻيڪار جي قلم کي جيڪا ٿين اکه آهي اُن جسماني نفص جا جيڪي نظارا بند ڪمرن ۾ ڏٺا آهن، اَنهن کي اُلٽي ڪرڻ واري انداز ۾ ٻاهر ڪڍي، بانس، اُبٽ جي آنڌ - مانڌ ڪان آجو ٿيڻ ٿو چاهي.

ڪُل حاصلات:

سڀني ڪهاڻين جي تاثرات ٽن ويچارن ۾ وراهيل آهي:-

(١) پاريوارڪ اوڻاين جي اوگهڙ.

(٢) ساماجڪ سوچ جي اوڻاين جي اوگهڙ.

(٣) ساهتيڪ سنسار جي اندرينءَ اعماليت جي اوگهڙ.

'ڪردار جي بغاوت' ڪهاڻيءَ ۾ ناٽڪار جي ٻيڙي اخلاقي وهنوار جو خاڪو ليکيو ويو آهي، ساهتيڪار بند ڪمرن ۾ ڇا ٿا ڪن، اِن جي پڪي پختي ثابتي ڪهاڻيڪار شراب ۽ شباب جو حوالو ڏئي ڏني آهي. شايد ڪٿي ڪجهه ڏٺو ائس، چاهي هڪ ٻن ڪمرن ۾ يا سڀني ڪمرن ۾. لڳي ٿو ته ڪهاڻيڪار به ٻين وانگر رهنڊون ۽ ڇهنڊيون هڻڻ جو شونق پنهنجي ساهتيڪ برادريءَ مان ئي پورو ڪرڻ ٿو چاهي. وڏي همٿ جو ڪم ڪيو ائس. ناٽڪ ڪار جي گهر واري پاڻ ساهتيڪ سوچ ويچار واري

معياري رسالي رچنا ۾ جڏهين منهنجي پهرين رچنا ڇپي تڏهين مونکان ڇرڪ نڪري ويو. سوچيم ته جنهن مال کي مان سادو ڪُو سستو سمجهي پاسيرو پٽي رکيم اهو لکمي ڪلاڻي جهڙي سمپادڪ جي هٿان مهر لڳل مال ثابت ٿيو. ڄڻ اها ڪهڪ طرح سان ISI جي مهر هئي. هاڻ مونکي لکڻ جي همٿ ملي. جنهن رچنا کي لکمي ڪلاڻي او.ڪي. ڪري، پوءِ ڇا ڪپي؟ لکمي ڪلاڻي جو معيار ڏار آهي. دوستي/سچاڻپ/معيار جا ماڻ ۽ ماپا لکمي ڪلاڻيءَ جا ڏار آهن.

لکڻ لاءِ حوصلو وڌائڻ وارن ۾ ڏيولڻ راهي، هري همٿاڻي، لڇمڻ ڀمڀاڻي، سندر اگناڻي، واشديو 'سنڌو ڀارتي'، راڌا ڪرشن لعلواڻي 'راهي' ۽ سدا حيات ايشور چندر رهيا آهن.

جيئن ڪاري ڪانوَ کي پنهنجا سڀ ٻچا سيني کان سهڻا لڳندا آهن، ٺيڪ ان طرف هر رچنا ڪار کي پنهنجي هر رچنا سندر لڳندي آهي. مان به ان وهم کان آجو ڪونه آهيان.

باقي جن سنڌي ساهتڪارن کي پڙهيو/ٻڌو آهي، انهن جو اثر منهنجين رچنائن ۾ آهي. رچنائون توهان جي سامهون آهن. پهريون دفعو امتحان ۾ ويهي رهيو آهيان، نتيجو توهان جي هٿن ۾ آهي.

اخلاقي ۽ سماج سڌار جون ڪهاڻيون لکڻ مون لاءِ ڏکي ڳالهه آهي. جيڪو ڏٺو/ٻوڌيو/ويچاريو آهي اهو سڀ ڪهاڻين ۾ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. ڪهاڻي لکڻ جي ٽيڪنيڪ کان نا واقف آهيان.

جذبات جاڻ جي محتاج آهي يا نه، اهو وواد جو وشيه ٿي سگهي ٿو. جاڻ جي هام هڻڻ جي همٿ مون ۾ ڪونهي.

-ڪشن ٻجاج

10-2-2000

پنهنجي پاران......

اگر 1970ع ۾ ’سهڻي‘ مخزن جي پرچار لاءِ ڀاءُ سندر اگناڻي ۽ لڇمڻ ڀمياڻي اڊيپور ۾ نہ اچن ها تہ نکو مونکي سنڌي ساهت جي ساڄاهہ پئي ها نکو مان معياري سنڌي ساهتيہ جو پاٺڪ بڻجي سگهان ها. ڇڱن پنجن سالن جو ٻار اڪثر پنهنجي پيءُ کان سوال ڪندو رهندو آهي ۽ انهن سوالن جا جواب پائي پنهنجي پيءُ کي گيان جو ڀنڊار سمجهندو آهي، ساڳي حالت اسڪولي شاگرد جي هوندي آهي.

منهنجو بہ سنڌي ماسترن لاءِ جيڪي سنڌي چاڙهندا هئا، ڪجهہ اهڙو عقيدو هو ۽ ان عقيدي جو ڪارڻ بہ هو. منهنجي سنڌي تعليم صرف هڪ درجو هئي / آهي ۽ جنهن سنڌي ماستر سان منهنجي سڃاڻپ هئي اهو سنڌيءَ ۾ بي. اي. هو. مان تہ گهٽ ۾ گهٽ هن کي سنڌيءَ جو اُستاد سمجهندو هئس.

1973ع ۾ مون هڪ ننڍو ليک هڪ پيج جو لکي ان کي ڏنو ۽ سڌارڻ لاءِ عرض ڪيم جيئن سڌارڻ کان پوءِ ڪنهن اخبار ۾ موڪلي سگهان. ڇهن مهنن تائين اهو ليک سڌري نہ سگهيو. آخر هڪ ڏينهن همٿ ڪري کين عرض ڪيم تہ منهنجي ليک جو ڇا ٿيو. ڪلي ڇپائين تہ اهو تہ مون ان ڏينهن ڦاڙي ڦٽي ڪيو، ڇاڪاڻ تہ ان ۾ ڪجهہ هو ئي ڪونہ، سڌارجي بہ تہ ڪنهن کي. توکي ورجايو ان ڪري ڪونہ متان تون دل شڪستو ٿيين.

مون اهو ليک وري لکي اخبار کي موڪليو جيڪو اڪر بہ اکر ڇپيو ۽ ان کان پوءِ سوين ٻيا ليک بہ ڇپيا، پر انهن سڀني جو ساهت سان ڪو لاڳاپو ڪونہ هو.

راجستان سنڌي اڪادمي جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ ۽ اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جي ڪافي وقت تائين ڪاروباري ڪاميٽي جو ميمبر رهڻ ڪري ڪافي سنڌي ساهتڪارن جي ويجهو اچڻ جو موقعو مليو. لوناوالا ۽ مائونٽ آبو وارن سيمينارن ۾ انهن ساهتڪارن کان گهڻو ڪجهہ سکڻ ۽ ٻڌڻ جو موقعو مليو.

1980ع ڌاري مني ڪهاڻيون، نئين ڪويتا لکڻ شروع ڪئي، ڪجهہ ڇپيون، ڪجهہ واپس موٽي آيون.

ڪردار جي بغاوت

ريتا ڪروڙپتي مائٽن جي لاڏلي ڌيءُ هئي، جنهن تي نه صرف لڪشميءَ جي ڪرپا هئي، پر شايد سڀني ديوي ديوتائن جي ڪرپا هئي. خوبصورت ايتري جو اِندر جون اپسرائون به هن اڳيان شرمائين. لڪشمي ۽ سرسوتي جي ڪرپا تمام گهٽ ماڻهن تي ٿيندي آهي. پر ان معاملي ۾ ريتا خوشنصيب هئي جو سرسوتي جي ڪرپا به هن تي پوري هئي. پڙهڻ لکڻ راندين سان گڏ سنگيت ڳائڻ ۽ ناٽڪن ۾ ڪم ڪرڻ ۾ به هوءَ اسڪول کان وٺي ڪاليج ۾ بي.اي. تائين اول رهي. ڪروڙپتي جي اولاد پر گهمنڊ هڪ پئسي جو به نه. ساهيڙيون ڍڙن ۾، انڪري نه نه هوءَ ڪروڙپتيءَ جي ڌيءُ هئي پر انڪري ته هن جو وهنوار سڀني سان ايترو سٺو هوندو هو جو جيڪو هن سان هڪ دفعو گڏبو هو، اهو هن جو دوست بڻجي ويندو هو. هن جا دوست هن جا نه صرف دوست هئا پر هڪ طرح جا مريد هئا.

ريتا ڪڏهين به دل ڦئنڪ جوانن کي لِفٽ ڪونه ڏني، باقي فضيلت وارن ڪلاس ميٽ ۽ ڪاليج جي ڇوڪرن سان بنان هچڪ آزاديءَ سان کلندي ڳالهائيندي هئي. ساهيڙين کي نه صرف ڪارائيندي پيارينڌي هئي پر غريب ڇوڪرين کي ٻين ساهيڙين جي معرفت مالي مدد ڪندي هئي، جيئن هنن جي خودداري کي ڇوٽ نه پهچي.

هر سال شهر جي ڪاليجن جي هڪ گڏيل سنگيت جي چٽاڀيٽي ٿيندي هئي، جنهن ۾ هر سال ريتا اول ايندي هئي. هن سال به ريتا ان چٽاڀيٽيءَ لاءِ تياري ڪري رهي هئي. ڪيس، سندس ساهيڙين، ڪاليج ميٽ ڇوڪرن ڪانسواءِ ليڪچرارنن - پروفيسرن ۽ پرنسيپال کي به پڪ هئي نه هر سال جيان هن سال به ريتا چٽاڀيٽيءَ ۾ اول ايندي ۽ انعام حاصل ڪندي - پر رب کي ٻيو ڪجهه منظور هو.

فهرست

''منهنجون شڀ ڪامنائون توهان سان گڏ آهن.''

''ٿئنڪ يوُ!''

چٽاپيٽيءَ ۾ ڀرو وٺڻ وارا سڀئي پنهنجو پنهنجو اسم پيش ڪري چڪا هئا. سڀني کي نتيجي جو انتظار هو.

ريتا جو چهرو گنڀير هو ۽ دل جي ڌڙڪن وڌي رهي هئي. زندگيءَ ۾ پهريون دفعو هن محسوس ڪيو ته دنيا ۾ نه، هن شهر ۾ ڳائڻ وارو هن کان سوا سير به آهي. پر وري پنهنجو پاڻ کي حوصلو ڏيڻ لڳي ته مون هن کان گهٽ ٿوروئي ڳايو آهي. جڄن جو به هر سال مون ڏانهن جُهڪاءُ هوندو آهي.

اڃا هن جي خيالن جي سلسلي ۾ رخنو پيو. مائيڪ تان آواز آيو ته ''ليڊيز ائنڊ جينٽلمين، هاڻ دل جهلي اچ جو نتيجو ٻڌو. هن سال چٽاپيٽيءَ ۾ پهريون نمبر، نالي ظاهر ٿيڻ کان اڳ ريتا جون ساهيڙيون ۽ ڪاليج ميٽ تاڙيون وڃائڻ لڳا. ڪمليش ريتا جي چهري ڏانهن نهاري مشڪي رهيو هو.

وري مائيڪ تان آواز آيو - هن سال جي چٽاپيٽيءَ ۾ اول آيو آهي - هن شهر ۾ نئون آيل جوان ڪمليش ڪمار.

نتيجو ٻڌي ريتا ۽ سندس ساهيڙين جا منهن لهي ويا. پر ريتا جلد پنهنجو پاڻ سنڀالي مشڪي ڪمليش کي واڌايون ڏنيون.

ٻنهي جي سڃاڻپ حجت ۾ بدلي ۽ حجت مان پيار ۾. گڏ گهمڻ، ڪائڻ پيئڻ، ناٽڪ ۽ سنگيت پروگرامن ۾ گڏ ڪم ڪرڻ. ٻنهي جي پريم جي چرچا ڪاليج جي هر شاگرد جي وات ۾ هئي. پر ٻنهي جا مائٽ هنن جي پريم کان بيخبر هئا.

ڪمليش جي ماءُ کي صرف ايتري خبر هئي ته ريتا ۽ ڪمليش ڪاليج ۾ گڏ پڙهندا آهن ۽ پاڻ ۾ سٺا دوست آهن، بس. پر ريتا جي ماءُ پيءُ کي نڪو انهن ڳالهين جي خبر هئي ۽ نڪو ڄاڻڻ جي فرصت. پيءُ کي ڌنڌي کان فرصت ڪونه هئي، ماءُ کي ڪلبن کان. ڏينهن هفتا ٻڻيا، هفتا مهنا ۽ مهنا سال. قدرت جي قائدي موجب وقت پنهنجي رفتار سان هلندو رهيو،

هن سال ڇنڊاڇاڻيءَ ۾ هڪ نئون چهرو ڪمليش نالي جوان نظر آيو. جنهن وقت ڪمليش اسٽيج تي پنهنجي اسم (گيت) پيش ڪري رهيو هو، ان وقت ائين لڳو ڄڻ سيني تي جنسي جادو ٿي ويو هجي. آواز - اداڪاري - پيش ڪش اينٽري ته سٺي هئي جو ازخود سيني جي وات مان واهه واهه نڪري ويئي. ٻڌندڙن جي دل جي ڌڙڪن وڌي ويئي. گيت نه پر امرت ورشا هئي. هاڻ ريٽا کي پنهنجي اول اچڻ ۾ شڪ پوڻ لڳو. گيت پوري ٿيڻ تي هزارين تاڙين سان هال گونجڻ لڳو. ريٽا به جادو جي اثر هيٺ تاڙيون وڄائي رهي هئي.

ريٽا جو وارو ڪمليش کان پوءِ هو. جيئن ئي ريٽا جو نالو پڪاريو ريو تيئن ڪاليج جو هال تاڙين سان گونجڻ لڳو. جتي ڪمليش جي گيت تي تاڙيون آخر ۾ وڄيون، اتي ريٽا جي نالي پڪارڻ سان ئي تاڙيون شروع ٿي ويون ۽ تيستائين وڄنديون رهيون جيستائين ريٽا اسٽيج تي پهچي مائيڪ سنڀالي ڳائڻ شروع نه ڪيو. هن جي گيت پوري ٿيڻ تي تاڙين جو انداز اڳي کان وڌيڪ هو. ريٽا کي هاڻ پڪ ٿي ته هن جو پهريون نمبر پڪو هو، ڇاڪاڻ ته ريٽا هن شهر جي هئي ۽ جج به ڪيس ۾ هن جي پيءُ کي سڃاڻندا هئا. ڪروڙپتي ماڻهون کي خوش رکڻ جو موقعو ڪير وڃائڻ چاهيندو؟ ٻيو جوان خوبصورت ۽ هزار جوانن جي دل جي ڌڙڪن.

ريٽا جيئن اسٽيج تان هيٺ لٿي، تيئن ڪمليش اڳيان اچي ڪيس واڌايون ڏنيون ۽ چيائين مِس ريٽا، توهان ته ڪمال ڪري ڇڏيو، اينٽرو مڌر گيت مون ته زندگيءَ ۾ پهريون دفعو ٻڌو آهي، توهان پڪ ئي پڪ اول ايندا.

”اهو ته مان هر سال ايندي آهيان، ان ۾ نئين ڳالهه ڪهڙي ٿيندي؟“ ريٽا مشڪي چيو.

”معاف ڪجو، مان هن شهر ۾ نئون آهيان، مونکي ان ڳالهه جي خبر ڪونهي.“

”بس ڪجهه منٽن ۾ توهان کي خبر پئجي ويندي.“

”ممي، مان ان سان.....“
”پيار ڪندي آهين...؟“
”ها ممي“ ريتا ڪنڌ هيٺ ڪندي چيو.
”پر ڇا ڪندو آهي؟ منهنجو مطلب آهي سندس مائٽن جو ڪهڙو ڌنڌو اٿن.“
”ممي، اڃا ته ايم. اي. فائينل ۾ آهي. پوءِ نوڪري ڪندو.“
”۽ سندس مائٽ؟“
”هن جو پيءُ ته ننڍي هوندي گذاري ويو. صرف گهر ۾ ماءُ پٽ آهن. ماڻس ڪنهن پرائيويٽ اسڪول ۾ ماستري ڪندي آهي.“
”ڪو بئنڪ بئلينس؟“
”نه ممي، غريب آهن.“
”ڏس پٽ، ڪاليج جي دوستي ڪاليج تائين نيڪ آهي. اهي پيار محبت جون ڳالهيون ناولن ۽ پڪچرن ۾ سٺيون لڳنديون آهن. اهو رشتو نڪو مونکي پسند آهي نڪو تنهنجو ڏئڏي منظور ڪندو، تنهنڪري تون هنن پنجن ڇوڪرن مان ڪنهن کي پسند ڪر ته ڳالهه فائينل ڪجي.“
”ممي، مان ڪمليش کانسواءِ رهي ڪونه سگهندس.“
”ريتا! اهي فلمي ڊائلاگ مون خوب ٻڌا آهن.“
اها ڳالهه ريتا جي پيءُ جي ڪنن تائين پهتي. هن ڪمليش کي گهرائي سمجهايو ۽ چيائين ته توکي لک به کپن ته وٺ، باقي ريتا جي پچر ڇڏي ڏي. آخر ۾ غنڊن کان مارائڻ جي ڌمڪي به ڏنائينس. ڪمليش فلمن جي هيرو جيان پئسن وٺڻ کان منع ڪئي ۽ فلمي ڊائلاگ دوهرائي ٻاهر هليو ويو ته اسانجو پيار سچو آهي ۽ دنيا جي ڪا به طاقت اسانکي ڌار نه ڪري سگهندي.

اکہ چنپ ۾ ٻہ سال گذري ويا.

□

ايم. اي. ۾ اچڻ کانپوءِ ريتا جا مائٽ ريتا لاءِ ڇوڪرو ڳولهڻ لڳا. هزارن ڪهاڻين جيان هتي ٻہ ٻن پريمين جي وچ ۾ اميري غريبي جي ديوار هئي، جا اينتري سخت ۽ مظبوط هئي جو گهٽ ۾ گهٽ ان کي پار ڪرڻ يا ڪيرائڻ جي همت ڪمليش پاڻ ۾ نہ پيو سمجهي.

ڪمليش جو پيءُ ننڍپڻ ۾ ڪنهن حادثي ۾ گذاري ويو. ماءُ گهرن جا ٿهاري باسڻ ڪري پيٽ کي پٽيون ٻڌي پٽ کي ايم.اي. تائين پهچايو. ماءُ پٽ جي نوڪري لڳڻ جو انتظار ڪرڻ لڳي. ڪمليش جي ماءُ کي ٻنهي جي دوستيءَ بابت خبر ضرور هئي، پر ان جي مائٽن جي مالي حالت بابت خبر نہ هئي، نڪو هن پڇڻ جي ضرورت سمجهي. ڪمليش جي ماءُ کي هونءَ بہ پڇ پڇ جي اجائي عادت ڪونہ هئي.

هڪ ڏينهن ريتا جي ماءُ ريتا کي هڪ ڇوڪري جي فوٽو ڏيکاريندي چيو، ”ريتا پٽ! هيءُ ڏس تنهنجي مائٽيءَ لاءِ فوٽو آيو آهي ۽ ها، ٽيبل تي ٻين چئن ڇوڪرن جا فوٽا بہ پيا اٿئي، جيڪو توکي پسند اچي، ان جي مائٽن سان ڳالهہ اڳتي وڌائجي.“

ريتا ماءُ کي جواب ڏيڻ بدران هچڪي هچڪي چيو، ”ممي، توهان جو ڪمليش بابت ڇا خيال آهي؟“

”ڪير ڪمليش؟ ڪهڙو ڪمليش؟“

”ممي، منهنجو ڪلاس ميٽ، جيڪو ڪڏهين ڪڏهين مونسان گڏ پنهنجي گهر بہ ايندو آهي...“

”شڪل شبيہ جو نيڪ لڳندو آهي ۽ فضيلت وارو بہ ڏسڻ ۾ ايندو آهي.“

کي زوريءَ مڃائڻ جي ڪوشش ڪندو هو. سنيتا مشڪي بحث کي پورو ڪندي هئي. ڪهاڻيءَ کي اڳتي وڌائڻ بابت سوچيندي سوچيندي سنتوش کي ننڊ اچي ويئي.

اوچتو ها...ها...ها...جو آواز ٻڌي سنتوش جي اک کلي. اکيون مهٽي پلنگ تي ويهي رهيو ۽ ٻتي ٻاري هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو. هن کي هڪ پاڇو نظر آيو، جيڪو وڏا ٺهڪ ڏيئي ها...ها...ها..ڪري رهيو هو.

”اي مسٽر! تون ڪير آهين؟ ۽ منهنجي بيڊ روم ۾ ڪيئن گهڙي آيو آهين؟“

”مسٽر ساهتيڪار، چڱيءَ طرح ڏس، مان ڪير اهيان؟“

”ڪير آهين تون؟ مان توکي ڪونه سڃاڻان...؟“

”مان آهيان ڪمليش.“

”ڪهڙو ڪمليش؟ مان ڪنهن ڪمليش کي ڪونه سڃاڻان!“

”ڪمال آهي سائين! توهان منهنجي لاءِ برهما آهيو، منهنجا جنم داتا، منهنجا سرجنهار آهيو. توهان مونکي خلقيو آهي.“

”ڇا بڪواس ڪري رهيو آهين؟“

”منهنجا سائين! مان بڪواس ڪونه ڪري رهيو آهيان. مان عرض ڪري رهيو آهيان. مان آهيان توهان جي ڪهاڻيءَ جو ڪردار ڪمليش...توهان جي ڪهاڻيءَ جو هيرو - ڪمليش.“ ڪمليش ٺهڪ ڏيئي چيو.

”پر ڪهاڻيءَ جو ڪردار ته خيالي هوندو آهي، انهيءَ جو ڪو وجود ڪون هوندو آهي.“

”توهان ڀلجو ٿا سائين! ڪٿي ڪردار جو وجود اينرو ته وڌي ويندو آهي جو ليکڪ کان وڌيڪ ماڻهون ڪردار کي ياد رکندا آهن.“

”پر ان جي سڄي credit ته ليکڪ کي هوندي آهي. پر ڪردار ڏسڻ ۾ ٿورئي ايندو آهي؟“

ڪمليش ريٽا سان ٻه ڏينهن ڪونه ڳڏيو. ريٽا ڪنهن نموني ڪمليش کي باغ ۾ ڳڏجڻ لاءِ راضي ڪيو ۽ ڪمليش کي ياڪر ۾ ڀري چيائين، ”ڪمليش، اسانکي دنيا جي ڪابه طاقت ڌار نه ڪري سگهندي، صرف تون همٿ ڪر. پاڻ ٻئي پڙهيل لکيل آهيون، توري ڪوشش سان ٻنهي کي نوڪري ملي ويندي. ٻئي بالغ آهيون، ڪورٽ ۾ هلي شادي ڪنداسين. پاپا کي لکن ۾ نه ڪروڙن ۾ بلئڪ مني آهي. مان انين ڍهين لکين جو سون مين، هيرا ۽ ڏهه لکه روپيه روڪڙا ڪڍي توسان ٻئي شهر ۾ پڄي ملڻ لاءِ تيار آهيان، صرف تون همٿ ڪر. ڏس ڪمليش، هر ڪروڙپتي مائٽ پنهنجي ٻارن جي جذبات سان ڪيلين ٿا ۽ ڪوڙي شان خاطر انهن جي پيار کي ختم ڪن ٿا. مان سماج جي ڪوڙي شان خاطر پنهنجو پيار قربان نه ڪندس.“

ڪمليش سپ ٻڌندو رهيو. آخر ۾ چيائين، ”سڀاڻي هنني ۽ هن وقت مان توکي ان ڳالهه جو جواب ڏيندس.“

□

مشهور سنڌي ڪهاڻيڪار سنتوش سانولاڻي مٿين اڌوري ڪهاڻي لکڻ کان پوءِ پاڻ کي ٿورو ٿڪل محسوس ڪيو ۽ اڳتي جي ڪهاڻي ٻئي ڏينهن لکڻ جو ويچار ڪيو.

گهڙيءَ ۾ رات جا ساڍا ٻارهان ٿي رهيا آهن. سامهون واري پلنگه تي سندس زال سنيتا سمهي پيئي هئي، جنهن کي ننڊ هئي. سنيتا به مڙس جيان ڪاليج ۾ پروفيسر هئي. اها ڳالهه ڌار آهي ته ٻنهي جا سبجيڪٽس ڌار ڌار هئا. سنيتا فلاسافيءَ جي پروفيسر هئي ته سنتوش هنديءَ جو پروفيسر هو. ها، هن سائڪالاجيءَ ۾ به ايم. اي. ڪري رکي هئي.

ٻنهي زال مڙس جي ساهتيه ۾ دلچسپي هئي. ڪهاڻيءَ جي پلاٽ تي ۽ ڪردار جي اخلاق بابت اڪثر ٻنهي ۾ بحث ٿيندو هو. بحث ڪرڻ ۾ سنيتا سنتوش کان وڌيڪ هوشيار هئي. پر سنتوش هميشه مڙس ۽ مرد هئڻ جو فائدو وٺي پنهنجي ڳالهه

ڪرڻ سان سماج ۾ تنهنجي مائٽن ۽ خاندان جي ڪيڏي نه گلا ٿيندي. هن جنم ۾ شايد قدرت کي اسانجو ملڻ منظور ڪونه آهي، ٻئي جنم ۾ پاڻ ضرور ضرور ملنداسين.....''

''پر ساهتيڪار صاحب! توهان مونکي هروڀرو اخلاق جو پتلو ڇو ٿا بڻائڻ چاهيو.''

''ڏس، مان تنهنجو جنم داتا آهيان، جيئن مونکي وٺندو تيئن توکان ڪرائيندس.''

''ساهتيڪار صاحب! ايماندار ساهتيڪار اهو آهي جيڪو پنهجو عڪس ڪردار ۾ پري، جيڪو سندس چريتر هجي اهو ئي ڪردار جو ڏيکاري.''

''آخر تون چوڻ ڇاٿو چاهين؟''

''توکي هاڻ نه ٻڌايم.''

''پر مان نه ريتا کي پڇائي وٺي وڃڻ چاهيان ٿو. ٻئي بالغ آهيون. ڪورٽ ۾ سول مئريج ڪري ڪي سال نه عيش ڪنداسين. ڪروڙپتيءَ جي ڌيءُ آهي، ڪن ڏهه پندرنهن لکن کي تپ ڏيئي ايندي، سون مين ان کان سواءِ.''

''نه، هرگز نه.''

''ساهتيڪار صاحب! توهان کي خوبصورت ۽ تعليم يافت زال آهي، تڏهن به توهان ٻين جي زالن ۾ اکيون رکندا آهيو.''

''ڪير ٿو چوي؟''

''سڄي دنيا ٿي چوي. توهان جي عاشق مزاجي سيني ساهتيڪارن ۾ مشهور آهي. اڪثر توهان جي چريتر تي چرچا ٿيندي رهندي آهي.''

''ڇا بڪواس ڪري رهيو آهين؟''

''مهربان سائين! ڇا اهو سچ ڪونهي نه ساهت سيمينارن ۾ توهان اڪاڊمين جي گيسٽ هائوسن ۾ مسز گينا گرناڻيءَ سان گڏ سُرا پان ڪري عيش ڪونه ڪندا آهيو؟''

''اهو سڀ منهنجا دشمن ساهتيڪار مونکي بدنام ڪرڻ لاءِ افواه ڦهلائي مونکي بدنام ڪري رهيا آهن.''

”سائين ڏسڻ ۾ ته من ۽ آتما به ڪونه ايندا آهن، ڇا انهن جو به ڪو وجود ڪونهي؟“

”ها، انهن جو به ڪو وجود ڪونهي.“

”ڇا توهان جي چوڻ سان؟ مهربان سائين، سچي دنيا جو ساهتيه من ۽ آتما تي بيٺو آهي. جي من ۽ آتما جو وجود نه هجي ها ته دنيا جو مهان گرنٿ گيتا اڄ وجود ۾ نه هجي ها.

”ڏس مان سائڪالاجي ۾ ايم. اي. آهيان. بحث ۾ مونکان ڪٽي ڪونه سگهندين.“

”ٺيڪ آهي. توهان جي دل رکڻ لاءِ مان اهو به مڃان ٿو.“

”هاڻ آئين ته سڌي رستي تي.“

”پر ڪرپانڌان، منهنجو هڪ عرض آهي.“

”ڇئه“

”توهان سياڻي مونکان ريٽا کي ڪهڙو جواب ڏياريندا؟“

”سوچڻ ڏي.“

”سائين، توهان سوين ڪهاڻيون لکي چڪا آهيو. ڊزنن ۾ انعام حاصل ڪري چڪا آهيو.“

”ها! اهو ته آهي.“

”پوءِ ٻڌايو ته مان سياڻي ريٽا کي پڄائي وٺي وڃان؟“

”نه“

”پر توهان هرويرو منهنجن ارمانن جو خون ڇو ٿا ڪرڻ چاهيو؟“

”ڏس، سٺي ساهتيڪار جو فرض آهي اخلاقي ڪهاڻيون لکي جيئن سماج ۾ سڌارو اچي.“

”ها...ها...ها... سائين توهان جي به ڪهڙي ڳالهه ڪجي. آخر ٻڌايو ته سهين ته مان سياڻي ريٽا کي ڪهڙو جواب ڏيان؟“

”توکي سياڻي ريٽا کي چوڻو آهي، ’ريٽا ڊارلنگ، پيار ٻن جسمن جو نه، پر ٻن آتمائن جو ملن آهي، مان سوارٿي ڪونه آهيان جو جسم جي بک واسطي توکي پڄائي هلان. ائين

سچا پ پاڻ آهين، پر سڀني آلوچڪ پڻ. ساهتيہ ۾ تنهنجو پورو دخل آهي.''

''آخر ٿيو ڇا؟''

''هو حرامزادو بغاوت ڪيو ويٺو آهي.''

''نہ، اڄ توهان جو من توهان جي آتما توهان سان بغاوت ڪري رهي آهي. آخر ٻڌايو تہ سهين تہ توهان جو ڪردار توهان سان بغاوت ڇو ۽ ڪهڙي نموني ڪري رهيو آهي؟''

سنتوش مشڪي ڪري سڀ وستار سان ٻڌايو. ''پر توهان ۽ ڪردار جي وچ ۾ اها گيتا گرناٽي ڪٿان آئي؟''

''توئي ڇيو تہ اها لڙائي ڪردار ۽ منهنجي وچ ۾ نہ پر منهنجي ۽ منهنجي من جي وچ جي هئي. يعني هڪ طرح سان وويڪ جي.''

''ڏسو! جيڪا ڳالهہ مون توهان کي ڏهن سالن ۾ ڪونہ ورجائي، سان توهان کي ڪردار ڇئي ويو. مان تہ گهر جي شانتي ۽ لاءِ مات رهيس ۽ توهان جو ڪردار بغاوت ڪري ويٺو.''

ٻنهي زال مڙس هڪ ٻئي ڏانهن مشڪي نهاريو ۽ ٻتي وسائي ننڊ ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا.

□

”پر مونکي نہ توهان جي چريتر جي تِر تِر خبر آهي.“

”اڙي بابا! مان توکي هٿ ٿو جوڙيان، مهرباني ڪري منهنجي پڇر ڇڏ.“

”پوءِ مان ريتا کي پڇائي وٺي وڃان...؟“

غصي ۾ اچي سنتوش ٽيبل تي رکيل خالي گلاس کڻي ڪمليش ڏانهن اُڇلايو. ڪمليش ها...ها...ها...ڪري گم ٿي ويو.

گلاس جي ڪرڻ جو آواز ٻڌي سنتوش جي زال سنيتا جي اکہ کلي پيئي ۽ مڙس کي سهڪندو ڏسي پڇيائين، ”ڇا توهان کو خراب سپنو ڏٺو آهي؟“

”نہ...نہ...“سنتوش پاڻ کي سنڀاليندي چيو.

”پوءِ توهان سهڪو ڇو پيا ٿا؟ ۽ توهانجي چهري تي غصو صاف نظر اچي رهيو آهي. آخر ڳالهہ ڇا آهي؟“

”ڪا خاص ڳالهہ ڪونهي.“

”عام ئي سهين، ٻڌايو تہ ڳالهہ ڇا آهي؟“

”ڪو حرامذادو....“

”ڪير...؟“

”ڪمليش....“

”ڪير ڪمليش؟“

”منهنجي ڪهاڻيءَ جو ڪردار.“

سنيتا پهرين مشڪي ۽ پوءِ ٽهڪ ڏيئي چيائين، ”توهان غصي ۾ اچي پنهنجي ڪهاڻيءَ جي ڪردار ڪمليش ڏانهن گلاس اُڇلايو.“

”ها.“

”پر ڪردار تہ خيالي ٿيندا آهن.“

”ها.“

”پوءِ توهان گلاس ڇو اُڇلايو؟“

سنتوش ڪو جواب ڪونہ ڏنو. اٿي ڪري گلاس پٽ تان کڻي پاڻي ڀري پيتائين ۽ چيائين، ”سنيتا، تون نہ صرف

ڳهڻ ۾ ڳهڻ سندس پڻي يعنيٰ منهنجي سس هن کي ڳهڻ سهندي هئي، پائيندي ڳهڻ هئي ۽ پورهيو وڏيڪ ونندي هئي. اڳر هوءَ به منٺ مونسان بيهي ڳالهائيندي هئي ته منهنجي سس جي رڙو رڙ ڪم لاءِ شروع ٿي ويندي هئي 'ڪشوري ڳهر جو ڪم پيو آهي ۽ مهاراڻي ويٺي قصا ڪُٺي.'

منهنجا سالا ساليون به هن سان دلي همدردي رکندي به ماءُ جي ڊپ کان اها همدردي ڏيکاري ڪونه سگهندا هئا.

هر آرتوار تي مان پنهنجي زال کي ۽ ننڍن سالن سالين کي گهمائڻ وٺي ويندو آهيان. هاڻي ڪشوري به اسان سان گڏ هوندي آهي. سس گهڻئي بهانا ٺاهائيندي هئي ته ڪشوري اسان سان گڏ گهمڻ نه هلي، پر منهنجي ضد اڳيان آخر هن کي ها ڪرڻي پوندي هئي.

وقت پنهنجي رفتار سان هلندو رهيو. ڪشوري جي جواني ۽ خوبصورتي ڏينهون ڏينهن وڌي رهي هئي. هن کي ڏسي دل ۾ ڪتڪتائي ٿيندي هئي. پر سماج جي مريادا اڳيان.....

هڪ ڏينهن ساهرن ۾ ويس ته ڏٺم ته ڪشوري گهر ۾ اڪيلي هئي. پڇڻ تي ٻڌايائين ته دادا دڪان تي، دادي زالن ۾ ۽ ممتا، موهن ۽ سريش ڪاليج ۾.

"يعنيٰ اڄ گهر جي مالڪياڻي تون آهين."

"ها، ڪن ڪلاڪن لاءِ..." هن مشڪي چيو. پوءِ ڪچن ۾ چانهن ٺاهڻ هلي ويئي. جلد به ڪوپ چانهه جا کڻي ٻاهر آئي، هڪ مونکي ڏيئي ٻيو پاڻ سِپ ڪرڻ لڳي. مان ڪشوريءَ کي يڪ ٽڪ نهاري رهيو هوس، اکيون اکين سان مليون ۽ دلين جي ڌڙڪڻ وڌڻ لڳي.

پر جلد ئي هن اکيون جهڪائي شرمائي چيو، "ڇو جيجاجي، اڄ مونکي پهريون دفعو ڏٺو اٿوَ ڇا، جو گهوري نهاري رهيا آهيو. ڪٿي مونکي اڪيلو ڏسي توهانجي من ۾...." هن شوخيءَ ۽ شرارت وچان پڇيو.

"جواني ۽ خوبصورتي ته وڏن وڏن رشين منين جي ايمان

سـمـجـھـوتـو

منهنجي شادي نہ صرف شهر ۾ ٿي، پر ساڳئي پاڙي ۾ ٿي، تنهن ڪري ساهرن ۾ اچڻ وڃڻ هڪ طرح سان روز ٿيندو هو. منهنجي ساهرن جي ڪٽنب ۾ ڪل پنج ڀاتي - سس، سهرو، ٻہ سالا ۽ هڪ سالي. اوچتو هڪ ڏينهن هڪ نئون چهرو نظر آيو. هن مونکي هٿ جوڙي 'نمستي جيجاجي' چيو. مان جواب ڏيڻ بدران هن جي چهري ڏانهن يڪ ٽڪ نهاري رهيو هئس ۽ هوءَ شرمائجي ڪنڌ هيٺ ڪري بيٺي هئي. منهنجي چهري اڳيان هٿ هيٺ مٿي ڪري فلمي اسٽائيل ۾ منهنجي ساليءَ مونکي سجاڳ ڪندي چيائين، ''جيجاجي، ڪهڙي دنيا ۾ پهچي ويا. هن سان ملو، هيءُ آهي ڪشوري، منهنجي ڀيڻ يعنيٰ توهانجي سالي نمبر ٻہ.''

''يعنيٰ هڪ ڏينهن ۾ ايڏي وڏي جوان ۽ خوبصورت سالي پئدا ٿي ويئي.''

''نہ جيجاجي، هيءَ تہ سترنهن سال اڳہ جوڌپور ۾ جائي آهي، هيءَ منهنجي ماروٽ آهي.''

پوءِ خبر پيئي تہ ڪشوريءَ جو پيءُ ننڍپڻ ۾ ڪنهن حادثي ۾ گذاري ويو ۽ سندس ماءُ بہ مهنا اڳہ بيماريءَ ۾ گذاري ويئي. ڪيس ڪو ڀاءُ ڀيڻ ڪونہ هو. مالي حالت ڪمزور هئڻ سبب ڪو بہ مٽ مائٽ اڳيان اچڻ لاءِ تيار ڪونہ هو، تڏهن منهنجو سهرو هن کي پاڻ سان گڏ وٺي آيو. گهر جي حالت سبب هوءَ انٿين درجي کان مٿي پڙهي ڪونہ سگهي.

جيئن گهر جا ٻيا ڀاتي ۽ ٻار جلدي مونسان هجائتا ٿي ويندا آهن، تيئن ڪشوري بہ مونسان جلدي هجائتي ٿي ويئي، پر بنان ماءُ پيءُ جي هئڻ سبب هيسيل هيسيل رهندي هئي.

چيو. ڪشوري شوخيءَ شرارت وچان آڱوٺو ڏيکاري ڀڄي ويئي.

وقت جي رفتار کي ڪير روڪي سگهيو. ڪشوري پنجن سالن کانپوءِ گڏي، منهنجي سهري جي موٽ تي. سڀ ڏيءُ هجي ها ته ڇهين ٻارهين مهني نه اچي ها. خير!

ٻارهي کانپوءِ اڪيلي گڏي، ”سالي صاحبان، ڪهڙو حال آهي؟“

”حال ته منهنجو چهرو صاف صاف ٻڌائي رهيو آهي.“ ٺٺڪي مشڪ آڻي ڪشوريءَ چيو.

”ڪشوري، تو زندگيءَ سان سمجهوتو ڪيو، پوءِ شڪايت ڇاجي؟“

”جيجاجي، اڳي ته توهان جون اکيون منهنجي چهري تان هٽنديون ڪونه هيون. هاڻي شايد ان ۾ اها رونق ۽ ڪشش ڪونه رهي آهي!“

”سالي صاحبان، تون ته سدا بهار آهين.“

”جيجاجي، مان روز آرسي ڏسندي آهيان، هتي به سيني ورجايو آهي ته ڪشوري توکي ڇا ٿي ويو آهي؟“

”ته توکي اها شڪايت آهي ته ٻين وانگر مون توکي ڇو نه ورجايو آهي.“

”جيجاجي، مان توهان سان گڏ ٿورو وقت گذاريو آهي، پر توهان کي جيترو مان سڃاڻان، شايد توهان جا ماءُ پيءُ به ڪونه سڃاڻندا هوندا.“

”اڇا منهنجي ڏاڏي! سو ڪيئن؟“

”جيجاجي، مان ٿلي اٺ درجا پڙهيل آهيان، پر توهان جي صحبت ۾ ڪافي ڪجهه سکي آهيان. پڙهائي رڳو اسڪولن ۽ ڪاليج ۾ ڪونه ٿيندي آهي... ساهرن ۾ به مونکي ’وات جو وڪيل‘ چوندا آهن.“

”اهو ته دنيا جو دستور آهي. جنهن دماغ جو استعمال گهڻو ٿيندو آهي اتي ڪونه ڪو لقب يا اسم عطا ڪيو ويندو

لوڏي چڏيندي آهي، مان تہ هڪ رواجي انسان آهيان....۽ بي ڊپو ۽ اڪيلائيءَ ۾ توکي اڄ پهريون دفعو ڏسي رهيو آهيان... تنهنجي خوبصورتي ۽ جوانيءَ کي اکين رستي اندر ۾ لاهڻ چاهيان ٿو.'' مون هن کي پاڪر ۾ پرڻ چاهيو، پر هوءَ ڦرتيءَ سان پاڻ ڇڏائي شرارت سان آڱوٺو ڏيکاري ٻاهر نڪري چوٽ تي هلي ويئي ۽ هٿ جي اشاري سان مونکي بہ چوٽ تي اچڻ لاءِ چيو ۽ مٺي ٻيهي چوڻ لڳي، ''اچو جيجاجي، هت صاف ۽ سٺي هوا آهي ۽ توهان کي هن وقت صاف ۽ سٺي هوا جي ضرورت آهي.'' مان چوٽ تي ويس، ٿوري دير ۾ منهنجا سالا ساليون بہ اچي ويا. ڪلاڪ اڌ گپ شپ هڻي مان گهر موٽي آيس.

☐

چار پنج مهينا گذري ويا. منهنجي بدلي ٻئي شهر ۾ ٿي ويئي. ان وچ ۾ منهنجي سهري ڊڪ ڊوڙ ڪري ڪشوريءَ لاءِ هڪ غريب پر خانداني گهر ڳولهي ڪڍيو، جيڪي سنڌ ۾ تہ زميندار هئا، پر هت گردش جي مار کان غريب ٿي ويا. چاڪاڻ تہ هنن ڏيتي ليتيءَ جي گهُر ڪونہ ڪئي، تنهنڪري پنجن سٺن هزارن ۾ ڪم پتجي ويو. مان بہ هڪ ڏينهن لاءِ شاديءَ تي آيس. ڇوڪرو سڌو سادو يا هڪ طرح ٻاٻو ٻُڏو هو، پر شريف خانداني. جڳهہ مسواڙي هئن. پاسي ۾ ڪراني جو دڪان هئن، جتي ٻئي ڇڪي پيٽ ڪڍندا هئا. جتي ڪشوري قداور ۽ بدن جي پريل هئي، اتي ڪشوريءَ جو گهوٽ قد جو ننڍو ۽ سنهو سُڪل هو.

خير! شادي سکہ سان گذري. شاديءَ کان اڳہ ڪشوري اڪيلي ۾ گڏي ۽ شوخيءَ ۽ شرارت مان چيائين، 'توهان جي تمنا دل جي دل ۾ رهجي ويئي.'

''تون چاهين تہ هاڻي بہ پوري ٿي سگهي ٿي.'' مون کلي

سلسلو انتي ئي ختم ٿي ويو.

ٻن ٽن سالن کانپوءِ ٻڌم تہ ڪشوريءَ جي گهوٽ پهلاج کي سندس سوٽ، جنهن جو هانگ ڪانگ ۾ ڪم هو، پاڻ وٽ گهرائي سڏي پگهار تي رکيو. هن ٻين ٻہ ڪافي مائٽن تي هٿ رکيو، جيڪي جوان ڇوڪرا هئا ۽ عمر اناويهہ ٽيهہ سال هئن، پر گهٽ ۾ گهٽ ٽن سالن جي مسافريءَ جي شرط هوندي هئي.

ڪشوري جي مالي حالت هاڻي سڌري رهي هئي. جتي اڳي ڏياريءَ تي پوچي لڳائڻ بہ ڏکيو ڪم ٿي لڳو، اتي هاڻي جڳهہ چمڪي ٿي. رنگ روغن..ٽي.وي....فرج...وي.سي.پي. ۽ اڄ جي ضرورت جو سڀ سامان ڪشوريءَ جي گهر ۾ هو.

ڪشوريءَ کي ٻہ ٻار بہ ٿيا جيڪي هاڻي مهانگي اِنگلش ميڊيم اسڪول ۾ پڙهندا هئا. ڪشوريءَ جي چهري تي اها ساڳي پراڻي رونق موٽي آئي.

□

منهنجي سس جي موت تي ڪشوري ٻنهي ٻارن سوڌي آئي. ٻار هاڻي سمجهہ وارا هئا. ماڻس وانگر هو بہ مونکي دادا دادا چئي چنبڙندا هئا. ساهري ڪٽنب ۾ سيني جي شادي ٿي چڪي هئي. سالي سالن جي سيني کي ٻہ ٻہ ، ٽي - ٽي ٻار هئا. ينعي ڪل ڏهہ - ٻارنهن ٻار. ڏهہ سال پراڻا وارا ساڳيا ڏينهن موٽي آيا. ساڳي هنبو چيچي ۽ ٿڪن تي ٿڪ. ٻار وڏا سڀ خاص ڪري ساليون، انهن جا ٻار روز ڪٿي نہ ڪٿي گهمڻ وڃي هلڻ لاءِ چوندا هئا.

هڪ ڏينهن ڪشوريءَ کي اڪيلي ڏسي ۽ چيم، ”هاڻ تہ تون ڪنواري هوندي کان وڌيڪ ڪشواري پيئي لڳين.“

”ڇو دادا! وري توهان جو ايمان....“

”ها، ايمان تہ لڏي رهيو آهي.“

”دادا! توهان ۾ اها همٿ ڪٿي آهي جو پنهنجون

آهي. تون ذهين آهين ۽ ماڻهن کان برداشت ڪونہ ٿيندو هوندو.''

''جيجاجي، هرو ڀرو گهٽو نہ چاڙهيو.''

''چو، هينئر لهڻ ۾ توکي ڊپ ٿيندو ڇا؟''

''توهان جي هوندي نہ....''

اينتري ۾ ڪشوري جو گهوٽ پهلاج اچي ويو. مون هن کان حال احوال پڇيو، پر هن ۾ اينتري تہ احساس ڪمتري هئي جو هن جو اسان سان گڏ وهڻ ۾ ساهہ منجهڻ لڳو. مان حالت کي نارمل ناهڻ لاءِ ڪم جو بهانو ڪري اتان کسڪي ويس. منهنجي سامهون ڪشوريءَ جي شاديءَ جي رات وارو نظارو اکين آڏو ڦري آيو تہ ڪشوريءَ جي گهوٽ کي ڏسي منهنجي ساليءَ ۽ پاڙي جون ڇوڪريون کيئن ٺهہ ٺهہ ڪري کلي، ڪشوريءَ ۽ ڪشوريءَ جي گهوٽ سان چٽرون ڪيون ۽ سس پس ڪري چوڻ لڳيون تہ ڪشوري تہ گهوٽ جي ماءُ ٿي لڳي.

مان ٻئي ڏينهن پهلاج کي وٺي فلم ڏيکارڻ ويس، پر مون محسوس ڪيو تہ هن کي منهنجي ڪمپنيءَ مان مزو ڪونہ ٿي آيو. مون هن سان ڳالهايو ٿي تہ مشيني انداز ۾ صرف ها ۽ نہ سان جواب مليو ٿي.

ٻئي ڏينهن ڪشوريءَ کان پڇيم، ''ڪشوري، ساهرن ۾ سکي تہ آهين نہ؟''

''دادا! توهان کي سڀ خبر آهي پوءِ ڇو ٿا زخمن تي لوڻ ٻرڪيو؟''

''ڪشوري ....مان.....مان....''

''ها دادا! توهان مونکي خوش ڏسڻ ٿا چاهيو نہ؟''

''ها''

''پر دادا، ڪنهن کي سک لکيل نہ هجي تہ....''

اينتري ۾ منهنجي سالي ممتا اچي ويئي ۽ ڳالهين جو

”نہ.... نہ.. جيجاجي اسين گانڌي بابا جون چيليون آهيون، جيڪي پئسا توهان جا اجايا بئنڪ ۾ باسي ٿي رهيا آهن، انهن مان صرف ٻہ سوُ سڦلا ڪرڻ چاهيون ٿيون.“
”پر رومانٽڪ فلم ڏسندي ڏسندي ڪٿي نيت....“
”رهڻ ڏيو جيجاجي، توهان صرف وات جا ورا ڪائي چاڙهو.“
ڪل خوشيءَ ۾ وقت ڪيئن گذري ويو ٻين مهمانن سان گڏ ممتا، ڪشوريءَ مان پنهنجي پنهنجي شهر موٽي آياسين.
ڪشوريءَ کي سکيوءَ خوش ڏسي مونکي تمام خوشي ٿي. ڪن مائٽن کان ڪشوريءَ لاءِ ڪجهہ ڪاريون ڦڪيون ڳالهيون ٻڌيون، پر پنهنجي سياءَ سبب ورجائڻ مون واجب ڪونہ سمجهيو.

☐

ڏهہ سال ٻيا گذري ويا. منهنجا ٻار ٻہ وڏا ٿيا. انهن جي پڙهائيءَ اڄ جي نين ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ ڏڳي جيان گهاڻي ۾ هلڻو پوي ٿو. اڄ پنهنجي سڌ سماءُ رکڻ بہ وڏي ڳالهہ آهي. اڄ جي ڪشمڪش انسان کي مشين بڻائي ڇڏيو آهي پر ان معاملي ۾ مان ڪجهہ خوش نصيب آهيان جو شريمتيءَ کي اجاين سجاين ڳالهين جو شونق ڪونهي - گهر کي پڪائيءَ سان هلائيندي آهي، تنهن ڪري مالي مشڪلات منهنجي سامهون ڪڏهن ڪونہ آئي آهي. ها باقي سنڌي رسالن ۽ اخبارن جو چندو موڪلڻ وقت ڪنجهندي ڪُرڪندي آهي. پر جڏهن ڪتان انعام يا اڪادميءَ کان رچنائن جو اُجورو ايندو آهي تہ هن جو دک درد کي قدر گهٽبو بہ آهي.
هاڻ ڪشوري چاليهہ پار ڪري چڪي آهي. چار ٻار اٿس، ٻہ ڇوڪرا ۽ ٻہ ڇوڪريون. پر پئسن جي خوشيءَ سبب اڃان بہ پاڻ ڪٽي ويٺي هئي. چهري تہ رونق ۽ ڪشش برقرار هئس. ڪشوريءَ جا سس سهرو ڀڳوان جا پيارا ٿي چڪا هئا. ان وچ ۾

تمنائون پريون ڪريو!‘‘

’’ڪشوري! تون منهنجي مردانگيءَ کي للڪاري رهي آهين.‘‘

’’دادا! مرد هئڻ ۽ همت هئڻ ڌار ڌار ڳالهه آهي.‘‘

’’يعني منهنجي ٻلي ۽ مونسان ميائون!‘‘

’’ميائون ڪرڻ ٻليءَ جو سياءُ ۽ حق آهي.‘‘

’’پائي مان ٻه ٻڌان ته ڪهڙي حق جي ڳالهه تي رهي آهي؟‘‘ اهو منهنجي ساليءَ ممتا پويان لفظ سٽ جا ٻڌندي چيو.

هاڻ ڪشوري ٿڌي ٿي جواب ناهڻ سڪي ويئي آهي.

’’ممتا، دادا چون ٿا ته ممتا منهنجي سڳي سالي ۽ تون اڌاري سڌاري سالي آهين تنهنڪري جيڪو حق ممتا جو آهي، سو ڪشوريءَ جو ڪونهي‘‘

’’جيجاجي، توهان اِندر جي اپسرا جهڙي ساليءَ سان ناانصافي ڪري رهيا آهيو.‘‘

’’سالي! مان اِندر جي اپسرا آهيان‘‘ ڪشوريءَ ممتا کي پٺن جي مُڪ هڻندي چيو.

’’مان جيڪر ڇوڪرو هجان ها ته توکي جيڪر بمبئيءَ ڀڄائي وٺي وڃان ها.‘‘

’’پر دادا ته مرد آهي، اهي ڀڄائي وٺي ڇو نه ٿا وڃن.‘‘

’’دادا ته اخلاق جا پتلا آهن.‘‘

’’تون دادا جي ساراه ڪري رهي آهين يا گلا؟‘‘

’’اها ته پنهنجي سمجهه آهي.‘‘

’’پائي ٻئي ساليون گڏجي ڪري هن غريب تي اڄ مهربان ڇو آهن؟‘‘

’’جيجاجي، گهٽا ڏينهن ٿيا آهن توهان سان فلم ڪونه ڏٺي آهي.‘‘

’’يعني ٻئي گڏجي ڪري غريب جيجاجيءَ جي ٻن سون جو خون ڪرڻ جي موڊ ۾ آهيو.‘‘

دادا زنده باد جو نعرو هڻندي ٻار ته هليا ويا. هاڻ ڪشوري ۽ مان رهيل هئاسين.

جيڪا ڳالهه مون دل ۾ ۱۵ سالن کان سانڍي رکي هئي، اڄ اها ڳالهه ٻاهر اچڻ لاءِ آتي هئي. هاڻ مون ڪشوريءَ کي چيو، ''ڪشوري، ڪنهن کي به ڪنهن جي ذاتي زندگيءَ ۾ دخل ڏيڻ جو حق ڪونهي. پر مان توکي سيني کان ويجهو ۽ پنهنجو سمجهندو آهيان، تڏهن توکان تنهنجي شخصي زندگ يءَ بابت ڪجهه پڇڻ چاهيان ٿو.''

''دادا! مونکي خبر آهي ته توهان ڇا ٿا پڇڻ چاهيو. توهان پهريان انسان آهيو جنهن ۱۵ - ۱٦ سالن ۾ سيني کان ويجهو ۽ هڄائتو هوندي نکو ڪجهه پڇيو آهي نکو ورجايو آهي. توهان جهڙا نيڪ ديوتا جهڙا انسان ڌرتيءَ تي تمام گهٽ آهن.''

''ڪشوري، مونکي رواجي انسان ٿي رهڻ ڏي. ديوتا بڻجڻ ۾ منهنجي ڪا دلچسپي ڪونهي.''

''توهان اهو پڇڻ ٿا چاهيو نه ته سماج ۽ مائٽن ۾ منهنجي اخلاق ۽ چريتر کي وني ماڻهون ڳالهيون ڪندا آهن، انهيءَ ۾ ڪيتري سچائي آهي؟''

''ها''

''دادا! مان به ۱۸ - ۱۹ سالن کان دل جو سور اندر ۾ سانڍي ويني آهيان، سليان به ته ڪنهن سان؟''

''رهڻ ڏي ڪشوري. مان تنهنجي دل نٿو دکائڻ چاهيان.''

''نه دادا! توهان جي منهنجي دکن جو داستان نه ٻڌندا ته مونکي زندگي ڀر ڏک رهندو نه دادا به منهنجو دک ٻڌڻ ۽ وڙهائڻ ۾ نتائن ٿا....ترسو، مان ڪافي ٿاهي تي اچان، پوءِ توهانکي توهان لاءِ افساني جو نئون پلاٽ ڏيان. دادا قسم اٿوَ منهنجو، جي توهان منهنجي داستان نه ٻڌائي ته؟ دادا، پيءَ جي وڃڻ کانپوءِ مون صرف توهان کي پنهنجو سمجهيو آهي.''

پنج ڇهه دفعا ڪشوريءَ جو گهوٽ پهلاج بہ اِنڊيا ۾ آيو. هاڻ هو بہ ڪجهہ بدن ۾ ڀريو آهي ۽ اڳي ڪان ڪڙو تڙو بہ ٿيو آهي. هاڻ جاءِ جڳهہ بہ پنهنجي ورتي اٿن.

مان هاڻ رٽائر ٿي چڪو آهيان. ٻاهر نڪرڻ گهٽ وڌ ٿيندو آهي، پر صحت ٺيڪ هوندي آهي تہ نينڊ ملبل سيمينارن ۽ سميلنن ۾ شرڪت ڪندو آهيان.

تازو ڇهہ مهنا اڳہ ڪوٽا ۾ بہ ڏينهن سيمينار ۾ وڃڻ ٿيو. ٻئي ڏينهن شام جو ٦ بجي فارغ ٿي ويس. سامان کڻي ڪشوريءَ جي گهر پهتس. ٻار اسڪول ۽ ڪاليج ويل هئا. ڪشوري گهر ۾ اڪيلي هئي. هن دل سان آجيان ڪئي ۽ خوشي ظاهر ڪئي، جڻ ڪو ويڇهو ۽ سڳو مائٽ گهر آيو هجي. چانهہ ناشتي ڪانپوءِ ڪشوريءَ زور ڀريو تہ مان اتي بہ ٽي ڏينهن ٻيا رهان. جڏهن مون کيس ٻڌايو تہ مان واپس جي رزرويشن اڄ رات جي بس جي ڪرائي آيو آهيان.

”دادا! پوءِ صرف اِندر جي اپسرا جهڙي ساليءَ وٽ مبار لاهڻ آيا آهيو نہ؟ پر ان جي بہ ڪهڙي ضرورت هئي؟ اهو فرق ٿيندو آهي سڳي ۽ اڌاري سڌاري سالي ۾.“

مون هن جي چپن تي هٿ رکي مانُ رهڻ لاءِ چيو. مون کيس رٿيل پروگرام جي ڪري ڪافي مجبوري ڏيکاري پر هوءَ مونکي ٢٤ ڪلاڪ وڌيڪ ٽڪائڻ ۾ ڪامياب رهي. وڏي ڇوڪري جي اچڻ تي ٽڪيٽ سياڻ جي مٽائڻ لاءِ موڪلي ڇيائين، ”ها جيجاجي، توهان نشچنت ٿي رهو، هيءَ اِندر جي اپسا وشوامتر جي تپسيا ڀنگ ڪونہ ڪندي.“

ڪشوريءَ ۾ اڄ بہ اها شوخي هئي جيڪا ڏهہ سال اڳ هئي، مون مشڪي ڏنو.

ٻار بہ ايڏا ائڊوانس هئا جو ڇا ڳالهہ ڪجي. مونکي ائين ڇنبڙي پيا جڻ منهنجا سڳا ٻار هجن. ڇئني ٻارن کي پنجن سوَن جو نوٽ ڏيندي بازار ۾ وڃي چاٽ ۽ آئيس ڪريم کائڻ ۽ لاسٽ شو ڏسڻ لاءِ چيو.

''چيٽلي تي رهه، گروءَ جا ڪن نه ڪٽ.''
''اينري همٿ منهنجي ڪونهي.''
''ته توهان منهنجي داستان ٻڌڻ لاءِ آئا آهيو.''
''ها.''

پوءِ منٽ ڪشوري ماٺ رهي، شايد ڳالهه ڪٿان شروع ڪري، اهو سوچي رهي هئي.

''دادا، توهان شاديءَ وقت منهنجي گهوٽ پهلاج کي ڏٺو هو، جيڪو قد بت ۾ مونکان اڌ هو. ممتا ۽ ان جون ساهيڙيون ٺهه ٺهه ڪري مونثان ۽ منهنجي گهوٽ تان چٽڙون ڪري رهيون هيون ۽ سس پس ڪري چئي رهيو هيون، هيءُ ڇوڪرو ڪشوريءَ جو گهوٽ نه پر پٽ ٿو لڳي. ڇا گذريو هوندو منهنجي من تي.

ساهيڙين کان سوين دفعا سهاڳه رات جون سنهريون ڳالهيون ٻڌي مان به خوابن ۾ اڏامي رهي هئس، پر خبر اٿوَ منهنجي سهاڳه رات ڪيئن گذري. منهنجي سس مونکي ڪمري ۾ وهاري هلي ويئي. پهلاج دوستن سان ٻاهر شراب پي رهيو هو ۽ ٢ بجي ڪمري ۾ آيو. هلو ڊارلنگ چئي پلنگ تي ڪري پيو. سڄي رات شراب جي بدبو ۽ کونگهرا ٻڌي مون پنهنجي سهاڳه رات جو......

الاهي گذريل جنم ۾ ڪشوريءَ ڪهڙا پاپ ڪيا هئا.

دادا شرير جو پوڳه ڪرڻ ۽ ٻار ڄڻڻ ۽ انهن کي نپائي وڏو ڪرڻ اهو ڪم ته پشو به ڪندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن مان سوچيندي آهيان ته مون ۾ ۽ پشوءَ ۾ ڪهڙو فرق رهيو.

مان ڪشوريءَ جي چهري کي يڪ ٽڪ ڏسي رهيو هوس. ڇا هيءَ ساڳي ڪشوري آهي شوخ ۽ شرارتي، اڄ نه جوالامکي ڦاٽي رهيو هو. ڇا چوڻ جو انداز، ڇا لفظ ۽ جملن جي ٻيهڪ، مان وائڙو ٿي ويس ڪشوريءَ جو هيءَ روپ ڏسي.

''دادا، ڇا پيا ڏسو؟''
''جوالامکيءَ جو ڦاٽڻ؟''

”پر مان ته تنهنجو عاشق آهيان!“

”اهڙو عاشق ڀڳوان هر ڇوڪريءَ کي ڏي. دادا مان سورهن سالن کان انتظار ڪري رهي آهيان ته توهان مونکان ڪجهه پڇيو. توهان سورهان سال اُڻ تڻ سيني ۾ سانڍي رکي آهي!“

”ڪشوري، شريف آدميءَ جو ڪم آهي ڪنهن کي ڪسي ڳالهه نه ورجائي.“

”يعني توهان شريف آهيو؟“ ڪشوريءَ شوخيءَ ۽ شرارت تي اچي ويئي. مون کي اڄ به ٢٣ سال پراڻي ڳالهه ياد آهي جڏهن توهان مونکي ڀاڪر ۾ ڀرڻ چاهيو تي.“

”اها تمنا ته اڄ به اٿم.“

”پوءِ نيڪيءَ ۽ پوڇ پوڇ“

”رهڻ ڏي ڪشوري. جڏهن جوانيءَ ۾ صبر ڪيو پوءِ ڀڏاپو ڇو خراب ڪيان؟“

”گدڙ ڊاک نه پڄي آکي ٿو کٽا.“

”چڱو، تنهنجي ڳالهه سچي.“

”جيجاجي، سونهري موقعو هٿان وڃائي رهيا آهيو. اپسرا جهڙي جوان خوبصورت سالي جيڪا سنن سنن جو ايمان لوڏي ڇڏي.“

”مار کائيندينءَ.“

”ڪجهه نه ڪارائيندا.“

”دادا توهان جو پيار ۽ آتت هو جنهن مونکي جيئڻ لاءِ مجبور ڪيو، باقي ٻئيءَ جي ورتاءَ ته مونکي اِيترو دکي ڪيو جو ڪيترا دفعا آپگهات ڪرڻ جو ويچار آيو. جي توهان جو آتت نه هجي ها.....“

”رهڻ ڏي پراڻيون ڳالهيون..“

”دادا، ڪتي کي جيڪو هڪ دفعو پيار ڪندو آهي ان جي اڳيان عمر ڀر پڇ لوڏيندو آهي. مان ته توهان جي چيلي آهيان.“

رهيو هو. مان هن جون ڪامي نظرون ڏسي دل ئي دل ۾ ڪنبي رهي هئس ۽ ڀڳوان کي پرارٿنا ڪري رهي هئس ته هي ڀڳوان هن راڪاس کي جلدي اسان جي گهر مان ٻاهر ڪڍ، پر ڇپن سان ڇوڻ جي همت ڪونه ساري سگهيس.

روٽي پاڻيءَ کان فارغ ٿي هن منهنجي سهري کي چيو، ”ڪاڪا! مان اجمير وڃي رهيو آهيان. پشڪر به ويندس. جي توهان موڪل ڏيو ته ڪنوار کي به تيرٿ ڪرائي اچان. سس سهرو ٻئي هڪ ٻئي جي منهن ۾ سوالي نگاهن سان نهاري رهيا هئا. مان ٻڏي ڪنبي ويس ته ڪوٺا کان اجمير جو سفر هن راڪاس سان گڏ ڪرڻو پوندو. پر ٽيڪم وِلين جيان مون ڏانهن نهار ڇپن تي جڀ ڦيري رهيو هو، جڻ ٻلي ملائي کائڻ وقت جڀ ڇپن تي ڦيريندي آهي يا شڪاري شڪار قاتل ڏسي حلال ڪرڻ کان اڳ جڀ ڇپن تي ڦيريندو آهي - مون ٽيڪم جي نظرن ۾ ڪام واسنا جي ٻڪ صاف ڏٺي.

”اهو ته ٺيڪ آهي پٽ، پر دنيا ڇا چوندي. نووَرني ڪنوار توسان اڪيلي....؟“

”ڪاڪا! توهان به ڪمال ٿا ڪيو. پهلاج جهڙي ٻاٻي ٻڏوءَ کي جنهن کي هندستان ۾ ڪير پنج سؤ پگهار به نه ڏي، مون پنج هزار تي رکيو آهي. ٻي مسافري پوري ڪري پگهار ڏهه هزار. جڏهن توهان ٻکه ٿي مئا تڏهن دنيا توهان جي ڪهڙي مدد ڪئي. ڪاڪا، دنيا ڪمزورن ۽ غريبن لاءِ چوندي آهي، شاهوڪارن جي اڳيان پڇ لوڏيندي آهي. ٻن سالن ۾ توهان جي ڪٽنب جو شمار شاهوڪارن ۾ هوندو. پاڙي وارا توهان کي عزت سان ڏسندا. جيڪي توهان کي رام رام جو جواب ڪونه ٿا ڏين سي اڳيان اچي توهان سان رام رام ڪندا. مان توهان لاءِ ٽيليفون به بوڪ ڪرايان ٿو. جلد توهان جي گهر ۾ ٽي.وي.، فرج، وي.سي.آر. سڀ طرح جو فرنيچر ۽ فون هوندو. مان ته توهان جي پٽ سمان آهيان. پٽ ۽ ڀائٽي ۾ تفاوت ٿيندو آهي ڇا؟ ڇا توهان پنهنجي پٽ جي پڪي نوڪري نٿا چاهيو....؟

ڪشوريءَ هلڪو ٺهڪ ڏنو.

”دادا، هت ته برف ئي برف آهي.“

”پر برف ۾ به گرمي هوندي آهي. مان تپت محسوس ڪري رهيو آهيان.“

”منهنجا ساهرا سنڌ ۾ وڏا زميندار هئا، پر لڏ پلاڻ جي ڪري پاڻ سان ڪجهه ڪٺي اچي ڪونه سگهيا. هڪ زميندار ي سياءُ پيو ڪنهن ڏنڌي جو آزمودو نه، سو جنهن ڏنڌي ۾ هٿ وجهن، گهاٽو ئي گهاٽو. سون مين وڪڻي ڪانپوءِ جيڪو ڪليم مليں ان مان پهلاج جي شادي ٿي. باقي جيڪو هزار ٻه بچيو ان مان هڪ ننڍو ڪراڻي جو دڪان ڪڍيئون. دڪان جي ڪمائي ٻه ٽي سؤ مهنو مس هئي. جڳهه مسواڙ جي، گهر جو خرچ ست اٺ سؤ مهنو. هڪ ته مهانگائي، پيو ڪوٺ، بزار مان مال وٺي ته ايندا هئا پر وقت تي پئسا پهچائي ڪون سگهيا. نتيجو قرض وڌندو ۽ دڪان مان مال گهٽجندو ويو. آخر دڪان بند ڪرڻو پيو. شهر ۾ نوڪري چئن پنجن سون کان وڌيڪ ڪونه ٿي ملي. ڪجي به ڇا ڪجي.

منهنجي گهوٽ جي وڏي سوٽ ٽيڪم جو ڪاروبار هانگ ڪانگ ۾ هو. تنهن منهنجي گهوٽ تي قياس ڪائي نوڪريءَ تي رکيو. پگهار سني ڏيڻ جو واعدو ڪيائين، پر ٽن سالن جي مسافريءَ جو شرط. پگهار هر مهني پنج هزار. منهنجي سهري لاءِ ته ٽيڪم ڀڳوان جي روپ ۾ پرگهٽ ٿيو هو.

پهلاج کي ولائت وئي ڇهه مهنا مس ٿيا ته ٽيڪم هندستان ۾ آيو. اسان جي گهر آيو ته ٽيڪم جي پوش پوش ٿيڻ لڳي. منهنجو سس سهرو جنسي هن مٿان قربان پيا وڃن. جتي گهر ۾ هفتي ۾ چار ڏينهن دال چڙهندي هئي هن لاءِ رڌل تيوڻ ڏار ڊٻل تيوڻ ڏار. مطلب ٽيڪم جي خاطرداري سيٺن کان وڌيڪ ٿي رهي هئي. پر ٽيڪم جي هنن سيني ڳالهين ۾ دلچسپي ڪون هئي. هو ته هر وقت منهنجي ڇهري ڏانهن ۽ اُپريل سيني تي اکيون کپائي وينو هو ۽ فلمي وِلين جيان مشڪي

چاڙهو به ڪونه هو.

برسات جي موسم هئي. هوا هير جيان هئي. اسان پهاڙ تي چڙهڻ شروع ڪيو. رستو اڌ پڪو ۽ اڌ ڪچو هو. رستي تي واريءَ ۾ پير ڪُپي رهيا هئا. واريءَ سبب هڪ هڪ قدم کڻڻ ڏکيو پئي لڳو. اڌ ڪلاڪ ۾ ٻئي سهڪڻ لڳاسين. هڪ هنڌ مان ٽاپڙيس ته ٽيڪم مونکي هڪ طرح سان پاڪر ۾ ڪنيي ورتو. منهنجي سڄي بدن ۾ سرسراهٽ لنگهي ويئي.

”پائو، هي توهان ڇا ڪري رهيا آهيو؟“ مون غصي مان چيو.

”ڪشوري ڊارلنگ، مان ڇا توکي هيٺ ڪرڻ ڏيان؟“

”نه، پاڻ کي ڪرڻ کان بچايو، گهٽ ۾ گهٽ منهنجي نظر ۾.“

خير، رام رام ڪري مندر ۾ پهتاسين. اتي به پوڄاريءَ اسان کي زال مڙس سمجهي سدا سهاڳڻ جي آشيرواد ڏني. ڪلاڪ اڌ ترسي واپس هيٺ لهي آياسين.

تڪ سبب هوٽل ۾ پهچڻ تي روٽي بعد ننڊ اچي ويئي تان جو شام جو ستين بجي ننڊ کلي. ڇانهه پي گهمڻ نڪتاسين. واپس ايندي وقت ٽيڪم بازار مان وسڪيءَ جي بوتل خريد ڪئي ۽ ڇپن ۾ پڙڪڻ لڳو بڪري کي مان ڪب تڪ خير منائيگي. مان سمجهي ويس ته اڄ رات هن راڪاس جي ڪام جي شڪار ٿيڻ کان بچڻ مشڪل آهي، پر مان ڪري به ڇا ٿي سگهيس؟

”دادا! هاڻ ته گهر موٽي هلون؟“

”ڪشوري، هت ڪهڙو نه شانت وايومنڊل آهي. تن من کي شانتي بخشي ٿو. منهنجي دل اڃان به ٿي ڏينهن هت رهڻ جي آهي.“ مونکي چپ رهڻ ڪانسواءِ ٻيو رستو به ڪونه هو.

”ڪشوري، جي توکي بڪ نه لڳي هجي ته روٽي ٿوري دير سان گهرايون؟“

”پٽ، تون پلي ڪنوار کي وني وڃي تيرٿ ڪرائي اچ.“ هاڻي منهنجي سهري جو ڳالهائڻ مصريءَ کان مٺو بڻجي چڪو هو.

”ڪاڪا! مان ڪو ڌاريو آهيان ڇا؟ توهان جي گهر جي عزت منهنجي عزت ڌار آهي ڇا؟“

”چاچي چاچيءَ کي پيري پيئي رات جو بس ۾ مونکي وٺي پشڪر آيو. ٻن سيٽن واري جڳهه ۾ ويٺو اهڙيءَ طرح جيئن منهنجو جسم هن جي جسم سان وڏيڪ ۾ وڏيڪ چنبڙيو پيو هجي. ساهه کڻڻ ۽ چرڻ پرڻ ۾ تڪليف پئي ٿئي.

ٻن جڳهين تي بس بيٺي ته آئيسڪريم وٺي آيو. هاڻ ٽيڪم ڪنوار نه پر ڪشوري ڪري سڏي رهيو هو.

صبح جو پشڪر پهتاسين. سامان هوٽل ۾ رکي گهاٽ تي سنان لاءِ آياسين. ٽيڪم پنڊي کي ڪن ۾ الائي ڇا چيو، جيڪو پنڊو اسان کي گهاٽ تي پوڄا پاٺ ڪرائي رهيو هو تنهن کي شايد ٽيڪم مون لاءِ زال جو رشتو ٻڌايو هو. مان اندر جو سور اندر ۾ پي ويس ۽ سوالي نگاهن سان ٽيڪم کان پڇڻ چاهيو. پر ٽيڪم مشڪي چيو، پلي ويچاري کي دل خوش ڪرڻ ڏيس. سنان ڪري ناشتو ڪري وري هوٽل ۾ آياسين. رات جي اوجاڳي جي سبب ليٽڻ سان ئي ننڊ اچي ويئي. شام جو ڇئين بجي ننڊ کلي. چانهه پي گهمڻ لاءِ نڪتاسين. ڪلاڪ ٻه گهمي واپس آياسين. رات جو پلنگ آمهون سامهون هئا. پر سڄي رات مونکي ڪنهن ۾ ننڊ ڪونه آئي. ٻئي ڏينهن صبح جو وري گهاٽ تي سنان لاءِ آياسين.

مونکي اعتبار نه پيو اچي ته هن راڪاس سان مان گڏ ساڳئي ڪمري ۾ اڪيلي رات گذارڻ کانپوءِ به ڪيئن بچي سگهي آهيان. پر اهو سڀ منهنجو وهم هو. ٽيڪم چتر شڪاريءَ جيان لغڙ کي ڍل ڏيئي رهيو هو.

سنان کانپوءِ هلڪو ناشتو ڪيو. ٽيڪم مٿي پهاڙيءَ تي نهيل سرسوتيءَ جو مندر ڏسڻ لاءِ چيو. ها ڪرڻ کانسواءِ ٻيو

”جيستائين ڇهري ۾ جسم ۾ ڪشش هوندي.“

”پوءِ ڪنهن ٻئي غريب مائٽ جي جوءِ تي مهربان ٿيندو. ڇا اهو سڀ توکي برداشت آهي؟“

ڪشوريءَ اونهو ساهه کنيو. ”دادا! منهنجي سامهون ٻه رستا هئا - هڪ آپگهات ۽ ٻيو سمجهوتو...“

”۽ تو سمجهوتو ڪيو.“

”ها“

”ڇا تنهنجي سس سهري کي هن سڀ جي خبر هئي.“

”دادا، پاڻ اُهو سڀ ڪائين ٿا. پر حالتن جي اڳيان انهن اکيون پوري ڇڏيون يا ڇئجي ڏنو اڻ ڏنو ڪري ڇڏيو.“

”۽ تنهنجو مڙس؟“

”هو ته ديوتا سروپ آهي ۽ دنيا لاءِ ٻاٻو ٻڌو.“

مان ڪشوريءَ کان موڪلائي پنهنجي شهر موٽي آيس. روز مره جي زندگيءَ ۾ ڏيڍي جيان گهاڻي ۾ وهڻ لڳس. سنستائن ۽ پئنچاتن جي سرگرمين ۾ ڪشوريءَ جو داستان وساري ويٺس.

اوچتو فون جي گهنٽيءَ جو آواز ٻڌي ننڊ کلي. فون کڻي رکي هلو ڪيم. ”ڪير؟ مسٽر ڪمليش؟“

”ها! توهان ڪير؟“

”مان دهليءَ مان شيام سيرواڻي، سنڌي سينٽرل اڪادميءَ جو چيئرمئن، پهرين تنهنجو دوست.“

”خير ته آهي رات جو ١٢ بجي اوچتو فون ڪيو اٿئي؟“

”ڳالهه ئي ڪجهه اهڙي آهي.“

”حڪم ڪيو.“

”نه، هڪ عرض آهي، توهان جيڪا ڪهاڻي ’سمجهوتو‘ چتاپيٽيءَ لاءِ موڪلي آهي....“

”ها، سو؟“

”مون اها ڪهاڻي پڙهي آهي...“

”توهان جي مرضي.“

هن گھنٽي وڄائي ٻئري کي گھرائي روٽي ۽ ڪلاڪن کانپوءِ کٽي اچڻ لاءِ چيو ۽ پوءِ خالي گلاس به کٽي اچڻ لاءِ چيو.

سڀ سامان اچي وڃڻ کانپوءِ در جي چٽڪي بند ڪري منهنجي پلنگ تي اچي ويٺو ۽ مونکي وسڪي پيئڻ لاءِ زور ڪرڻ لڳو. هر هر زور ڀرڻ کانپوءِ به جڏهن مون منع ڪئي تڏهن ڪولا ۾ ٿوري ملائي مجبور ڪيائين. مون زندگيءَ ۾ پهريون دفعو شراب زبان تي رکيو هو. پر الائي گھڻا دفعا هن ڪولا ۾ وسڪي ملائي مونکي پياري.

”توهان زوريءَ ڪولا ۾ وسڪي ملائي مونکي پياري ٺيڪ ڪونه ڪري رهيا آهيو.“

‘Darling, every thing is fair in love & war.’

”مان توهان جي ننهن ۽ ڏيءُ سمان آهيان.“

”نه. تون منهنجي جاني جگر آهين.“

هاڻ مان آهستي آهستي پاڻ تان ضابطو وڃائي رهي هيس ۽ نشي جي حالت ۾ ٺيڪم مونکي چٽڻ ۽ چمڻ لڳو ۽ آخر هن اهو سڀ مونکان حاصل ڪيو جنهن لاءِ هي سڀ ناٽڪ رچيو ويو.

هن نه صرف اها رات منهنجي جسم سان کيليو پر لڳاتار اٺ راتيون منهنجي جسم جي هر حصي سان راند ڪئي - ڏينهن هجي يا رات، شراب ۽ منهنجو جسم.

”ان کان پوءِ؟“

”ان کان پوءِ اهو سلسلو هر ڇهين مهني دهرايو ويو.“

”ڇا اهو سلسلو اڃان چالو آهي؟“

”ها دادا“ ڪشوريءَ اونهون ساهه کڻي چيو.

”منهنجو سس سهرو نه گذاري ويا. هاڻ پشڪر وڃڻ جي ضرورت ڪونه پوندي آهي. هيءَ جڳهه ٺيڪم جي مهربانيءَ سان نهي آهي. جڏهين هن جي مرضي ٿيندي آهي، منهنجي جسم روپي مسواڙ وٺڻ ايندو آهي.“

”پر اهو سڀ آخر ڪيستائين؟“

''نيڪ آهي.''
''ٿئنڪ يوُ ۽ گڊ نائيٽ.''
مونکي سڄي رات ننڊ ڪونہ آئي. آخر ڪهاڻي پڙهي هن ڇپائڻ کان ڇو منع ڪيائين. مون ٻئي ڏينهن ئي ڪهاڻي ڪوريئر رستي موڪلي ڏني. واعدي موجب هن سال جو لک روپيا انعام ۽ منهنجي ڪهاڻيءَ کي پهريون نمبر انعام مليو.

□

وقت نڪو رڪيو آهي نڪو روڪڻ ممڪن آهي. سال گذري ويو. ڪنهن ڪم سان دهليءَ وڃڻ ٿيو.
شيام قرب سان ڀاڪر پائي گڏيو ۽ زور ڪري رات پنهنجي گهر ٽِڪڻ لاءِ چيائين. مونکي بہ دل ۾ اڻ تڻ هئي تہ آخر شيام ڪهاڻي جي پلاٽ بابت ڇو پڇيو هو.
خير! ڪائي پي رات جو ١١ بجي شيام مونکي فرسٽ فلور تي نهيل روم ۾ وٺي هليو، جتي منهنجي سمهڻ جو بندوبست ڪيو هئائين. آمهون سامهون پلنگہ تي ليٽي سگريٽ جا سوٽا لڳائيندي آخر چيائين، ''ڪمليش، توکي ان ڪهاڻيءَ جو پلاٽ ڪٿان هٿ لڳو ۽ ٽيڪم جي ڪردار جو ڪو وجود آهي يا خيالي ڪردار آهي؟''
''تنهنجو ڪهڙو خيال آهي؟'
''منهنجي خيال کي مار گولي. تون سچ ٻڌاءِ.''
''ٽيڪم جو ڪردار منهنجو ويجهو مائٽ آهي.''
''ڪولي ٻڌاءِ''
''اهو ڪنهن جي پرائيويٽ لائيف ۾ دخل ٿيندو. پر ڳالهہ ڇا آهي؟''
''يار سان ڪهڙو ڪوڙ! دراصل ٽيڪم جو ڪردار پڙهي مان سُن ٿي ويس.''
''پر ڇو؟''

”پر قائدي موجب.....“

”ڇڏ يار قائدي قانون جون ڳالهيون. ڇتاپيتيءَ لاءِ ٽي ججَ مونکي مقرر ڪرڻا آهن. ٽيئي منهنجا دوست آهن. اسان سڀ هڪ ٻئي کي ’اوبلائيز‘ ڪندا آهيون. هڪ ته ڇتاپيتيءَ ۾ تنهنجي ڪهاڻي پهريون نمبر، ٻيو هن سال جي سٺي ڪتاب جو هڪ لک روپيا انعام تنهنجو پڪو...نالي جو نالو ۽ هڪ لک روپيه روڪ...“

”اڄ اچانڪ مون غريب تي ايتري عنايت ڪيئن؟“

”مان بنا سوارٿ جي ته ڪنهنجو ڪم ڪونه ڪندو آهيان. تو ۾ هڪ ڪم اٿم. جيڪا ڪهاڻي تو موڪلي آهي، اها مان ڇتاپيتيءَ ۾ شامل ڪونه ٿو ڪيان. تون سپاڻي ئي ڪا ٻي ڪهاڻي ڪوريئر رستي رواني ڪر. ها، پر اها آفيس ۾ نه پر منهنجي گهر جي ائڊريس تي موڪل. ها، هڪ ٻي ڳالهه جو ڌيان رکجانءِ. جيڪو فارورڊنگ ليٽر ان سان گڏ موڪلين، ان ۾ تاريخ هڪ مهنو پهرين جي وجهجانءِ.“

”پر ڳالهه ڇا آهي؟“

”ڳالهه روبرو. توکي هڪ لک کان وڌيڪ فائدو ڏياري رهيو آهيان.“

”تڏهين به.....“

”وڏو داستان آهي، فون تي ٻڌائڻ ممڪن ڪونهي.“

”پر ڪجهه هِنٽس (Hints) ته ڏي.“

”توکي ان ڪهاڻيءَ جو پلاٽ ڪٿان هٿ لڳو؟“

”توهان ته جواب بدران سوال ٿا ڪيو.“

”پليز..ڪمليش!“

”ڪنهن ويجهي مائٽ کان، ڇو؟“

”ڇو جو جواب روبرو! ها، هڪ مهرباني ٻي. اها ڪهاڻي ڪٿي به ڇپجڻ نه موڪلجانءِ. ٿي سگهي ته ان جي اسڪرپٽ به ڦاڙي ڇڏجانءِ. مان به تنهنجي ڪهاڻي پهچڻ شرط اها اسڪرپٽ ڦاڙي ڇڏيندس.“

سلور جبلي جي ڀاڻي

ڪشور ۽ مان سنڌ ۾ ساڳئي ڪلاس ۾ پڙهندا هئاسين. ڪشور ملڪ جي ورهاڱي ڪانپوءِ بمبئيءَ ۾ سيٽل ٿي ويو ۽ مان اڏيپور ۾.

هن پهرين سرڪاري نوڪري ڪئي ۽ پوءِ استيعفا ڏيئي ڏنڌي ۾ گهڙي پيو. ڏنڌي ۾ ياڳه سات ڏنس ۽ لڪشمي هن جا پير چمڻ لڳي. ١٩٧٨ تائي اسان جو رستو صرف چٺي چپاٺي تائين محدود رهيو. ايڪتيهه سال هڪ ٻئي جي شڪل به ڪونه ڏسي سگهياسين. ڪشور ڪروڙپتي بڻجڻ ڪانپوءِ به ساهتيه سان پريم رکندو هو. هاڻ هو سڄاڳ پاڻ مان هڪ سٺو شاعر پڻ بڻجي چڪو هو. سندس رچنائون وقت به وقت معياري رسالن ۾ پڙهڻ لاءِ ملنديون هيون، جن جي چند چاڻ پڻ ٽپال رستي ٿينديون رهنديون هئي.

مان غريبي سبب هن وٽ وڃي نٿي سگهيس ۽ هو ڏنڌي سبب.

وقت پنهنجي رفتار سان هلندو رهيو. ١٩٧٨ جي سنڌي سميلن ۾ مشاعري جي وقت منهنجي نالي سان گڏ ڪشور جو به نالو پڪاريو ويو. ڪشور منهنجي پاسي ۾ ويٺو هو. هڪ ٻئي جو نالو ٻڌي ٻنهي هڪ ٻئي ڏانهن مشڪي نهاريو ۽ ڪجهه سيڪنڊن ڪانپوءِ هڪ ٻئي جي ٻڪ ۾ هئاسين. ايڪتيهن سالن جو عرصو گهٽ ڪونه ٿيندو آهي. سنن سالن جا ٻار هاڻ انتيهن جا جوان بڻجي چڪا هئا.

٣١ سالن جي سڪ مشاعري جي اسٽيج تي ڪٿي ٿي لهي. هن ۽ مون اسٽيج تي چا پڙهيو، ڪنهنکي هوش هو؟ ٣١ سالن

”مونکي لڳو تہ توکي منھنجي راز يا ڪڏن ڪرتوتن جي خبر پئجي ويئي آھي.“

”يعني ٽيڪم جي ڪردار ۾ توکي پنھنجو عڪس ڏسڻ ۾ آيو.“

”ھا يار! نوي سيڪڙو...“

”تون منھنجي ڪھاڻي جي ڪردار پھلاج جي وڏي سوٽ جيان آھين؟“

”نہ، ٿورو فرق آھي.“

”تنھنجي ڪھاڻي ۾ ڇوڪري (پھلاج) جو وڏو سوٽ وِلين آھي.“

”۽ تون؟“

”ڇوڪري جو سنڌو - وڏو سنڌو.“

مان ڪي منٽ شيام ڏانھن نھاريندو رھيس.

”ھا فرق صرف ايترو آھي ٽيڪم پنھنجي ننڍي سوٽ جي زال سان ڪارو منھن ڪيو ۽ مون پنھنجي ننڍي سالي ۽ سان.“

”ھن اعتراض ڪونہ ڪيو.“

”تنھنجي ڪھاڻي جي ڪردار ڪيو.“

”ھوءَ تہ غريب ۽ مجبور ھئي.“

”ھا ڪمليش، دنيا ۾ غريبي ۽ اڻ ھوند ڪي لعنت آھي. جيستائين غريبي آھي تيستائين ٽيڪم ۽ مون جھڙا راڪاس بہ ھوندا.“

”توکي پنھنجن ڪرتوتن تي پڇتاءُ ڪونھي.“

”ادا! پڇاپي ۾ صرف پڇتاءُ ئي تہ ھوندو آھي.“

□

چيهه مهنا اڳ هڪ رجسٽرڊ پارسل آيو، جنهن ۾ پسني جي حلوي سان گڏ هڪ چٺي ۽ پنجن لکن جو ڊرافٽ گڏ هو. چٺيءَ ۾ لکيل هو:

”ڪنعيا! پاڻ ننڍپڻ کان نه صرف دوست آهيون پر ٻه جسم هڪ جان آهيون. سنڌ ۾ سڄي ڳوٺ جا ماڻهو پاڻ کي ان نالي سان پڪاريندا هئا. سڄي ڳوٺ ۾ پنهنجي شرارتن جي چرچا هوندي هئي.

گذريل ١٧ سالن ۾ مون سوين دفعا تنهنجي مالي مدد ڪرڻ چاهي، پر تو هميشه رکو رخ اپنائي منع ڪئي آهي. هاڻ تون ۽ مان اڄ سٺ کي پهتا آهيون. مون تي لڪشمي جي اپتري ڪرپا آهي جو نوٽ ڳڻيندي هٿ ٿا ٿڪجن. هن وقت منهنجي ڳٽپ عرب پٽين ۾ آهي. مونکان پوءِ ڇا ٿيندو اهو مون ڪڏهن به ڪونه سوچيو آهي. منهنجا پٽ واپار ۾ مونکان به رڌيون اڳتي آهن.

اڄ منهنجي شاديءَ جي سلور جبلي آهي. توکي نينڊ چاٽي واٽي ڪونه موڪلي اٿم جو تون گوڙ گهمسان پسند ڪونه ڪندو آهين. شايد ان گوڙ ۾ منهنجو ساهه به منجهي ۽ اهو سڄو ماحول توکي پسندو ڪونه پوندو. پر مان هن بناوٽي ماحول ۾ هري ويو آهيان. هي سڀ ڪٽراڳ ٻارن ۽ زال جي زور پرڻ تي مڃيو اٿم.

هن فنڪشن ۾ شهر جا هزارين ماڻهون نينڊ تي شامل ٿيندا. پر انهن سيني ۾ هڪ به منهنجو پنهنجو ڪونه هوندو سيني جي دوستي(؟) منهنجي شاهوڪاري سان هوندي. مان هزارن جي وچ ۾ به اڪيلو هوندس. مان به هڪ ڪردار جيان مشڪي سيني جي آجيان ڪرڻ جي ائڪٽنگ ڪندس. تنهنجي ڪمي هر وقت محسوس ڪندس!

ڪنعيا يار! زندگيءَ ۾ پهريون ۽ آخري دفعو توکان ڪجهه گهري رهيو آهيان. هن چٺي سان گڏ پنجن لکن جو ڊرافٽ توکي پنهنجي شاديءَ جي سلور جبلي جي سوکڙي طور موڪلي

جي يادگيرين کي تازو ڪرڻ ۾ لڳي وياسين، پر اها لوچ ان وقت صرف دل ۾ هئي. اسٽيج تي چپن تي ڪونہ اچي سگهي.

جيئن ئي مشاعرو ختم ٿيو، ڪشور منهنجو سامان کڻائي پاڻ سان گڏ سندس گهر جو پيڊر روڊ تي هو، وٺي هليو. اٺن ڪمرن جو شاندار فليٽ جنهن ۾ لکن روپين جو فرنيچر هو، ڏسي مان وائڙو ٿي ويس. جڳهہ ڇا هئي جڻ محل هو. رات جو ڏيڍ بجي هن منهنجي سجاڻپ پنهنجي زال سان ڪرائي. صبح جو ڏهين بجي ٻارن سان. ٻار مونکي دنيا جي اٺين اجوبي وانگر ڏسي رهيا هئا ۽ پاڻ ۾ ڳجها اشار ڪري جڻ چئي رهيا هئا پاپا هن ڪارٽون کي ڪٿان پڪڙي آيو آهي.

مان پنهنجن سادن ۽ اڇالن ڪپڙن سبب لڄي ٿي رهيو هوس. اڇالا ڪپڙا ۽ پيرن ۾ هوائي چمپل. ڪشور جو پريم ۽ حب ساڳيو نندپڻ جو هو. ڪٿي بہ هن جي وهنوار ۾ پئسي جو گهمنڊ ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿي آيو.

هن مونکان صرف گهر جي ڀاتين بابت پڇيو. ڌنڌي بابت يا مالي حالت بابت هن ڪجهہ بہ ڪونہ پڇيو. هونئن بہ چوٽي آهي ڪنهن جي بہ غريبي يا شاهوڪاري لڪڻ جي ڪونهي، چهرو پنهنجو پاڻ ٻڌائي ڇڏيندو آهي.

ڪشور کي خبر آهي مان خوددار آهيان، تنهنڪري هن نوڪري / ڌنڌي يا مالي حالت بابت ڪو بہ ذڪر ڪونہ ڪڍيو.

نہ نہ ڪندي بہ ڪشور ۽ سندس زال پنهنجي ٻارن، ڀائٽين / ڀائٽين جي ٻهاني ڪافي سوکڙيون ڏنيون. مون پيٽيءَ ۾ جڳهہ نہ هئڻ جا ڪافي بهانا ٻڌايا پر هن نئين اٽئچي گهرائي ان ۾ سڀ ڀري ڇڏيو. ڪشور جي مرضي هئي تہ مان اڃان هفتو کن رهي روح رهاڻ جو آنند وٺان پر وري منهنجي پرائيويٽ نوڪري ۽ پگهار ڪٽجڻ جو خيال ڪري وڌيڪ زور ڪونہ ڀريو.

ان کانپوءِ هر سال ڪٿي نہ ڪٿي سيمينارن يا سميلن ۾ گڏجڻ ٿيندو رهندو هو. هن جا شاعريءَ جا بہ ڪتاب ڇپجي چڪا هئا ۽ منهنجا ڪهاڻين جا.

حساب ڪتاب

قدرت جا ڪيل به نيارا آهن. موهنداس اڄ رٽائر ٿيو. شهر جو مشهور ماستر، جنهن جو رزلٽ هميشه سؤ سيڪڙو رهيو. سرڪاري نوڪري ۾ رهندي ان هن ڪڏهين ٻين ماسترن سان ريس ڪونه ڪئي. جتي ٻيا ماستر ڪلاس خالي ڇڏي ٻاهر ورانڊي ۾ ويهي گپا هڻندا هئا، اتي موهنداس ڪلاس ۾ پوري محنت سان پڙهائيندو هو.

چاليهه سالن جي نوڪريءَ ۾ هن ڪڏهين ٽيوشن ڪونه ڪئي. باقي اڄ ڪهڙو Maths Teacher آهي جيڪو ٽيوشن نٿو ڪري. بورڊ جي امتحان ۾ هن جا شاگرد 100% مارڪون به کڻي ايندا هئا.

اسڪول ميٽ ماستر اڪثر موهنداس سان ڇيڙون ڪندا هئا ته ”موهنداس تون پلي پاڻ ماري هچا ڪرين، تعليم کاتي وارا يا سرڪار توکي سوني جا ڪنگڻ ڪونه پارائيندي.“ موهنداس ڳالهه ٻڌي کلي ٽاري ڇڏيندو هو.

موهنداس کي تعليم کاتي طرفان پئنچائتن ۽ ٻين سنسٿائن پاران ڏهه - پندرنهن دفعا سنمانت ڪيو ويو هو. تنهن هوندي به موهنداس کي گهمنڊ هڪ پئسي جو به ڪونه هوندو هو.

سماج ۾ اٿڻ ويهڻ ته ڪير موهنداس کان سکي. پاڙي توڙي ڪالونيءَ ۾ سَر هجي يا پڳڙيون، موهنداس وقت ڪڍي ضرور پهچندو هو. هڪ سٺي ۽ آدرش ماستر کان سواءِ موهنداس هڪ سٺو ساهتڪار پڻ هو. سندس رچنائون هندستان جي سيني معياري رسالن ۾ ڇپجي چڪيون هيون. اڪادمين جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ موهنداس جا ڏهه ڪهاڻين جا ڪتاب ڇپجي چڪا

رهيو آهيان. مهرباني ڪري قبول ڪجانءِ ڪا ننڍي جڳهه وٺي مسواڙ جي آزار کان آجو ٿي. جي تون منهنجي هيءَ ننڍي سوکڙي قبول نه ڪندين ته مونکي مرڻ کان پوءِ به ڏک رهندو. تنهنجو ڪشور.

ماڻ چٺي پڙهي سُن ٿي ويس. چٺي منهنجي هٿن ۾ هئي ۽ ماڻ بار بار چٺيءَ کي ڏسي رهيو هئس ۽ سوچي رهيو هئس ته ڇا ماڻ ايترو قياس جو پاتر بڻجي چڪو آهيان جو پيار بهانا ڳولهي مونکي بيک ڏيئي رهيا آهن. چهري تي هڪ رنگ آيو ٿي پيو ويو ٿي.

اوچتو شريمتيءَ جهپ هڻي چٺي کڻي پڙهڻ لڳي. جيئن چٺي پڙهندي ويئي تيئن تيئن هن جي چهري جي رونق وڌڻ لڳي.

□

پالين جوان ڇوڪرين کي ڦاسائڻ، انهن جي عزت لٽڻ هنن چنڊال ڇونڪڙيءَ جو روز جو شغل هو.

ڪلهه اوچتو هنن هڪ ڇوڪريءَ سان ريپ ڪيو. ڇوڪري ڪجهه همت واري نڪتي. ڇوڪريءَ پوليس ۾ رپورٽ ڪئي. ڇوڪريءَ جو پيءُ پهچ وارو هو. ڇوڪريءَ ڇئني کي سڃاڻي گرفتار ڪرايو. ٽنهي ارب پتين جي پٽن ڇوڪريءَ کي سمجهائي ۽ لالچ ڏيئي آخر ڇهن لکن ۾ سَودو ڪيو ته ڇوڪريءَ عدالت ۾ صرف دنيش کي ڏوهاري ٻڌايو.

لالچ ۾ ڇڱا ڇڱا اچي ويندا آهن. ڇهن لکن پنهنجي ڪرامت ڏيکاري. هو ٽيئي بچي ويا. باقي دنيش کي ڏهن سالن جي سزا ملي.

موهنداس کي هن گهٽنا جو وڏو صدمو پهتو. هن کي پهريون دفعو دل جو دوئرو پيو. پر سرلا جي شيوا جي ڪري جلد نيڪ ٿي ويو. هاڻ موهنداس گهر مان نڪرڻ به گهٽ ڪري ڇڏيو. ڏوهه سندس پٽ ڪيو پر سزا پاڻ پوڳي رهيو هو. هن کي خبر هئي ته اڄ به ماڻهن مان پُڇ پُڇ ۽ ورجائڻ جي عادت ويئي ڪونهي. هونءَ ته چوندا آهن ته اڄ وقت آهي ڪٿي، پر ڪنهن جي گهٽنائي ڪرڻ ۽ ورجائڻ لاءِ وقت ئي وقت آهي، خاص ڪري شاديءَ غميءَ وقت. موهنداس سماج ۾ اٿڻ وهڻ هڪ طرح سان بند ڪري ڇڏيو. پر سندس ننڍي ڌيءُ سرلا پيءُ جي دل بهلائڻ لاءِ وقت ڪڍي ساهتڪ بحث ڪندي هئي ۽ ڪوشش ڪندي هئي ته پيءُ کي هڪ منٽ به اڪيلو نه ڇڏي، جيئن هو سوچ ويچار ۽ چنتا نه ڪري.

سرلا ايم. اي. ڪانپوءِ پي. ايڇ. ڊي ڪئي ۽ هن کي هڪ پرائيويٽ ڪاليج ۾ نوڪري به ملي ويئي، جيڪو هڪ ٽرسٽ پاران هلندو هو. سرلا به پيءُ جيان ايماندار ۽ آدرش واري هوندي هئي. شاگرد سرلا تي جان ڇڏيندا هئا. ٻن سالن ۾ ئي سرلا ڪاليج ۾ ٽرسٽين ۾ هڪ اهم جڳهه والاري.

هاڻي ٽرسٽي هر ميٽنگ ۾ سرلا کي گهرائيندا هئا ۽ هن

هئا. موهنداس آل انڊيا ۽ اِسٽيٽ ليول تي ڪئي انعام حاصل ڪري چڪو هو. سندس ڪتاب اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ درسي ڪتاب طور هلندا هئا.

جنهن جو مان شهر، پرانت ۽ سڄي هندستان ۾ هو، اتي گهر جا ڀاتي هن کان سدائين ناراض رهندا هئا. خاص ڪري چارئي پٽ ۽ زال. وڏي ڌيءَ ته ساهرن ۾ هئي پر ننڍي ڌيءُ سرلا پيءُ تي ساهه صدقو ڇڏيندي هئي. هن کي موهنداس جي ڌيءُ هئڻ جو فخر هو. هوءَ پيءُ سان ٻانهه ٻيلي هوندي هئي. گهر جي ڀاتين جي هميشه شڪايت رهندي هئي ته موهنداس ڪوڙن اُصولن ۽ آدرشن جي جنجال جي ڪري ئي سڄي ڪٽنب کي مالي مشڪلات ۾ ڦيڙهي رهيو آهي. سڀ کان وڏي شڪايت ته ٽيوشن ڇو نه ٿو ڪري. موهنداس ٽيوشن ڪري مهني ۾ چار پنج هزار رپيه ڪمائي سگهيو ٿي.

□

ضروري ڪونهي هر اخلاقي ۽ آدرشي ماڻهو جو اولاد به ايماندار ۽ اخلاق وارو هجي. موهنداس کي ٻه ڌيئر ۽ چار پٽ هئا. ٽن پٽن ۽ هڪ ڌيءُ جي شادي ٿي چڪي هئي. وڏي ڌيءُ ساهرن ۾ سکي هئي. پهريون نمبر پٽ ٻئنڪ جي نوڪري ۾ هو. هو گهڻو ڪري ٻارن سوڌو ٻين شهرن ۾ هوندو هو. ٻيو نمبر پٽ جو ماربل جو ڌنڌو هو، جيڪو هن ساهرن جي مدد سان چالو ڪيو هو. ٽيون نمبر پٽ پراپرٽي ڊيلر هو. ٽيئي پٽ پيءُ کان ڌار ٿي چڪا آهن. باقي گهر ۾ رهيا موهنداس، سندس زال، ڌيءُ سرلا ۽ ننڍو پٽ دنيش.

ننڍو پٽ دنيش سڄو ڏينهن آواره دوستن سان گڏ رلندو هو. ڪيس ٿي دوست هئا جيڪي ارب پتي سيٺين جي بگڙيل اولاد هئا. سڄو ڏينهن موٽر ۾ چڙهي آواره گردي ڪرڻ، شراب پيئڻ، ڇوڪرين کي ڇيڙڻ ۽ ڪال گرل گهرائڻ کان سواءِ پولي

مريض جي شيوا لاءِ صرف هڪ ماڻهو کي اتي رهڻ جي اجازت ڏني پر سڄو گهر اسپتال ۾ هو. سرلا پيءُ جي سنڀال ۽ شيوا لاءِ پيءُ جي پاسي ۾ هئي، باقي گهر جا ڀاتي ٻاهر ورانڊي ۾ هئا. واري وٽي تي ٻه ٻه ڀاتي ورانڊي ۾ هوندا هئا، متان اوچتو ڪنهن شيءِ يا دوا جي ضرورت پوي.

ڊاڪٽرن راءِ ڏني ته دهلي وٺي وڃو ۽ اتي دل جو آپريشن ڪرايو. خرچ اٽڪل ڏهه لک آيو ٿي. موهنداس جا بئنڪ ۾ ڇهه لک روپيه هئا. ٻاهر ورانڊي ۾ ويٺي ٽيئي پٽ صلاح ڪري رهيا هئا. وڏي پٽ جيڪو بئنڪ ۾ هو، تنهن چيو، ڏسو مان نوڪريءَ وارو وڏو ڪٽنب جڳهه مسواڙ ٻارن جي پڙهائي کان پوءِ بچي ڇا ٿو. هر مهني چار پنج سوَ اڳهه ئي ڪوٽ آهي. تنهن هوندي ٻه يار دوستن کان اوڌر وٺي مان وڌ ۾ وڌ ويهه هزار ڪري سگهندس. ٻئي نمبر پٽ جيڪو ماربل جي ڌنڌي ۾ هو تنهن چيو ڀائو، توهان کي خبر آهي هن وقت ڌنڌو مندو آهي، ڇهن مهنن کان گهران پيو کان. اڄ ڇهن لکن جو وياج پيو ڀريان. ڌنڌو چالو هجي ته نيڪ آهي، باقي وياج تي پئسا وٺي ئي ڪجهه ڪري سگهبو.

ٽئين نمبر پٽ جيڪو پراپرٽي جو ڌنڌو ڪندو هو تنهن به منديءَ جو رئڻو ڪڍيو.

هڪ طرف ٽيئي ڀائر پنهنجي مجبوري ظاهر ڪري رهيا هئا ٻئي طرف ڊاڪٽر موهنداس جي نبض ڳولهي رهيا هئا جيڪا ٻڏي رهي هئي. موهنداس جي زال ۽ ڌيءُ سرلا جو منهن لهي چڪو هو. ٻئي سمجهي ويئون ته موهنداس هاڻ منٽن جو مهمان آهي. ڊاڪٽر پنهنجي وس کان گهڻايو ڪونه پر موهنداس جا ڏينهن پورا ٿي چڪا هئا. ڊاڪٽر جڏهين ڏٺو ته موهنداس جي نبض ٻڏي چڪي آهي ۽ دل جي ڌڙڪن بيهي چڪي آهي تڏهين هڪ ٻئي ڏانهن نهاري چادر موهنداس جي منهن تي وجهي ڇڏي. سرلا جي وات مان سسڪاري نڪتي ۽ پيءُ جي موت جي خبر ڀائرن کي ڏيڻ لاءِ ٻاهر ويئي.

جي هر ڳالهه ۾ رت کي مانُ ڏيندا هئا. جنهن ڏينهن ٽرسٽ جي ميٽنگ ٿيندي هئي، تنهن رات جو سرلا اٺين نوين بجي رات جو گهر پهچندي هئي.

اڄ به سرلا جو فون آيو ته اڄ ٽرسٽ جي ميٽنگ آهي، گهر دير سان ايندي. دليپ سيٺي ٽرسٽين ۾ ننڍو پر سڀ کان وڏيڪ پڙهيل لکيل هو. اڪثر دليپ ئي هر دفعي ميٽنگ کان پوءِ سرلا کي گهر ڇڏي ايندو هو.

اڄ دليپ ڇاڙي واڙي ميٽنگ کي اينگهايو. ميٽنگ ۾ رات جا ڏهه ٿي ويا. هميشهه جيان اڄ به دليپ سرلا کي موٽر ۾ گهر ڇڏڻ لاءِ نڪتو. رستي تي هڪ هنڊ ڪار بهاري ۾ ڪولڊ ڊرنڪ وٺي آيو. هڪ پاڻ پيتائين، ٻي سرلا کي ڏنائين. هڪ منٽ کان پوءِ سرلا جو متو ڦرڻ لڳو ۽ هن کي سرت نه رهي ته ڪار ڪٿي بيٺي. ڪار مان هن کي ڪٿي لاٿو ويو ۽ گهر ڪڏهين ۽ ڪهڙي حالت ۾ پهتي، اها خبر هن کي صبح جو پيئي جڏهين هن کي هوش آيو.

هن کي پيءُ مان خبر پيئي ته دليپ هن کي رات جو اڌ بيهوشيءَ جي حالت ۾ ٻارهين بجي گهر ڇڏي ويو. سرلا پيءُ کي سڄي ڳالهه ٻڌائي ته ڪيئن دليپ پلان ٺاهي هن جي عزت لٽي آهي.

سرلا بدناميءَ جي پرواهه نه ڪري دليپ کي سبق سيکارڻ لاءِ پوليس ۾ رپورٽ ڪئي. ٻئي ڏينهن سڄي شهر ۾ هن گهٽنا جي چرچا هئي. هر اخبار جي پهرئين پيج تي اها خبر هئي.

موهنداس جا چارئي پٽ سرلا جي هن ائڪشن تي ناراض هئا ته ڇاڙي واڙي هن پنهنجي بدنامي ڪرائي آهي پر موهنداس ڌيءُ جي ائڪشن تي ناراض ڪونه هو. پر هن ٻئي حادثي جي ڪري هن تي ٻيو دفعو دل جو دوئرو پيو، جيڪو پهرئين دوئري کان ڪافي گنڀير هو.

ٽن ڏينهن کان موهنداس کي هوش ڪونه هو. گهر ۾ سڀ چنتا ۾ هئا. ڊاڪٽر پوري ڪوشش ڪري رهيا هئا. ڊاڪٽرن

ٽن لکن خاطر

ڪهاڻين ۽ فلمن ۾ جيڪي گهٽنائون اسين پڙهون ۽ ڏسون ٿا، اهي سڀ گهڻو ڪري خيالي هونديون آهن، پر ڪڏهين ڪڏهين زندگيءَ ۾ فلمن جهڙيون گهٽنائون به ٿينديون آهن.

موهن ۽ راجيش ننڍپڻ جا دوست ٻه جسم ۽ هڪ جان - ساڳي پاڙي جا، گڏ پڙهيا، گڏ رانديون ڪيائون، نوڪري ۽ شادي به ساڳي سال ۾. سندن دوستيءَ جو مثال سڄي شهر ۾ مشهور هو. هڪ ٻئي تي جان قربان ڪرڻ وارا دوست.

پر ڪنهن جو ساٿ ڪنهن سان ڪيستائين رهندو، اها خبر صرف رب کي. قدرت کي شايد ٻنهي دوستن جو ساٿ گهڻو وقت منظور ڪونه هو. راجيش ڪنهن مائٽ جي شاديءَ ۾ زال ۽ پٽ سميت ويو، پر موٽندي وقت ويڊيو ڪوچ ڪنهن ٽرڪ سان ٽڪرائجي ويو ۽ ان حادثي ۾ ٻئي زال مڙس گذاري ويا. راجيش جا ماءُ پيءُ ننڍپڻ ۾ گذاري ويا هئا. نڪو ڪيس ڪو ڀاءُ ڀيڻ هو. ايڏي وڏي دنيا ۾ صرف موهن نالي دوست. راجيش جو ڪريا ڪرم موهن ڪرايو ۽ حادثي ۾ بچيل پٽ جئڪي جنهن جي عمر صرف ٽي سال هئي، کي پنهنجي پٽ جيان پالڻ لڳو.

پر جيئن موهن کي ٻار ڄاوا تيئن هن جو پيار جئڪي تان گهٽجڻ لڳو. موهن جي زال سرلا جيڪا ڪنهن پرائيويٽ اسپتال ۾ نرس هئي هاڻي جئڪي کي بار سمجهڻ لڳي.

جتي موهن جا ٻه پٽ ۽ هڪ ڌيءَ پرائيويٽ انگلش ميڊيم اسڪول ۾ پڙهندا هئا اتي جئڪي سرڪاري اسڪول مان مئٽرڪ پاس ڪئي. 85% مارڪون کڻڻ کان پوءِ جئڪي کي اڳتي پڙهائڻ لاءِ موهن تيار نه ٿيو. جئڪي کي هڪ پرائيويٽ فرم

ٻاهر تيستائين بحث هليو پئي. سرلا جي ڪنن تي وڏي ڀاءُ جو جملو پيو جيڪو چئي رهيو هو، ڏسو، توهان مونکان عمر ۽ تجربي ۾ ننڍا آهيو وڏيڪ جذباتي ٿيڻ جي ضرورت ڪونهي. ڊئڊيءَ جي عمر هن وقت سٺر ته آهي، باقي گهڻا سال ٻيا. اجايو ٿي چار لک خرچڻ جي ضرورت ڪونهي. جي ڊئڊي جا ڏينهن باقي هوندا ته ڪا طاقت ڊئڊيءَ کي ماري ڪونه سگهندي. باقي جي ڏينهن پورا ٿي چڪا هوندا ته ٿي چار لک خرچڻ سان بچندو ڪونه. ڏسو اڄ ٿن لکن جو وياج به بازار جي حساب سان ڇهه هزار روپيه مهنو ٿو ٿئي، ڇهه هزار ڇا کي چئبا آهن. هي سڀ ٻڌي سرلا سُن ٿي ويئي، پر وري پاڻ سنڀالي ٻاهر اچي ڇپن تي طنزي مشڪ آڻي چيائين، ”ڀائو، توهان سڀني لاءِ خوشخبري - هاڻي توهان کي ڇهه هزار مهنو وياج ڪونه پرڻو پوندو.... ڊئڊي سڀني دکن کان مکت ٿي چڪو آهي.“

ٿنهي ڀائرن جا ڪنڌ ڏوهارين جيان زمين ۾ ڪپي ويا.

”ها ڀائو! ڊيڊي جي ڪريا ڪرم تي به ته اٺ ڏهه هزار خرچ ايندو، ٻارهي تائين ويهه پنجويهه. توهان چنتا نه ڪيو. ڊئڊي پنهنجي ڪريا ڪرم لاءِ لک روپيه بئنڪ ۾ ڇڏي ويو آهي.....“

سرلا تيزيءَ سان اندر پيءُ جي لاش حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪا خانا پورتي ڪرڻي هئي، ان ۾ لڳي ويئي.

□

”ڇا جي؟“

”جڻڪي جي ڪڌني جي.“

”سو ڪيئن؟“

”جڻڪي ڪجهہ ڏينهن کان پيٽ سور جي شڪايت پيو ڪري. ٽيسٽ جي بهاني ان جي ڪڌني چوراڻ ڪهڙي وڏي ڳالهہ آهي!“

موهن ڪي منٽ ماٺ رهيو. ”پر اهو تہ پاپ آهي؟“

”نہ، اهو پڄ آهي. هڪ سيٺ جي زندگي بچي پوندي ۽ جڻڪي تہ آرام سان هڪ ڪڌني سان جي سگهندو.“

موهن جي چهري تي مشڪ اچي ويئي. ”يعني تون پنهنجي ڏيءُ جو ڏاجو پڪو ڪري رهي آهين.“

”بلڪل“

”تہ سياڻي مرغو حلال ڪبو.“

”ها“

”تہ ان خوشيءَ ۾ جشن ٿي وڃي...“

”مان اڄ ٿڪل آهيان.“

”مان تنهنجو سڄو ٿڪ لاهي ڇڏيندس.“ موهن شرارت مان چيو.

”توهان مردن کي تہ بس.....“

”ڇاڪاڻ تہ مرد ٿيندا ئي اهڙا آهن.“ موهن کلي چيو ۽ پوءِ شراب ۽ شباب جو دؤر شروع ٿي ويو - ٽن لکن ملڻ جي خوشيءَ ۾.

□

موهن جي ڪمري جي بلڪل پاسي ۾ جڻڪي جو ڪمرو هو. بنهي ڪمرن جون دريون پاسي پاس ۾ هيون. اگر بنهي ڪمرن جون دريون کليل هجن تہ ڳالهين جو آواز صاف صاف ٻڌڻ ۾ اچي.

۾ ٽن هزارن تي نوڪري وٺي ڏني. وقت گذرڻ لڳو.

جڏڪي هاڻ ۱۸ سالن جو جوان هو ۽ موهن جا ٻه پٽ ۱۶ ۽ ۱۴ سالن جا، ڌيءَ ۱۲ سالن جي. جڏڪي به هزار گهر ڏيندو هو ۽ هزار پنهنجي لاءِ رکندو هو، جيڪو موهن جي زال سرلا کي گهٽ برداشت هو، پر موهن جي سمجهائڻ تي مان هئي.

□

اڄ سرلا اسپتال مان دير سان موٽي. رات جا ساڍا ڏهه ٿي ويا. روٽي پاڻي کائڻ کان پوءِ مڙس سان گڏ بيڊ روم ۾ هن کي هڪ ڳالهه ٻڌائڻ لاءِ آئي هئي.

”اڄ اسپتال ۾ هڪ ارب پتي پيشينٽ پرتي ٿيو آهي. هڪ ڪڊني خراب اٿس. ٽي لک ڏيڻ لاءِ تيار آهي پر جنهن بلڊ گروپ جي کپي اها ملي ڪونه ٿي.“

”چري! ٽورو عقل کپي ڪڊني ته لک کان گهٽ ۾ ملي ويندي آهي. پر ان لاءِ هوشياري ۽ عقل کپي.“

”مان اسپتال ۾ ڪم ٿي ڪريان. مونکي توهان کان وڌيڪ خبر آهي. مونکي ٽن جو ڪوڙو نه پاڙهيو.“

”اهو ته مان توکان پڙهندو آهيان.“

”ڇڏيو اجائي مسڪا پالش.“

”ته آخر ڪڊني بابت تو ڇا سوچيو؟“

ٻن منٽن جي شانت کان پوءِ سرلا چيو، ”جڏڪي بابت توهان جو ڇا خيال آهي؟“

”مان سمجهيو ڪونه؟“

”جنهن بلڊ گروپ جي ڪڊني کپي جڏڪي جو بلڊ گروپ ساڳيو آهي.“

”پاڳل آهين ڇا؟ جڏڪي مڃيندو؟“

”مڃيندو ته ڪونه.“

”پوءِ.“

”چوري...“

خئراج ڪير وارو

ڇهه مهنا اڳ ڀائٽيءَ جي شاديءَ تي احمدآباد وڃڻ ٿيو. احمدآباد ۾ ٻيا به گهڻيئي مائٽ رهندا آهن، پر ڪو ڪٿي ته ڪو ڪٿي. هڪ مٽي نگر ته ٻيو سابرمتي، ٽيون سردار نگر ته چوٿون نڪر ٻاپا نگر.

خئر! شادي سک سان گذري. ٻئي صبح جو ڏهين بجي مٽي نگر وڃڻ لاءِ بس جي لائين ۾ بيٺو هئس. اوچتو هڪ موٽر بس اسٽئنڊ جي سامهون اچي بيٺي. ان موٽر مان ڊرائيور لهي منهنجي اڳيان آيو ۽ چيائين، ”سائين، توهان کي سيٺ خئراجمل ڪوٺي رهيو آهي.“

”ڪهڙو سيٺ خئراجمل؟“

”سائين، شهر جو مشهور سيٺ خئراجمل.“

”معاف ڪجانءِ ڀائي، مان هن شهر جو ڪونه آهيان، نڪو مان ڪنهن خئراجمل کي سڃاڻان.“

”سائين سامهون موٽر ۾ سيٺ صاحب ويٺا آهن، ضرور توهان کي سڃاڻندا هوندا تڏهين ته توهان کي سڏايو اٿن.“

مان لائين مان نڪري موٽر ڊرائيور سان گڏ موٽر وٽ آيس. موٽر مان ٻاهر نڪري هڪ ڳاڙهو ڳٽو پنجاهه پنجونجاهه سالن جي ماڻهو سامهون بيهي مشڪي رهيو هو.

”رميش، مونکي سڃاڻين ڪونه ٿو؟“

”معاف ڪجو، مون توهان کي سڃاتو ڪونه.“

”رهين نه ماستر جو ماستر.“

”ها ماستر ته مان آهيان.“

”اڙي مان آهيان تنهنجو ننڍپڻ جو دوست خئراج ڪير وارو...“ ۽ اڳيان اچي مونکي ڀاڪر ۾ ڀري چيائين، ”هاڻ سڃاتئه؟“

”ها، مهانڊو ته لڳو پئي... پر تون... موٽر ۾؟“

قدرتي اچ جئڪي کي ننڊ ڪون پئي آئي، تنهن موهن ۽ سرلا جون سڀ ڳالهيون ٻڌيون ۽ سُن ٿي ويو. مار! جن کي مان ماءُ پيءُ کان وڌيڪ سمجهندو آهيان، سي اچ منهنجي زندگيءَ جو سوُدو ٿن لکن ۾ ڪري رهيا آهن. جئڪي اٿيو ۽ ننڍي اٽئچي ۾ ڪپڙا وجهي چپ چاپ گهران نڪري ويو.

صبح جو ننڊ کلڻ تي موهن ۽ سرلا کي گهر جو ٻاهريون در کليل نظر آيو. پاسي واري ڪمري مان جئڪي غائب هو. ڪپڙا، اٽئچي ۽ پنج هزار روپيه ڪٻٽ مان غائب هئا يعني پڪي اڏامي ويو هو. ارب پتي مريض ٻئي شهر هليو ويو هو. ڳالهه پراڻي ٿي چڪي هئي. ٿن مهنن کان پوءِ هڪ رجسٽرڊ چٺي آئي. موهن کولي خط پڙهڻ لڳو:

”.....مسٽر موهنداس، اڄ ٻهريون دفعو توهان کي انڪل لکندي شرم محسوس ڪري رهيو آهيان. توهان دوست جي امانت جو ٿن لکن ۾ سوُدو ڪري رهيا هئا. ڇا لاءِ؟ پئسن خاطر! پنڪي اگر توهان جي ڌيءُ آهي ته منهنجي ٻه ته ڀيڻ آهي. ڇا ان جي ڏاجي لاءِ مان توهان جو ٻانهن ٻيلي ڪونه ٿيان ها. توهان انساني رشتن تي ڪلنڪ آهيو.

مان بمبئيءَ وڃي ان سيٺ سان گڏيو آهيان ۽ پنهنجي ڪڍني سٽن لکن روپين ۾ ان کي وڪي آهي. توهان کي سٽن لکن جو ڊرافٽ موڪلي رهيو آهيان - شايد توهان جي پئسن جي بک لهي..... جئڪي.“

□

ڪلاڪ کان پوءِ موهن کي فون آيو ته سندس ٻئي پٽ موٽر حادثي ۾ گذاري ويا.

□

ڇا سوچي پاڻيجي سان گڏ هيٺ لهي آيس ۽ ڪير واري ڪي ڀاري پڇيومانس ته تنهنجو نالو خئراج آهي اها خبر ته مونکي منهنجي پاڙيجي مان پيئي، هاڻ اهو ٻڌاءِ ته تون سنڌ ۾ ڪٿي رهندو هئين.

”ٺٽي آدم ۾.“

”تنهنجي پيءُ جو نالو ڇا آهي؟“

”وشنداس.“

”مونکي سڃاڻين ٿو؟“

”نه.“

”مان آهيان تنهنجو ننڍپڻ جو دوست رميش.“

خئراج سائيڪل اسٽئنڊ تي ڀاري پاڪر پائي گڏيو. پوءِ چيائين ته هن وقت ڊنڊي جو وقت آهي، ٻيهرن جو ويهي حال احوال ڪنداسين.

”پر مان ته اڍائي بجي واري بس ۾ اديپور وڃي رهيو آهيان.“

”مار ڪائيندين.“ هن حجت مان چيو، ”يارن واسطي هڪ ڏينهن جو موڪل.“

مون مشڪي ها ڪئي.

ٻيهرن جو خئراج آيو. گڏجي روٽي کائڻ کان پوءِ ويهن سالن جو حال احوال ڪيوسين. خئراج جي شادي ٿي چڪي هئي. ٻه ننڍا ٻار به اٿس. ماءُ پيءُ گذاري چڪا هئس. جاءِ اجان مسواڙ جي اٿس، پر هاڻ به پئسا ناهيا اٿائين، جڳهه ڳولهي پيو. خئر! ويهن سالن جي سڪ هڪ ڏينهن ۾ لهڻ جي نه ڪونه هئي، پر پنهنجي ڊنڊي جي مجبوري - ان رات جو مان بس رستي اديپور آيس.

☐

اڄ ٽيهن سالن کان پوءِ اوچتو خئراج گڏيو. ٽيهن سالن ۾ مون خئراج جي پڇا ڳاڇا نه ڪئي پر خبر پيئي نه هن گهر

”ڇڏ يار، ڳالهيون پوءِ...اڄ موٽر ۾ ويهه...“
”پر...مونکي نه مٽي نگر وڃڻو آهي.“
”اڙي توکي مٽي نگر وڃڻو آهي - ڊرائيور ڇڏي ايندو. اڄ موٽر ۾ ويهه“ ۽ مونکي ٻانهن کان پڪڙي موٽر ۾ وهاري گهر وٺي هليو.

ملڪ جي ورهاڱي کان پوءِ خٿراج سان منهنجي هيءَ ٻي ملاقات هئي. منهنجي اکين آڏو ٻه نظارا ڦري ويا. هڪ ٥٥ سال اڳ وارو جڏهين مان ۽ خٿراج سنڌ ۾ ٽنڊو آدم ۾ ٽيون درجو گڏ پڙهندا هئاسين. خٿراج جو ٽئين ڪلاس ۾ ٽيون سال هو. ڪلاس ۾ سڀ کان وڏي عمر وارو شاگرد. ڪيس چوڏهن جو ڪوڙو ياد ڪونه ٿيندو هو تنهن ڪري روز ماسٽر هوتچند جي مار کائيندو هو. منهنجو پڪو دوست هو. سندس وڏا ڪير جو ڌنڌو ڪندا هئا، صبح شام جو گهرن ۾ ڪير پهچائڻ سندن ڪم هو.

سنڌ ۾ سستائي هئي پر غريبي به هئي. ڪير وارا اتي ڳ هٽو ڪري غريب هوندا هئا.

پر خٿراج ۽ منهنجي وچ ۾ امير ۽ غريب جي وٿي ڪونه هئي. خٿراج غريب ڪير وارو ۽ مان زميندار ٻار. جتي خٿراج کي ٽڪو خرچي ملندي هئي اتي مونکي ٻه روپيه روز يعني اڄ جا سوٌ روپيه. خٿر، رسبس ۾ مان سيني دوستن کي دال پڪوان کارائيندو هوس. اها ڳالهه ٻي آهي منهن تي سڀ خوشامد ڪندا هئا ۽ پر پٺ پيٺو چوندا هئا.

ملڪ جي ورهاڱي کان پوءِ اسين جلد اديپور لڏي آياسين ۽ خٿراج ان وقت سنڌ ۾ هو. پوءِ ڪٿي اچي رهيا خبر رب کي.

□

ويهن سالن کان پوءِ مان احمداباد ۾ پيٺ وٽ ويو هئس. صبح جو ساڍا ست اٺ ٿيا هوندا. هيٺ ڪير وارو آواز آيو. پيٺ پٽ کي هيٺان خٿراج کان ڪير وٺي اچڻ لاءِ چيو. مان لائي

سگهي ويو آهي.

”ويهہ سال اڳ منهنجو سنڌو مونکي ڊبئي وٺي هليو. مان ٽي سال اتي رهيس. جڏهين واپس انڊيا آيس تہ مون وٽ بہ ٽي لک کنا ٿي چڪا هئا. تنهن کان پوءِ سال ۾ چار پنج چڪر سينگاپور، هانگ ڪانگ ۽ ڊبئيءَ جا ٿيندا رهيا. هيڏانهن منهنجو پٽ ڏنڌي ۾ مونکان هوشيار نڪتو. هن پهرين ڪالونيءَ ۾ ڪير جي ڊيئري کولي. جتي مان پنجويهہ سيڪڙو پاڻي ملائيندو هوس، اتي منهنجو پٽ پنجاهہ سيڪڙو پاڻي ملائيندو هو. الائي ڪهڙو ڪيميڪل ڪير ۾ وجهندو هو جو ڪير گهاٽو نظر ايندو هو. ڇوڪري ڌنڌي کي وڌايو. آهستي آهستي شهر جي ويهن ڪالونين ۾ ڊئريون کوليون. سڀ ڪم نوڪر سنڀاليندا آهن. ڇوڪرو رڳو خريداري ڪري ۽ نظرداري رکي. بہ - ٽي سال اڳ وچ شهر ۾ هڪ هوٽل خريد ڪئي آهي. پوءِ خئراج مونکي موٽر ۾ هوٽل ۾ وٺي هليو. هوٽل ۾ ناشتي جو خاص ڪم هو. گراهڪن جي ڀيڙ هئي. چيائين هيءَ هوٽل پنجاهہ هزار ٽيڪي ٽي گهري رهيا آهن. ڪير جو ڪم بہ زور آهي. بس، جهولڻ جي ۽ درياهہ شاهہ جي مهر آهي.

”درياهہ شاهہ جي؟“

”ادل، سڀ مهر تہ درياهہ شاهہ جي آهي.“

”ڀلا سو ڪيئن؟“

”ادا ڪير ۾ جيڪو پاڻي ملائيندا آهيون، اهو درياهہ شاهہ جو آهي نہ؟“

مان خئراج جو منهن ڏسي رهيو هئس.

”ها، هڪ ٻي ڳالهہ ٻڌ. مان پئنچائت جو مکي ۽ وارڊ ميمبر بہ آهيان.“

خئراج جيڪو سنڌ ۾ چوڏنهن جو ڪوڙو ياد نہ ڪرڻ سبب روز مار کائيندو هو، سو اڄ ڪروڙن جو مالڪ، لکن جي هر مهني ڪمائي ....وارڊ ميمبر ۽ پئنچائت جو مکي...

۽..۽..مان رٽائرڊ هيڊ ماستر...صرف رواجي انسان...!

□

گهر ڪير پهچائڻ جو ڌنڌو بند ڪري ڇڏيو آهي ۽ ڪبير نگر مان مسواڙي جڳهہ خالي ڪري ويو آهي. هاڻ احمدآباد جهڙي وڏي شهر ۾ خئراج کي ڳولهڻ ڏکيو هو.

خئراج مونکي گهر وٺي آيو. جاءِ ڇا هئي محل هو. ٻارهن ڪمرن جي ڪوٺي، هر ڪمري ۾ باٿ روم لئٽرين اٽئچ. گهر ۾ ڇهہ فون ۽ سيلبيولر ڊار. اڄ جي زماني ۾ گهر کي سينگارڻ لاءِ هر شيءِ هئي.

ڊرائنگ روم ۾ چانهہ پيئڻ کان پوءِ بيڊ روم ۾ وٺي هليو. وهاڻي کي ٽيڪ ڏيئي آمهون سامهون ٽي ويهڻ کان پوءِ مشڪي چيائين، ”ماسٽر صاحب، اڄ ٽيهن سالن کان پوءِ گڏيا آهيون. ٻڌاءِ ڪهڙي ترقي ڪئي اٿئي ٽيهن سالن ۾؟“

”يار! اسين نوڪري وارا ماڻهون ڇا ترقي ڪنداسين؟ اتي جو اتي آهيون.“

”وري ٻہ! ڇڏ يار، اهو تہ ٻڌاءِ توکي گهڻا ٻار آهن؟“

”چار ٻار آهن - ٻہ ڇوڪرا ٻہ ڇوڪريون. شاديون سڀني جون ٿي چڪيون آهن. ڇوڪريون پنهنجن ساهرن ۾ سکي آهن. هڪ ڇوڪرو سرڪاري نوڪري ۾ آهي ٻئو هڪ کي ريڊي ميڊ جو دڪان آهي.“

”۽ جاءِ جڳهہ؟“

”پنهنجي آهي، پر غريباڻي جهوپڙي آهي. پر اهو تہ ٻڌاءِ خئراج، تنهنجي ڪا لاٽري کلي آهي ڇا؟“

خئراج وڏو ٽهڪ ڏيندي چيو، ”لاٽري ڪونہ کلي آهي، ها پر دماغ ضرور کليو آهي.“

”سو ڪيئن؟“

”ٻڌ رميش! اڄ جي زماني ۾ ايمانداري ۽ اصولن کي پاسيرو رکي پرئڪٽيڪل ٿيڻ ضروري آهي.“

مان خئراج کي ڇتائي ڏسي رهيو هئس. هي ساڳيو خئراج آهي جيڪو ٽئين درجي ۾ ڇوڏنهن جو ڪوڙو ياد نہ ڪرڻ سبب روز مار کائيندو هو، سو هاڻ انگريزيءَ ۾ پرئڪٽيڪل چوڻ ٻہ

گهر ۾ اڪيلو هو، تنهن هيما کي پنهنجي حوس جو شڪار بڻايو. هيما کي مردن جو هي پهريون ڏنگ هو. اهو سلسلو هڪ دفعو شروع ٿيو تہ هلندو ئي رهيو. هن جنهن جنهن نوڪري ڪئي اتي هن جي ڪم جو قدر گهٽ ۽ چم جو وڌيڪ ڪيو ويو.

آخر ١٢ ڪلاس پاس ڪري ڪليڪٽري ۾ ڪلارڪ بڻجي ويئي. هاڻ هن جا پائر پينرون سٺن اسڪولن ۾ پڙهندا هئا ۽ ڪپڙا بہ سٺا پائڻ لڳا. هيما کي پگهار کان سواءِ مهربانن جي ڪري اوپرو پيسو بہ پلي پوندو هو.

هاڻ هيما جي عمر ٢٧ سال ٿي چڪي هئي. ماڻس ڪافي هٿ پير هلايا، پر ڏيتي ليتي جو راڪاس جنهن ڪٽي وات ڦاڙي بيٺو هو.

سندن پاڙي ۾ موهن ماستر جي زال ويم ۾ گذاري ويئي. موهن جي عمر ٣۵ سال کن هئي. موهن بنا ڏيتي ليتي جي شادي ڪرڻ لاءِ تيار هو. آخر هيما جي شادي موهن سان ٿي ويئي. هيما شادي وقت هڪ شرط رکيو تہ هو پگهار جو هڪ حصو مائٽن کي ڏيندي جيستائين سندس پائر ڪمائڻ لائق نہ ٿين. موهن اهو شرط بہ منظور ڪيو.

هيما جي ساهرن جي ڪٽنب ۾ هاڻ ڪل ٽي ڀاتي هئا - هيما، موهن ۽ موهن جي ماءُ. اڳي هن جي بدلي سال ۾ هڪ دفعو ضرور ٿيندي هئي، جنهن کي ڪئنسل ڪرائڻ لاءِ راڄڌاني جي سيڪريٽيريٽ ۾ وڃي ڪزن بردر کي چوندي هئي. ڪڏهين ڪڏهين تہ سال ۾ بہ دفعا هن جي بدلي جا آرڊر بہ ٿيندا هئا. اها خبر موهن کي هئي. هاڻي موهن جي بدلي ڪرائڻ لاءِ هر سال هيما کي راڄڌانيءَ ۾ وڃڻو پوندو هو.

بہ سال گذري ويا.

آرتوار جو ڏينهن هو. روٽيءَ جي تياري ٿي رهي هئي. اوچتو هن جي نراڻ ريٽا گهر ۾ گهڙي ۽ ماءُ کي ٻڌايائين تہ سندس بدلي ڪنهن پري ڳوٺ ۾ ٿي آهي. ريٽا ماسترياڻي هئي. بدليءَ جي ڳالهہ ٻڌي هيما جي سس ڪلي ڇپو، ڏيءَ نون

مٿي ناٺين پهچ

هيما ڪليڪٽريءَ ۾ ڪلارڪ هئي. خوبصورت قداور ۽ پاڻ ڏانهن ڇڪيندڙ چقمق واري ڪشش هئس. نوڪري حاصل ڪرڻ ۾ ڪيس ڪهڙا پاپڙ ويلڻا پيا، اها خبر هڪ هيما کي ٻي رب کي.

گهر ۾ ڪائڻ وارا اٺ، ڀاتي، پاڻ، ماءُ ۽ ڇهه ننڍا ڀائر ۽ ڀينرون. پيءُ ننڍي هوندي گذاري ويو.

ننڍپڻ ڪيئن گذريو، ڪيس چڱيءَ طرح ياد آهي. هڪ روٽيءَ لاءِ ڇينا جهپٽي. هڪ ويلو ملندو هو ته ٻيو ويلو ورت. غريبيءَ ۾ ڪوبه ويجهو اچڻ لاءِ تيار ڪونه هو. ها، هيما جڏهن تيرهين سال ۾ پير پاتو ته اسڪول جا ڇوڪرا، پاڙي جا ڇوڪرا، ننڍا وڏا نه صرف سندس همدرد بڻجي پيا ۽ الائي ڪٿان ڪٿان جا ماسات، ماروت ۽ سوٽ پڻ پئدا ٿي ويا. ٻزنن ۾ جوان هميشه اِرد گرد ڦرڻ لڳا - ”هيما، ڪو ڪم هجي ته ٻڌائجانءِ - توکي پئسي جي مدد کپي ته اسين حاضر آهيون - توکي نوٽس يا پاس بوڪ کپي ته مان توکي گهر پهچائي وجان.“ اسڪوٽرن تي لِفٽ ڏيڻ وارن جو تعداد ٻزنن ۾ ٿي ويو. پر هيما جي ماءُ ۽ هيما خبردار هيون. انهن همدردن کي پاڻ کان پري رکيو.

پر خوبصورتي ۽ جواني هيما جي ماءَ جي ننڊ ڦِٽائي ڇڏي. جيئن هيما ١٦ ۾ پير پاتو، ماٽس وڌيڪ نظرداري رکڻ لڳي. هڪ طرف جسم جي ٻکين جون نظرون ٻئي طرف غريبي جو راڪاس.

هيما پهريون شڪار پنهنجي سڳي ماسات جو بڻي. هيما جو ماسات جيڪو هن کان عمر ۾ ١.٦ سال وڏو هو، پنهنجن ٻارن جي ٽيوشن لاءِ ڪيس ٻن سوُ روپين ۾ پاڻ وٽ رکيو. هڪ ڏينهن ٻار ماءُ سان گڏ پڪچر ڏسڻ ويا هئا. هيما جو ماسات راجيش

پنهنجن کان وڇڙڻ جو ڏک

رات جو يارهين بجي پائٽئي جو فون آيو - ''ڪاڪا، هڪدم هليا اچو، ضروري ڪم آهي. گهر ۾ هڪ وڏو حادثو ٿي ويو آهي.''

سرديءَ جي موسم. رات جا يارهان. مِني بسيون ته نوين بجي بند ٿي وينديون آهن. جنهن ڪالونيءَ ۾ منهنجو پائٽيو رهندو آهي اها ڪالوني منهنجي گهر کان ٨ ڪلوميٽر پري آهي. سائيڪل تي وڃڻ جي منهنجي همت ڪونه ٿي ۽ رڪشا وارا ٥٠ روپين کان گهٽ وٺڻ وارا ڪونه آهن. آخر رام رام ڪري آٽو رڪشا ڪري اتي پهتس. پائٽيي جي گهر جي بتي ٻري رهي هئي ۽ ان سان گڏ پاڙي جي پنجن ڇهن گهرن جا دروازا کليل هئا ۽ بتيون پڻ ٻري رهيون هيون. پائٽيي جي گهر ۾ ۽ ٻاهر ١٥ - ٢٠ زالون ۽ مرد ويٺا ۽ بيٺا هئا ۽ پاڻ ۾ وڏي واڪي بحث ڪري رهيا هئا.

هائسنگهه بورڊ جي ڳانڍي گرهه جون جڳهيون سامهون 8 x 8 جو ڪمرو، جنهن ۾ هڪ پلنگ ۽ ٻن ڪرسين وجهڻ کان پوءِ وهڻ يا بيهڻ جي جڳهه ڪونه بچندي. پاسي ۾ بنا دروازي جو ٻيو ڪمرو. سامهون واري ڪمري ۾ ٽي مرد پلنگ تي چڙهي بالم ٿي ويٺا هئا، جڻ گهر ڏٺي هو هئا ۽ اسين ڏاريا يا اوپرو ماڻهو. پاسي واري ڪمري ۾ منهنجي پائٽيي ڪنوار، سندس ٢٥ سالن جي جوان ڌيءُ پنڪي ۽ ١٣ ۽ ١٥ سالن جا پٽ وِڪي ۽ منيش. پهرئين ڪمري ۾ زالون ۽ مرد هٿ لوڏي وڏي واڪي بحث ڪري رهيا هئا. مون پائٽيي کي پاسيرو وٺي پڇيو، ''ڳالهه ڇا آهي؟'' هن ٻڌايو ته ڪلاڪ اڳ پاڙي وارن پاسي واري گهٽي ۾ هڪ جوان سان هٿ کس ڪندي پاڪر پائيندي

خيال نہ ڪر، هيما جي مٿي تائين پهچ آهي. هيما جو ڪزن بردر راڄڌاني - سيڪريٽيريٽ ۾ آهي، تون بدليءَ جا ڪاغذ ۽ درخواست هيما کي لکي ڏي ۽ گهر وڃي بي اوني ٿي ننڊ ڪر.

۽ هيما سوچڻ لڳي - اڳي مونکي راڄڌاني ۾ سال ۾ هڪ دفعو وڃڻو پوندو هو، هاڻي ٽي دفعا - پاڻ لاءِ، مڙس لاءِ ۽ نڻان لاءِ. ڪين کهڙي خبر نہ هن کي راڄڌاني وڃي هر دفعي بدليءَ لاءِ ڪزن بردر ۽ منسٽر جو بسترو گرم ڪرڻو پوندو آهي، تڏهن وڃي بدلي رد ٿيندي آهي.

□

ڪلاڪ اڳ ڪجهه زالون پنڪي کي پاسي واري گهٽي ۾ هڪ جوان جي ياڪر ۾ ڏنو هو سو ڪيس پڪڙي وٺي آيون آهن.''
مون ڪانتا کان پڇيو جنهن چيو، ''ڪاڪا، مون ٽي.وي. ويئي ڏٺي اوچتو ٦ - ٥ زالون پنڪي کي هٿ کان پڪڙي آيون ۽ چيائون ته اسان پاسي واري گهٽي ۾ پنڪي کي هڪ جوان سان گڏ ٺهه ٺهه ڪندي ٺهڪ ڏيندي، هٿ ڪس ڪندي هڪ ٻئي جي ياڪر ۾ ڏٺو. اسان ڇوڪري کي ٻه پڪڙڻ جي ڪوشش ڪئي پر هو اسان کي ڌڪو ڏيئي ڀڄي ويو ۽ زالون هٿ لوڏي وڏي وا ٽي چوڻ لڳيون، ''ڪانتا هن پاڙي ۾ هي ڇڪلو ڪونه هلندو. اڪر تنهنجي ڌيءُ کان جواني سنڀالي نٿي وڃي ته ڪنهن سان پرڻائي ڇڏينس. باقي پاڙي ۾ هي سڀ ڪونه هلندو.
مون پنڪي ڏانهن سوالي نگاهن سان نهاري چيو، ''پنڪي ڇا ڳالهه آهي؟''
''ڪاڪا! ڪا خاص ڳالهه ڪانهي.''
''پوءِ هي سڀ گوڙ شل ڇا جو آهي؟''
''آهي ته منهنجي ڪري ئي.''
''توکي هي سڀ سٺو لڳي ٿو!''
''ڪاڪا، توهان اسان جي گهر يعني پاڙي ۾ گهٽ ايندا آهيو تنهن ڪري توهان کي هي سڀ عجيب لڳي رهيو آهي. ڪاڪا، هي پاڙو شريفن جو پاڙو ڪونهي. هتي هي سڀ روز جي ڪرت آهي.''
''مان سمجهيو ڪونه. تون سڀ کولي ٻڌاءِ. ٿو اهو پڻ ٻڌاءِ ته جنهن ڇوڪري سان گڏ توکي پڪڙيو ويو اهو ڪير آهي.''
''ڪاڪا! مان توهان کي سڀ ٻڌائيندس، پر اڪيلي ۾.''
مون هڪ منٽ سوچڻ کان پوءِ چيو، ''نيڪ آهي، صبح جو ٦ بجي مارننگ واڪ وقت.''
''هن سرديءَ ۾ مارننگ واڪ!''
''بحث نه. صبح جو ساڍي پنجي تيار ٿي ويهجانءِ

پنڪيءَ کي پڪڙيو آهي.

”پنڪي ڪٿي آهي؟“

”اندر آهي.“

”ڇوڪرو ڪٿي آهي؟“ مون پڇيو. اسڪوٽر تي شهر ڀڄي ويو.

”پاڙي وارا ڇاٽا ڇاهن؟“

”ڇون ٿا اسين ٻارن ٻچن وارا آهيون. توهان جي آواره ڌيءُ جو اسان جي ٻارن تي خراب اثر پوندو، تنهن ڪري هي پاڙو خالي ڪيو.“

”بس ٻيو ڪجهہ“

”بس.“

مون ڪمري ۾ اچي پاڙي جي حرام خورن جي معتبرن کي هٿ جوڙي چيو، ”مان دنيش جو ڪاڪو آهيان. منهنجو نالو ڪشور آهي، شهر ۾ رهندو آهيان. توهان جي جيڪا بہ شڪايت آهي، صبح جو ٻڌندس. مان رات جو هت رهندس. پهرين مونکي دنيش کان حال احوال وٺڻ ڏيو.“ مون ڏٺو انهن مان ڪنهن جي دل اٿڻ تي ڪونہ هئي، پر لاچار انهن کي اٿي پنهنجي گهر وڃڻو پيو. در بند ڪرڻ کان پوءِ مون ڀائٽيي کنوار کي چيو تہ وڪي ۽ منيش کي ننڊ اچي تہ هن ڪمري ۾ اچجو، مونکي توهان سان ڳالهائڻو آهي.

اڌ ڪلاڪ کان پوءِ دنيش، سندس کنوار ۽ پنڪي منهنجي ڪمري ۾ هئا جتي دنيش ۽ سندس زال جو منهن لٿل هو اٿي پنڪي جي منهن تي ڪنهن بہ قسم جي ڇنتا يا شرمندگي جو نشان ڪونہ هو. هن جي منهن تي مرڪ هئي. پنڪي ڪجهہ چوڻ ٿي چاهيو پر مون چپن تي آڱر رکي کيس شانت رهڻ جو اشارو ڪيو. مون ڀائٽيي ڏانهن منهن ڪري چيو، ”دنيش ڇا ڳالهہ آهي؟“

”ڪاڪا، مان گاڏو بند ڪري گهر واپس آيس تہ گهر جي ٻاهران ماڻهن جو ميڙ ڏسي وائڙو ٿي ويس. ڪانٽا ٻڌايو تہ اڌ

ڪافي سنڌي ساهتڪارن سان سڃاڻپ اٿس. دوست ڪلي چوندا آهن، ”ڪشور صاحب، واڌايون هجنوَ، پاڻي تو نہ جيٽري پنهنجو ساهتڪ وارث پئدا ڪيو آهي.“

پنڪي تي مان فخر ڪندو آهيان ۽ پنڪيءَ مان ڪافي آشائون بہ رکندو آهيان، ڇاڪاڻ تہ مون گذريل ٢٥ سالن ۾ پنهنجي گروپ جي ڪافي ڇوڪرين / ڇوڪرن تي محنت ڪئي آهي تہ اهي سنڌي ساهت جي بار ۾ ڪجهہ ڄاڻ رکن ۽ ڪجهہ سکن پر صرف پنڪي ئي ان لاءِ تيار ٿي ۽ ڪامياب رهي آهي.

مون پنهنجا سنسڪار پنڪي کي ڏنا آهن. پنڪي مونکان ۽ ماڻس کان لڪائي ڪو بہ ڪم ڪونہ ڪندي آهي. مان مڃان ٿو تہ جواني ديواني ٿيندي آهي. جواني نديءَ جو اهو وهڪرو آهي جو وڏا وڏا بند پڃي بوڏ آڻي ڇڏيندي آهي. پر پنڪي انهن ڇوڪرين مان ڪونهي. ڪلي ڳالهائڻ ٻي ڳالهہ آهي پر وچ رستي تي ڪنهن ڇوڪري سان هٿ ڪس ڪندي پاڪر ۾ پڪڙجي هجي مونکي اعتبار اڄ ر نٿو اچي.

ويچارن جو سلسلو ختم ٿيڻ جو نالو ئي نہ پيو وٺي. ڏهن سالن کان پنڪي منهنجي سنگت ۾ منهنجيون سٺيون / خراب عادتون پرايون آهن. سنڌيت مون جيان پنڪيءَ جي بہ رڳہ رڳہ ۾ آهي. ڪهڙا خيال آيا ۽ ڪهڙا ويا ٿي. ڪيڏي مهل صبح بہ ٿي ويو خبر ڪونہ پيئي. اوچتو ڪمري جي بتي ٻري، بانهن ۾ ٻڌل گهڙيءَ ۾ ٽائيم ڏٺم، سوا پنج ٿيا هئا. پنڪي مونکي ۽ دنيش کي چانهہ جو ڪوپ ڏنو. مان اٿي ضروري حاجت کان فارغ ٿيس تہ ڇهہ ٿي ويا. پنڪي ۽ مون سردي جي بچاو لاءِ سويٽر، مفلر شال وغيره ڪڍي ۽ مارننگ واڪ لاءِ نڪتاسين. هڪ ڪلوميٽر هلڻ کان پوءِ ميونسپل جو ننڍو پارڪ هو جتي بہ ڪرسيون هيون جيڪي هڪ ننڍي وراندي ۾ هيون. مان ۽ پنڪي انهن ڪرسين تي وڃي ويٺاسين.

شروعات پنڪي ڪئي. ”ڪاڪا، توهان جي پڇڻ کان اڳ ئي مان توهان کي گهڻو ڪجهہ ٻڌائڻ چاهيان ٿي. گذريل ڏهن

مارننگ واڪ لاءِ.''

پنڪي ۽ ماڻس اٿي پنهنجي ڪمري ۾ ويون - مان ۽ دنيش بتي وسائي سمهي پياسين.

پر منهنجي اکين ۾ ننڊ ڪونه هئي. مان سڄي رات ننڊ ڪونه ڪري سگهيس. دنيش ١٠ سال اڳه سٺي ۾ سڀ ڪجهه وڃائي ڇڏيو. اگر گهر جي جڳهه ڪانٽا جي نالي نه هجي ها ته اها به تبين وال ٿي وڃي ها. هٿ خالي ٿيڻ ڪان پوءِ فروٽ جو گاڏو ڪڍڻ لڳو. پڻ ۾ آيو ته گاڏي وارن جي سنگ ۾ دارون پيئڻ به شروع ڪيو اٿائين. وڏي ڏيءُ موهنيءَ کي مئٽرڪ ڪرائڻ ڪان پوءِ گهر وهاري ڇڏيائين ۽ پنجن سالن ڪان پوءِ هڪ فورٽ جي گاڏي واري سان جيڪو موهنيءَ ڪان ڏهه سال وڏو هو، پرڻائي ڇڏيائين. پنڪي کي به مئٽرڪ ڪان پوءِ پڙهائڻ لاءِ تيار ڪونه هو، پر مون ڪيس زور ڀريو ۽ پنڪي جي پڙهائي جو خرچ پاڻ تي ڪڻڻ منظور ڪيو تڏهن مس مس تيار ٿيو. پنڪي هر آرتواري جو مون وٽ ايندي هئي. جيئن ته ٻيون ڇوڪريون به مون وٽ ايندڀو هيون پر آرتوار ڏينهن وڏيڪ ايندڀون هيون، سنڌي سکڻ، گانا سکڻ ۽ ناٽڪن ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ.

پنڪي ٻين ڪان وڌيڪ ذهين هئي ۽ منهنجي پوٽي هئڻ سبب به مان ان کي گهڻو ڪجهه سيکارڻ جي ڪوشش ڪندو هئس. پنڪي ڏهن سالن ۾ مونکان گهڻو سکي سگهي. سنڌي لپي ۾ لکڻ پڙهڻ، گاني ڳائڻ ۾ ماهر، ناٽڪن ۾ به سٺا رول ڪري ويندي هئي. سنڌي ساهتيه ۾ ڪافي چاهه وٺڻ لڳي. سنڌي ساهتڪار ته اڃان ڪونه بڻي سگهي پر سنڌي ساهت بابت سنڌس ڄاڻ سٺي هئي. هندستان جي هر معياري سنڌي ليکڪن جا ڪتاب هن پڙهيا آهن، ڪهاڻيون ۽ ناولن تي بحث ڪندي آهي، شاعري ۾ دلچسپي ڪجهه گهٽ اٿس. تنهن هوندي به سيني معياري شاعرن کي سڃاڻي. گذريل پنجن سالن ڪان هر سميلن ۽ سيمينار / ورڪ شاپ ۾ بهرو وٺندي آهي. تنهن ڪري

ڪندو آهي. ڪا شريف ڇوڪري يا زال هن پاڙي مان لنگهڻ جي همت ڪونہ ڪندي آهي. هر لنگهندڙ جوان ڇوڪري/زال پٺيان سيٽيون وڄائڻ ۽ گندا گانا ڳائڻ هن پاڙي جي لوفرن جي روز جي عادت آهي. مان هن گهٽي ۾ ننڍي کان وڏي ٿي آهيان عمر ڪيئن ٿي گذري اها منهنجي آتما کي خبر آهي. شراب - آفيم پيون نشي جون شيون هتي کلي عام ڇوويهہ ڪلاڪ وڪامنديون آهن. اهو هفتو ڪونهي جو پوليس جي جيپ اسان جي گهٽيءَ ۾ نہ اچي. قريب قريب هر ڪٽنب جو ڪو نہ ڪو ڀاتي پوليس چونڪي تي حاضري ڏيندو آهي

هن پاڙي جي هر ٽئين گهر جي ڇوڪري ڪال گرل آهي. پاڙي وارن مونکي بہ ڪال گرل بڻائڻ ۾ ڪا ڪسر باقي ڪونہ رکي آهي. اڃان بہ انهن جو ڪوششون جاري آهن. سڀ مون تي خار کاڌل آهن جو مان اڃان انهن جي جار ۾ ڪونہ ڦاٿي آهيان.''

''تنهنجي ممي پاپا کي هنن سڀني ڳالهين جي خبر آهي.''

''ها ڪاڪا.''

''پوءِ هي پاڙو ڇڏيو ڇونہ ٿا.''

''هيءَ تہ هائوسنگ بورڊ جي جڳهہ ويهہ سال اڳ ورتي آهي ان وقت هن جي قسط ۴۵ رپيہ مهنو هئي. هاڻ سڀ قسطون ڀري چڪا آهيون. اگر هيءَ جڳهہ وڪڻي ٻئي پاڙي ۾ وڃون تہ گهٽ ۾ گهٽ پنجاهہ هزار ڀيا کپن.''

''هن وقت تنهنجي پگهار ڪيتري آهي؟''

''اڍائي هزار.''

''بس.''

''ڪاڪا! پرائيويٽ اسڪول ۾ اڄ بہ بي.اي. پاس سنن سون ۾ نوڪري ڪرڻ لاءِ تيار آهن ۽ مان مئٽس ۾ هوشيار آهيان تنهن ڪري پنجن سالن ۾ پنجن سون تان اڍائي هزارن تي پهتي آهيان. پگهار اڍائي ملندي آهي پر صحي تہ پوري پگهار

سالن ۾ مان توهان جي سنگت ۾ رهي توهان جو سياءَ ۽ عادتون جاڻي ويئي آهيان. توهان ڏهن سالن ۾ مشڪل سان ڏهه دفعا اسان جي گهر آيا هوندا، سو به ڪلاڪ اڌ لاءِ. پاپا يا ممي کان توهان وڌ ۾ وڌ اهو پڇندا آهيو ته ٺيڪ آهيو، بس. توهان مونکان به ڪڏهين گهر بابت يا گهر جي حالت بابت ڪونه پڇيو آهي. پنڪي هڪ منٽ شانت رهي. شايد سوچي رهي هئي ته ڳالهه ڪٿان شروع ڪري.

”چو پنڪي، ڪهڙي ويچار ۾ پئجي وئين ءَ؟“

”ڪاڪا، ڳالهه يا قصو ته رامائڻ ۽ مهاڀارت کان به وڏو آهي سوچيان پيئي ڪهڙو قصو ٻڌايان، ڪهڙو قصو ڇڏيان.“

”پٽ تون آرٽس جي اسٽوڊينٽ آهين سو لٽريچر جي ڳالهه توکي ۾ ٻڌائڻ جي ڪلا ته توکي ايندي آهي نه؟“

”ها ڪاڪا! توهان جي مهرباني ءَ سان. ڪاڪا، جنهن پاڙي ۾ اسين رهون ٿا ان کي شريفن جو پاڙو نٿو چئي سگهجي. گذريل ڏهن سالن کان پاپا فروٽ جو گاڏو هلائيندو آهي. گاڏي وارن جي سنگت ۾ پاپا پورو شرابي بڻجي چڪو آهي ۽ ان سان گڏ سوچڻ جو ڍنگ به بدلجي ويو آهي. شراب سان گڏ سٽي جي عادت جو عيب به پاپا پاليو آهي. پاپا گاڏي مان روز سو ڏيڍ ڪمائيندو آهي پر اهي سڀ شراب ۽ جوا ٻلي. پاڙي جو حال اهو آهي جو مرد گار گند ڪرڻ، شراب پيئڻ ۽ سٽي لڳائڻ ۾ پنهنجو شان سمجهندا آهن. اهڙو ڪو ورلو گهر هوندو جنهن تي قرض جا ڪوٽ چڙهيل ڪونه هوندا. ڪالوني ءَ جو ڪو ڪراڙي جو دڪان ڪونه هوندو جتان اوڌر وٺي دٻائي نه هجن. رات جيڪي پنج ست زالون ۽ مرد هٽ لوڏي خوام خواه جا معتبر بڻجي بحث ڪري رهيا هئا انهن جا ڪارناما ڪهڙا آهن، خبر اٿوَ؟“

”مونکي ڪهڙي خبر؟ مان نه توهان جي گهر ورلي ايندو آهيان سو به ڪلاڪ اڌ لاءِ.“

”ڪاڪا، ڪوبه شريف ماڻهو هن پاڙي ۾ اچڻ پسند ڪونه

”پرولين ۾ نہ ڳالهاءِ.“

”ڪاڪا، منهنجي اها همت ڪونهي جو مان پرولين ۾ ڳالهايان. رات جيڪو ڇوڪرو مونسان گڏ هو سو منهنجو مڙس آهي.“

”ڇا؟“ منهنجي وات مان ڇرڪ رڙ نڪتي.

”ڪاڪا! توهان کي عجيب لڳي رهيو آهي ۽ شاڪ پڻ، ڇاڪاڻ تہ مون توهان کي يا ممي پاپا کي ان بابت ڪونہ ٻڌايو آهي.“

”پر تو شادي ڪڏهين ڪئي آهي؟“

”صرف هفتو ٿيو آهي.“

”ڇا مندر ۾؟“

”نہ ڪورٽ ۾، جنهن جي خبر صرف ڪورٽ وارن کي ۽ ٻن شاهدن کي آهي.“

”ڇوڪرو ڪير آهي؟“

”ذات جو مالهي آهي ۽ ميوازي آهي.“

”ڇا؟“

”ها ڪاڪا!“

”يعني تو غير ذات ۾ شادي ڪئي آهي.“

”ها ڪاڪا. اهو سڀ مون ڪافي سوچي ويچاري ڪيو آهي.“

”تون ڪجهہ بہ چوين اهو تہ توکي مٺو پوندو تہ تو سماج ۽ مائٽن کان لڪ چوري شادي سا بہ هن گهٽ ذات واري ميوازي سان ڪري گناه جو ڪم ڪيو آهي.“

”توهان منهنجي سڄي ڳالهہ ٻڌي پوءِ فيصلو ڏيو.“ پنڪي کولي ٻڌايو.

”بي. اي.، بي. ايڊ. ڪرڻ کان پوءِ هڪ سال تہ صرف ٽيوشنن جي پروسي هليس. سرڪاري نوڪري او. بي. سي. (O.B.C.) جي رزرويشن جي ڪري ملڻ ڏکي هئي. هڪ سال کان پوءِ پنجن سون جي نوڪري پرائيويٽ اسڪول ۾ ڪيم جتي

تي ڪرڻي پوندي آهي.‘‘

’’اهو حال ته سڀ جڳهه آهي. ٽيوشن وغيره .....‘‘

’’ڪاڪا! ڏهه پندرنهن ٽيوشن ملڻ ڪا وڏي ڳالهه ڪونهي پر هن پاڙي ۾ کهڙو شريف مائٽ پنهنجن ڇوڪرين کي موڪلڻ پسند ڪندو. ان ڏهه ڇوڪريون آيون به هيون پر ٻن ڏينهن کان پوءِ اچڻ بند. هاڻ چئن گهرن ۾ مان وڃي ٽيوشن پاڙهيندي آهيان. ڪاڪا، منهنجي پگهار ۽ ٽيوشن ۽ ممي جي سلائي ڪري گهر جو گاڏو هلي پيو.‘‘

’’رات وارو قصو ڇا آهي؟‘‘

’’ڪاڪا! اهڙا قصا ته اسان جي پاڙي ۾ روز پيا ٿيندا آهن.‘‘

’’مان تنهنجي ڳالهه ڪري رهيو آهيان.‘‘

’’ڪاڪا، جيڪو ڪجهه توهان سوچي رهيا آهيو اهڙو ڪجهه به ڪونهي. جيڪو ڪجهه پاڙي وارا ممي پاپا کي ٻڌائي رهيا آهن اهو سڀ بڪواس آهي.‘‘

’’پوءِ رات جو پاڙي وارن توکي هڪ جوان سان....‘‘

’’هٽ ڪس ڪندي، ٿهه ٿهه ڪندي پاڪر پائيندي پڪڙيو.‘‘ پنڪي مشڪي چيو.

’’توکي اهو سڀ چوندي شرم نٿو اچي. ڪير هو اهو ڇوڪرو؟‘‘

’’ڪاڪا! هن وقت منهنجي عمر ٢٥ سال آهي. ڇا توهان گذريل ١٥ سالن ۾ ڪا اهڙي ڳالهه ٻڌي آهي جنهن لاءِ مونکي شرم اچڻ کپي. ڪاڪا، مان پورا ڏهه سال توهان جي سنگت ۾ رهي آهيان، مون ۾ توهان جيڪي سنسڪار پريا آهن توهان مون مان اهڙي اميد رکو ٿا؟‘‘

’’نه. پٽ مان ته تو تي فخر ڪندو آهيان. هاڻ اهو ٻڌاءِ ته رات وارو ڇوڪري ڪير هو؟‘‘

’’ڪاڪا اهو راز مون اڃان مهنو به راز رکڻ ٿي چاهيو پر لڳي ٿو ته هاڻ اهو راز توهان جي سامهون کولڻو ئي پوندو.‘‘

”خبر اٿو تہ موهنيءَ کي مئٽرڪ کان پوءِ گهر وهاري ڇڏيو. چار سال گهر ويٺي هئي. ڇا سڄي انهن ڇئن سالن ۾؟“
”ڇا سگهي؟“
”پاڙي جي جاهل ڇوڪرين کي پڙهائي سگهي ها.“
”ٻہ ٽيو بہ ڪجهہ سکي سگهي ها.“
”وسيلا بہ هجن نہ...“
ماں چپ رهيس. هڪ منٽ ترسي پنڪي چيو، ”جنهن پاڙي ۾ گهڻا پڙهيل / اڻ پڙهيل ۽ غريب هوندا آهن، جن گهرن ۾ ٽي.وي. نہ هوندي آهي انهن گهرن جا ڀاتي خاص ڪري زالون پر پڇار ڪري پنهنجو وقت ڪٽيندبون آهن. پاپا ڇئن سالن ۾ موهنيءَ لاءِ ڇوڪرو ڳولهيو. خبر اٿو ڪهڙو؟ جيڪو فروٽ جو گاڏو هلائيندو آهي ۽ عمر ۾ موهنيءَ کان ڏهہ سال وڏو آهي. سڀ کان وڏي ڳالهہ پاپا کي پنج هزار جيڪي لهڻندو هو سي معاف ڪري ڇڏيائين. هاڻ رات جو گاڏو بند ڪرڻ کان پوءِ پاپا ۽ موهنيءَ جو گهوٽ گڏجي شراب پي شاهوڪارن کي گاريون ڏيئي تن تازو ڪندا آهن. ڳالهہ ايستائين هجي تہ بہ شڪرانا، پر هاڻ روز موهني تي مار ڪٽ ڪندو آهي ۽ موهني کان پيشو بہ ڪرائيندو آهي. رات جو گهر ۾ گراهڪ وٺي ايندو آهي. موهني کي بہ ننڍڙيون ڌيئرون آهن پر ڪين پيئڻ لاءِ کير بہ نصيب ڪونهي.“
هي سڀ ٻڌي سچپچ منهنجي پيرن کان ڌرتي کسڪڻ لڳي. ”پنڪي پليز! بند ڪر ڳالهہ...“
”نہ ڪاڪا، اڄ اندر ۾ سانديل جوالامکي کي قاتڻ ڏيو. هڪ ڏينهن موهني جي گهوٽ مونکي ٽڪڻ لاءِ تمام گهڻو زور ڪيو. پر موهني مونکي هڪ دفعو بہ ٽڪڻ لاءِ ڪونہ چيو. موهنيءَ جي گهوٽ جي زور ڀرڻ تي ماں اها رات موهنيءَ جي گهر ٽڪيس. خبر اٿو ڇا ٿيو؟ ان رات جو موهنيءَ جو گهوٽ مونکي ۽ موهنيءَ کي لاسٽ شو فلم ڏيکارڻ وٺي هليو. بازار ۾ چاٽ ۽ پاو ڀاڄي کائي پيٽ ڀريو. گهر پهچڻ جي اڌ ڪلاڪ کان

هن وقت اڍائي هزار پگهار آهي. ممي سلائي ڪري هزار ڪن ڪمائي وٺندي آهي. موهنيءَ کي ٻه ننڍيون ڏيئرون آهن جنهن جي ٻت تي پورو ڪپڙو ڪونهي ۽ کاڌي لاءِ ان ۽ کير اڻ پورو آهي. منهنجي ۽ شريڪانت جي پيار جو رشتو ته پنجن سالن کان آهي. هن شاديءَ بابت ڪئي دفعا ڳالهه ڇيڙي پر مون ٽال مٽول پئي ڪئي. ناليءَ ۾ هو ماڻهي آهي پر منهنجو سهرو به ماستر هو ۽ منهنجو مڙس به ماستر آهي. آخر مهنو اڳه اسان هڪ ٻئي سان کولي ڳالهايو. مون کين صاف چيو ته مان نوڪريءَ کان پوءِ گهٽ ۾ گهٽ پنجن سالن تائين پوري پگهار مائٽن کي ۽ پيڻ جي گهر ناهڻ لاءِ ڏيندس. مان چاهيان ٿي ته منهنجا ننڍا ڀائر ۽ ڀاڻيجيون سٺو کائن پيئن ۽ سٺن اسڪولن ۾ پڙهن، جا ڳالهه منهنجي مڙس مڃي آهي. شادي ڪرڻ کان پوءِ مان به او. بي. سي. ۾ اچي ويندس ۽ مونکي به جلدي سرڪاري نوڪري ملي ويندي.''

''يعني تون هڪ طرح سان ننڍن ڀائرن ۽ ڀاڻيجين لاءِ قرباني ڪري رهي آهين؟''

''توهان ڪجهه به سوچي سگهو ٿا.''

''تنهن هوندي به توکي غير سنڌي سان شادي نه ڪرڻ کپندي هئي. سماج ۽ مائٽن جي رضامندي سان شادي ڪرڻ کپي.''

''ڪاڪا منهنجي وڏي ڀيڻ موهني مائٽن ۽ سماج جي رضامندي سان شادي ڪئي آهي. خبر اٿو ان جو حال ڇاهي؟''

''نه پٽ مونکي ڪا خبر ڪونهي. اچ هرڪو پنهنجي ڪمن ۾ پورو آهي. مون ته شاديءَ کان پوءِ هن کي به ٽي دفعا ڏٺو آهي سو به ڪلاڪ اڌ لاءِ.''

''ان ڪري توهان کي موهنيءَ جي حالت جي خبر ڪونهي. توهان موهنيءَ جي حالت ٻڌندا ته توهان جي پيرن هيٺان ڌرتي نڪري ويندي.''

''تون ٻڌاءِ ته آخر اهڙي ڪهڙي ڳالهه آهي؟''

”يا مان به موهني جي ٽهوٽ جهڙي ڳاڙهي واري سنڌي سان شادي ڪريان.“

مان ڪو به جواب نه ڏيئي سگهيس.

”ڪاڪا مان نڪو سماج جي گنهگار آهيان نڪو مائٽن جي. ها، مان توهان جي گنهگار ضرور آهيان.“

”پٽ منهنجي ڪيئن؟“

”ڪاڪا، توهان مون تي پورا ست سال خرچ ڪري نه صرف سچو سنڌي ناهيو پر منهنجي ڳٽپ سنڌيت جي شيدائين ۾ ٿيڻ لڳي. توهان جي اکرن ۾ توهان جا ساهنڪار منهنجي توهان کي چوندا آهن ته مان توهان جي ساهنڪ وارث آهيان.“

”پٽ قدرت ۽ حالتن اڳيان هرڪو لاچار آهي.“

”ڪاڪا، مون توهان جي واتان سوين دفعا ملڪ جي ورهاڱي بابت ٻڌو آهي ۽ توهان جي اکين ۾ ڳوڙها ڏٺا آهن.“

”پر هن وقت ان جو ذڪر ڇو؟“

”ڪاڪا توهان ملڪ جو ورهاڱو ڏٺو ۽ پوڳيو آهي، پر...“

”پر ڇا؟“

”ڪاڪا! منهنجو ته سنڌي قوم کان ورهاڱو ٿي رهيو آهي.“ پنڪيءَ جي اکين ۾ ڳوڙها هئا.

”پنڪي پليز پٽ.....“

”ڪاڪا مونکي منهنجي ڳالهه پوري ڪرڻ ڏيو. سنن سالن ۾ جيڪو سنڌيت جو جذبو توهان مون ۾ پريو آهي ان جي ورهاڱي جي ڪلپنا سان ئي منهنجا لڱ ڪنبي رهيا آهن. اها ڳالهه ڌار آهي ته ان جي ذميوار صرف مان آهيان.“ پنڪي سڏڪا ڀري روئي رهي هئي ۽ مان منهن ورائي اکين جا ڳوڙها رومال سان اگهڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيو هئس.

مان ۽ پنڪي اٺين بجي گهر پهتاسين. مون ڏٺو ته رات

پوءِ موهنيءَ جو گهوٽ مون لاءِ هڪ گراهڪ وٺي آيو. منهنجا ته هٿ پير ٿڏا ٿي ويا. پر وقت جي نزاڪت ڏسي عقل کان ڪم وٺي هڪ ڳجهو اشارو موهنيءَ کي ڪري موهنيءَ جي گهوٽ کي چيم، ”دادا، مونکي توهان جي سامهون شرم ايندو. اگر توهان اڌ ڪلاڪ ڪن ٻاهران چڪر هڻي اچو ته مان هن کي نپٽايان ٿي. موهنيءَ جو گهوٽ مڃي ويو ۽ گهر کان ٻاهر نڪري ويو. منهنجو اشارو پائي موهني ان گراهڪ کي پنيان ويلڻ مٿي تي وهائي ڪڍيو. مٿي تي اوچتو ڏک لڳڻ سبب هو گهٻرائجي ويو. پوءِ اسان ٻنهي پيرن ڳڏجي ڪري هن جي منهن ۾ رومال وجهي هٿ پير ٻڌي سڄي رات ان جي پهريداري ڪئي. ان وچ ۾ سڄي رات موهنيءَ جو گهوٽ دروازو کڙڪائيندو رهيو. صبح جو رام رام ڪري مان پنهنجي گهر پهتس. اهو ڏينهن اهو شينهن وري مان موهنيءَ جي گهر ڪونه ويئي آهيان.“

”انهن سيني جي خبر تنهنجي ماءُ پيءُ کي آهي.“

”نه. موهنيءَ قسم وڌو ته مان گهر ۾ ڳالهه نه ڪيان. ها جيڪي ٻئي مرد بالم ٿي ڪمري ۾ پلنگ تي ويٺا هئا در اصل اهي پاڙي جي ڇوڪرين جا دلال آهن. ڪال گرلس جا سپلائر. انهن کي اهو ارمان آهي ته مان انهن جي چنبي ۾ اجان چونه ڦاٿي آهيان. سڀ مون تي خار کاڌل آهن.“

”بس پنڪي، هاڻ ڪجهه به ٻڌڻ برداش کان ٻاهر آهي.“

”هاڻ ٻڌو. اگر مان سنڌي ڇوڪري سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار ٿيان ته خبر اٿو اڄ سنڌي ڇوڪرا سراسر گهٽو پڙهن ٿا؟“

”ها خبر اٿم. صرف ٻارهن درجو.“

”انهن جي مائٽن جي ڏيتي ليتي جي گهر گهٽي هوندي آهي؟“

”ها، اها به خبر اٿم. انهن جي گهر اڍائي ٽي لک هوندي آهي.“

”ڪاڪا! اڄ منهنجا مائٽ ڪٿا آڻيندا اڍائي ٽي لک؟“

مان چا ڪچان؟

ڇوڪري آهي، پر هوءَ توهان جي گهر ڪونه ايندي آهي. حالي توهان پنهنجي گهر جي ڀاتين کي منع ڪري ڇڏيو ته اهي پنڪيءَ سان ڪو به رستو نه رکن، پنڪيءَ سان نه ڇا، هن گهر سان به ن. نڪو هن گهر جا ڀاتي توهان جي گهر ايندا نڪو توهان جي گهر جو ڀاتي هن گهر ۾ اچڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته ان سان توهان جا ٻار خراب ٿي سگهن ٿا. ها، مون ڊي. واءِ. ايس. پي. کي فون ڪري ڇڏيو آهي، اڄ رات کان وٺي راڄ تو ٨ کان ١٢ تائين هڪ پوليس وارو هن گهٽيءَ ۾ چڪر هڻندو. هاڻ هن گهٽيءَ ۾ ٻاهر جو ڪو به لوفر ڇوڪرو اچڻ جي همت ڪونه ڪندو. ها مونکي توهان کي اهو ٻڌائڻ ته وسري ويو ته مان شهر جي اخبارن جو عيوضي آهيان. هن گهٽيءَ ۾ ٻاهر جا جيڪي لوفر اچن ٿا ان بابت اخبار ۾ ڇاپارايان ٿو جيئن پوليس جو پختو انتظام ٿي وڃي. ها منهنجو فون نمبر نوٽ ڪري ڇڏيو.'' مون پرس مان ٿي وزٽنگ ڪارڊ ڪڍي هڪ هڪ انهن کي ڏنو. ڪارڊ ۾ پترڪار پڙهي انهن جو چهرو جهڪو ٿي ويو.

''سائين ڇو ٿا تڪليف ڪيو.'' چئي هڪ هڪ ٿي ٿيئي کسڪي ويا.

ڀائٽيو ۽ ڀائٽيي ڪنوار واٽڙن جيان منهنجو منهن ڏسي رهيا هئا. مونکان ۽ پنڪيءَ کان کل نڪري ويئي.

□

وارا ٽيئي ڄڻا ڪمري ۾ براجمان هئا ۽ چانهه جون چسڪيون وٺي رهيا هئا. منهنجو پاڻيٽيو ۽ پاڻيٽيي ڪنوار انهن جي اڳيان ڏوهارين جيان ويٺا هئا.

مون ۽ پنڪيءَ به چانهه پيتي. انهن مان هڪ ڄڻي مون ڏانهن منهن ڪري چيو، ”توهان دنيش کان حال احوال ورتو هوندو. هاڻ توهان جا ويچار ڪيو آهي؟ پاڙي ۾ هي سڀ ٺيڪ ڪونهي.“

”توهان ڇا ٿا چاهيو؟“ مون پڇيو.

”ته هي پاڙو ڇڏي وڃن.“

”جي نه ڇڏين ته....“

”اسان کي لاچار ٿي رات جي گهٽنا لاءِ پوليس ۾ رپورٽ لکائڻي پوندي.“

”توهان چنتا نه ڪيو. مون پوليس کي فون ڪري ڇڏيو آهي. هتي جو ٿاڻيدار منهنجو سڃاڻو آهي. بس ڏهن - پندرنهن منٽن ۾ اچڻ وارو هوندو. ها، توهان مان جيڪو پوليس ۾ بيان ڏيڻ چاهي مونکي نالو لکائي ڇڏي جيئن ڪاروائي جلدي ٿئي.“

هاڻي ٽيئي هڪ ٻئي جو منهن ڏسڻ لڳا. ”ها جيڪي زالون پنڪي کي پڪڙي وٺي آيون هيون، انهن کي پڻ سڏ ڪجو ڇاڪاڻ جو سڀني کان پهرين انهن جا بيان ٿيندا.“ مون هڪ منٽ کان پوءِ چيو.

ٽنهي جي چهري جو رنگ هاڻ لٿل هو. هو اتان کسڪڻ جي ڪرڻ لڳا. پر مون ڪين زوري روڪيو ۽ سندن نالا ۽ ڏنڌو پڇڻ لڳس. ٽنهي گول مول جواب ڏنو ۽ ڌنڌو ڪميشن ايجنٽ ٻڌايائون. مون ٽنهي جا نالا ڊائريءَ ۾ نوٽ ڪيا. هاڻ مون ٽنهي کان واري وٺيءَ تي پڇيو، ”پنڪي توهان جي گهر ايندي آهي؟“

”نه“ ٽنهي جا واري وٺي سان جواب هوا.

”مان توهان سان شامل راءِ آهيان ته پنڪي آوارا

جي نظر مون تي پيئي. مونکي Flying Wish ڪيائين ۽ ساڻ ئي ساڻ چپن تي آڱر رکي ڪجهه به نه چوڻ لاءِ اشارو ڪيائين. هاڻ مونکي پڪ ٿي ته هي منهنجو ننڍپڻ جو دوست گرڌاري پمياڻي آهي. مون جيان هن به مونکي سڃاڻي ورتو آهي. گرڌاري ۽ مان ٽي سال ساڳئي پاڙي ۾ رهياسين، گڏ پڙهياسين گڏ رانديون رونديون ڪيونسين. پر اوچتو گرڌاري جي ڪٽنب شهر ڇڏي الائي ڪهڙي شهر ۾ هليو ويو. اڄ ۴۸ سالن کان پوءِ گرڌاري ۽ کي ڏسي الائي گهڻا سوال ذهن ۾ گهمي رهيا هئا.

رام رام ڪري ٽن ڪلاڪن ۾ سواگت سماروهه پورو ٿيو. پوءِ بئي دوست هڪ ٻئي کي ڀاڪر پائي گڏيا سين. مون کيس ڪجهه چوڻ چاهيو پر وري چپن تي آڱر رکي چپ رهڻ جو اشارو ڪيائين. جنهن جي گهر لٿل هو تنهن کي هٿ جوڙي چيائين ته معاف ڪجو، ننڍپڻ جو دوست گڏيو آهي. اڄ جو ڏينهن هن جي ڪاٽي. هن شاهوڪار سيٺ مشڪي ها ڪئي. مان گرڌاري کي گهر وٺي آيس. گهر جي سيني ڀاتين سان سڃاڻپ ڪرائي. روٽي کائي آرام ڪيوسين. شام جو چانهه پي تلاءَ ڪناري گهمڻ نڪتاسين. ان وچ ۾ مون گرڌاري ۽ کان وري ڪجهه پڇڻ چاهيو پر هر دفعي ٽاري ويو ۽ آخر چيائين سوال جواب رات جو. رات جي روٽي کان پوءِ جڏهين واندا ٿياسين تڏهن هن بيڊ روم جو دروازو بند ڪرڻ جو اشارو ڪيو. ان وقت رات جا ١١ ٿيا هئا.

گرڌاري جي چهري تي مشڪ هئي. چيائين، ”گل يا گورڌنداس، هاڻ پڇ ڇا ٿو پڇڻ چاهين؟“

سوال نمبر هڪ: تون اوچتو هن شهر مان غائب ڪيئن ٿي وئين. ۴۸ سالن ۾ ڇني نه ڇپاٽي. سوال نمبر ٻيون: تون پمياڻي مان چاولا ڪيئن ٿي وئين؟

”ٻيا ڪي سوال آهن؟“

”نه، في الحال انهن جو جواب ڏي.“

”ها گل، مان توکي هر سوال جو جواب ڏيندس.“ چئي

سماج ۾ سڃاڻپ

اڄ هر اخبار ۾ خبر ڇپيل هئي ته سنڌي جڳت جو ڄاتل سڃاتل ڪهاڻيڪار گرڌاري چاولا جو شهر جي سيني سنڌي سنسٿائن ۽ پئنچائتن جي پارا شاندار سواگت ڪيو ويندو. گرڌاري چاولا گذريل ويهن سالن کان ڪهاڻي جڳت ۾ ڇانيل آهي. اهڙو ڪو معياري رسالو ڪونهي جنهن ۾ سندس ڪهاڻيون نه ڇپيون هجن. ٻڏنن ۾ ڪتاب ڇپيل اٿس. اسٽيٽ ليول تي پنج ست دفعا انعام حاصل ڪري چڪو آهي. پر هن سال ڪيس سينٽرل ساهت اڪادمي جي پاران ٥١ هزار روپيه انعام مليو آهي.

مان پلي ساهتڪار ڪونه آهيان پر هڪ سڃاڳ سنڌي ساهتيه جو پانڪ آهيان. شروع کان وٺي سنڌي رسالا ڪهاڻين جا ڪتاب ۽ ناول خريد ڪري پڙهندو آهيان. سنڌي ساهتيڪار پلي مونکي نه سڃاڻن پر مان کين سندن رچنائن معرفت سڃاڻان. هر سال سيني معياري رسالن جا چندا مني آرڊر يا ڊرافٽ رستي موڪليندو رهندو آهيان. پر هاڻ ته سيني جو لائيف ميمبر بڻجي چڪو آهيان.

ها، ڳالهه گرڌاري لعل چاولا جي پي هلي. سندس سواگت سماروهه شهر جي ٽائون هال ۾ رکيل هو. سڄو هال ماڻهن سان ڀريل هو. آخر جنهن جو انتظار هو سو وقت به اچي ويو. ٦٠ سالن جو گرڌاري لعل چاولا ڪلين فيس، چپن تي مرڪ، سيني کي هٿ جوڙي سواگت جو جواب ڏيئي رهيو هو. ٻڏنن مالهائن سان سندس سواگت ٿي رهيو هو. سوين هٿ تاڙيون وڄائي رهيا هئا. مان کيس چنائي ڏسي رهيو هئس. مونکي لڳي رهيو هو ته مان هن کي سڃاڻان. مان پهرين لائِن جي ڪرسي تي ويٺل هئس. جتي سڀ ماڻهو تاڙيون وڄائي هن جو سواگت ڪري رهيا هئا مان هٿ روڪي هن کي چنائي ڏسي رهيو هئس. هن

۽ سئنيما ڏسڻ. ها شام جا ٻہ ٽي ڪلاڪ بابا سان گڏ دڪان تي ضرور وهندو هوس. باقي سر پڳڙيون پئنچائت پڙي سڀ بابا جي ٻلي هو.

شاديءَ کان پوءِ ات سال ڪيئن گذري ويا پتو بہ ڪونہ پيو. مونکي ٻہ پٽ ڄاوا، پر مان المست ۽ بيپرواه. مون توکي ٻڌايو تہ منهنجي شادي ساڳئي شهر ۾ ٿي سو ساهرن ۾ هفتي ۾ هڪ ٻہ دفعو وڃڻ ٿيندو هو. هڪ رات شراب جي ٽيبل تي منهنجي سالو بصر جيڪو مونکان ٽي سال ننڍو آهي کلي چيائين تہ هڪ ڳالھہ چوان اگر برو نہ مڃو. مون مشڪي ڏنو. چيائين، ''دادا، اسان سان مائٽي ڪرڻ سان توهان کيٰ شهر جي سنڌي سماج ۾ ماڻهون سڃاڻڻ لڳا آهن. اڳي تہ توهان کي ڪير سڃاڻندو بہ نہ هو.'' بصر جي ڳالھہ دل ۾ تير جيان چڀي ويئي، پر ان وقت مون کلي ٽاري ڇڏيو.

ٻئي ڏينهن آرتوار هو. دڪان جي موڪل هئي. بابا گهر ويٺي سنڌي ناول پڙهيو. مون بابا کي چيو، ''باباهڪڙي ڳالھہ چوان؟ اسان جي آکھہ پمپاٽي آهي پر نک چاولا آهي. اگر مان پنهنجي نالي پنيان پمپاٽي جي بدران چاولا لکڻ شروع ڪيان تہ توهان کي اعتراض تہ ڪونهي.'' بابا بہ منٽ سوچ ۾ پئجي ويو. پوءِ چيائين پٽ مونکي ڪو اعتراض ڪونهي. ان ڏينهن کان پوءِ هر سر پڳڙيءَ تي وڃڻ لڳس، پئنچائت ۽ سنستائن جي هر ميٽنگ ۾ سرگرم ڀهرو وٺڻ لڳس. دوستن جا گشا پتا گهٽ ڪري ڇڏيا. سئنيما رڳو آرتوار ڏينهن ڏسڻ لڳس جيڪا اڳتي هلي هڪ طرح سان بند ٿي ويئي. هاڻ آرتوار جو منو ڏينهن سماج ڪاتي هوندو هو ۽ دڪان تي بابا سان گڏ نو ڪلاڪ وهڻ لڳس. هاڻ بازار جي خريداري منهنجي ذمي هئي. سال کان پوءِ بابا گذاري ويو. ان وقت منهنجي عمر صرف ٢٧ سال هئي. هاڻ سڄو بار مون تي هو. ايتري بار هوندي بہ منهنجو پڙهڻ جو شونق ساڳيو هو. اها ڳالھہ ڏار آهي تہ هاڻ پڙهڻ جو وقت رات جو ڏهين کان پوءِ ملندو هو. ها سنڌي

گرڌاري ڪنهن ويچار ۾ پئجي ويو. شايد اهو سوچي رهيو هو ته ڳالهه ڪٿان شروع ڪري.

پوءِ اوچتو فلمي ۽ مشيني انداز ۾ چيائين، ''گل، توکي اها ته خبر آهي نه ته اسين سنڌ ۾ زميندار هئاسين. مان ڪٽنب ۾ پهاڙڪو ۽ لاڏلو اولاد هئس. پئسو اڻ ميو اڻ تريو هو. سستائيءَ ۾ به مونکي هڪ روپيه خرچي ملندي هئي. انهن ڏينهن جو هڪ روپيو اڄ جي هڪ سوَ جي برابر آهي. تن ڏينهن ۾ مان ٽئين درجي ۾ پڙهندو هوس. مونکي جيڪو هڪ رپيو خرچي ملندو هو ان مان خود تي مشڪل سان هڪ آنو خرچ ڪري سگهندو هوس، باقي پندرنهن آنا پاڙي جي دوستن يا ڪلاس جي دوستن تي خرچ ڪندو هئس. ڪلاس جو هر شاگرد منهنجو دوست بڻجڻ چاهيندو هو. ملڪ جي ورهاڱي وقت بابا کي ڳوٺ اوچتو ڇڏڻو پيو، پاڻ روڪ ڪٽي اچي ڪونه سگهياسين. ۱۹۴۷ع ۾ اديپور اچي وسايو. جنهن سنڌ ۾ زميندار ڪئي تنهن کي ڌنڌي جو ڪهڙو آزمودو؟ هر ڌنڌي ۾ گهاٽو. ٽن سالن ۾ سون مين سڀ پورو ٿي ويو. بابا الاءِ ڇا سوچي اديپور ڇڏي جوڌپور وسايو. اڻ هوند ۽ غريبي ۾ برا حال هئا. اديپور مان ستون ڪلاس پاس ڪري جوڌپور پهتس. سرڪار بڍن کي الائونس ۽ پينشن ٦٠ روپيه ڏيڻ شروع ڪئي جيڪا بابا کي به ملندي هئي. جڳهه جي مسواڙ منهنجي پڙهائي سٺ روپين مان پورت ڪيئن ٿئي. مون ننڍن ڪلاسن جون ٽيوشن شروع ڪيون. ڇئن ٽيوشن جا ويهه رورپيا ملندا هئا. مان حسابن ۾ هوشيار هئس تنهن ڪري چار ٽيوشن هٿ ڪري سگهيس.

انون نائون ۽ ڏهون يعني مئٽرڪ سرڪاري اسڪول مان ڪيم. ان وچ ۾ اٺ هزار روڪ ڪليم مليو جنهن مان چار هزار منهنجي شاديءَ تي خرچ آيو ۽ چار هزارن مان بابا هڪ دڪان چالو ڪيو. منهنجي شادي مئٽرڪ پاس ڪندي ئي ١٧ سالن ۾ ٿي ويئي سا به ساڳئي شهر ۾. پلي منهنجي شادي ٿي وئي هئي پر مان چتلن ۾ هئس کائڻ پيئڻ گهمڻ گهتڻ، ناول پڙهڻ

مان لاجواب

منهنجي ماروٽ ۽ ان جي زال کي ڇٽي (اڇا داغ) آهي. سندن ٻارن کي به ڇٽي آهي. ڪيس پنج ٻار آهن - ٽي پٽ ٻه ڌيئرون. تن مان وڏي ڌيءَ ۽ ٻئي نمبر پٽ کي منهن تي ڇٽي جا داغ نه صرف اڻوڻندڙ آهن پر ڇهري کي ڀوائتا پڻ بڻائڻ وارا آهن. هڪ دفعو ڏسڻ سان ڇرڪ نڪري وڃي.

پر قدرت ماروٽ تي هڪ مهرباني ضرور ڪئي آهي ته هن جي مالي حالت نيڪ آهي. جاءِ جڳهه پنهنجي ۽ شهر جي مين بازار ۾ دڪان. مهني ۾ ٽيهه پنجٽيهه هزار ته واهه جي ڪمائي. گهر ۾ ڪنهن به ڀاتيءَ کي ڪا خراب عادت ڪونهي.

جيئن وڏي ڌيءُ ارڙهين ۾ پير پاتو تيئن زال مڙس جي ننڊ فٽي پيئي. ڌيءُ کي ٻه سال اڳ سورهن سالن جي عمر ۾ ڏهون پاس ڪرڻ تي اسڪول مان ڪڍي ڇڏيو، چي اسان کي ڪهڙي نوڪري ڪرائڻي آهي. هڏ جي پڻ پڳل آهي گهر جي هر ڪم ۾ هوشيار.

پر سڀ کان وڏو عيب منهن تي ڇٽي جا اڇا داغ جني به مائٽي هلي اٿي ڇٽي جا اڇا داغ آڏو اچن.

تان جو ڇوڪري اچي ٢٢ سالن جي ٿي. هاڻ ماءُ پيءُ پاڻ کان گهٽ حيثيت وارو ڇوڪرو ڳولهڻ لڳا جيڪو ڏيتي ليتي جي لالچ ۾ اچي وڃي.

لالچ وڏي شيءِ آهي. سو آخر شهر کان ست ڪلو ميٽر پري هڪ ڪالوني ۾ هڪ غريب ڇوڪرو جيڪو ڪٻاڙيءَ جو گاڏو ڪيڊندو هو سو تيار ٿيو.

سک سان شادي ٿي. مائٽن جي من تان وڏو بار لٿو. سانوڻ ڏياري سک سان گذرين. مائٽن سڀ ڏڻ منائي ۽ روڪ سان ڏنا. پر ڇوڪري وارن تي قرضن جا ڪوٽ چڙهيل هئا. پٽ پيءُ ٻنهي کي شراب جو روز شونق هو. قسمت آزمائڻ لاءِ سٽي ۽

معياري رسالا ڪهاڻين جا ڪتاب ناول مان خريد ڪري پڙهندو ريهس. جيڪي دل کي وڻندا هئا اهي ور ور ڪري پڙهندو هئس جنهن ڪري شريمتي سان اڪثر مغز پچي ٿيندي هئي. چوندي هئي ١٣ ڪلاڪ دڪان تي ۽ اچڻ کان پوءِ اهي مئا ڪتاب! هن جو چوڻ به واجب هو پر مان ڪتاب کان سواءِ رهي ڪونه سگهندو هئس.

وقت کي پنهنجي رفتار سان هلڻو ئي آهي. مان سنڌي ساهتيه جو سجاڳه پاٺڪ، ڪامياب دڪاندار ۽ ڄاتل سڃاتل سماج شيوڪ بڻجي چڪو هئس. پر منهنجي منزل اڃان پري هئي. ها هاڻ بصر سان ملڻ جو وقت ئي ڪونه ملندو هو. ان وچ ۾ منهنجو سس سهرو به هن فاني دنيا مان موڪلائي ويا.

سالا پنهنجي ڌنڌي / نوڪري ۾ پورا هئا. ٻن ٽن مهنن ۾ ساهرن ۾ وڃڻ ٿيندو هو. هاڻ منهنجا پٽ مئٽرڪ پاس ڪري مونکي دڪان ۾ مدد ڪرڻ لڳا ۽ اڳتي پڙهائي پرائيويٽ امتحان ڏيئي پاس ڪرڻ لڳا. ٻنهي پٽن بي. اي. ڪري ورتي ۽ دڪان جو ڪاروبار سنڀالي ورتائون. هاڻ مان ١٢ آنا آزاد هئس. هاڻ منهنجو وقت سماج شيوا سان گڏ ساهتيه سرجڻ ۾ شامل هو. ڏهن سالن جي لڳاتار ابياس ۽ لکڻ جي ڪري مان هاڻ سنڌيءَ جو هڪ ڪامياب ڪهاڻي ڪار بڻجي ويس. وقت جي دٻاءَ ۾ ماڻهن کي وسري ويو ته منهنجي آکهه ڪهڙي هئي بابا جو نالو ڇا هو. هاڻ ساهتيه جڳت ۾ سنڌي سماج جي جڳت ۾ مان گرڌاري چاولا جي سڃاڻپ سان ڄاتو ويندو آهيان.

جتي منهنجي سالي بصر جي اکرن ۾ منهنجي سڃاڻپ هئي ته گرڌاري يمياڻي بصر جو پيٽيوٽو آهي اتي هاڻ شهر ۾ سندس سڃاڻپ اها آهي ته هي گرڌاري چاولا جا سالا آهن.

گرڌاري پنهنجي ڳالهه پوري ڪئي ۽ مان سندس چهري ڏانهن نهاري رهيو هئس جيڪو خالي سليٽ جيان صاف هو.

□

رسيپشن گرلس

ڳالهہ چار سال پراڻي آهي پر هر شاديءَ جي موقعي تي اها اکين جي آڏو گهمڻ لڳندي آهي. چار سال اڳ احمدآباد ۾ ڪنهن مائٽ جي شاديءَ تي وڃڻ ٿيو. ڊنر ۽ رسيپشن جو پروگرام سهجپور جي هڪ شادي جي هال ۾ رکيل هو. پروگرام اٽڪل رات جي اٺين بجي شروع ٿيو. جيئن مان هال ۾ گهڙيس ٿي، دروازي جي ٻنهي پاسي ٻہ - ٻہ خوبصورت ڇوڪريون جن جي عمر مشڪل سان ١٣ - ١٤ سال ٿيندي، اڇا کير جهڙي رنگ جا پرين جهڙا فراڪ پائي پليٽ ۾ رکيل گل هٿن ۾ کڻي ايندڙ مهمانن جي مٿان گلن جي ورکا ڪري رهيون هيون. پهرين مون سمجهيو تہ اهي چار ڇوڪريون گهوٽيئن جي ڪٽنب جون هونديون پر پوءِ خبر پيئي تہ اهي چارئي ڇوڪريون ڪالوني جي غريب گهر جو هيون جن کي ڪنهن ايجنسي جي معرفت چئن ڪلاڪن لاءِ مسواڙ تي گهرايو ويو آهي. هر ڇوڪريءَ کي چئن ڪلاڪن جا ١٠٠ - ١٥٠ روپيہ ملندا. انهن کي ڪنهن بيوٽي پارلر مان ميڪ اپ ڪرائي مسواڙ جا ڪپڙا پارائي آندو ويو آهي.

مان دوستن ۽ مائٽن سان ان هال ۾ چار پنج دفعا ٻاهر آيس ۽ وري موٽي اندر آيس. هر دفعي انهن ڇوڪرين اسان مٿان گلن جي برسات ڪئي ۽ مشڪي آجيان ڪئي.

جنهن وقت مان آخري دفعي هال ۾ گهڙي رهيو هئس ان وقت انهن چئني ڇوڪرين منهنجي مٿان گلن جي ورکا ڪئي. پر هاڻ اهي چارئي ڇوڪريون سست ۽ ٿڪل نظر اچي رهيون هيون. هنن جون نظرون ڄڻ شڪايت ڪري رهيون هيون تہ آخر توهان جي اها اچ وڃ ڪيستائين رهندي. مون واچ ۾ ڏٺو رات جا سادا ٻارهان ٿيا هئا.

لاٿريءَ کي بہ آزمائيندا هئا. ڏاجي ۾ ملميل سون ۽ روڪ تہ مهني ٻي ۾ ختم ٿي ويا. هاڻ ڇوڪريءَ تي روز مارڪٽ تہ پڙهي ڪان ڪجهہ وٺي اچ. ماءُ ڏيءَ کي ڏهہ پندرنهن هزار لڪ چوريءَ ڏنا... پر آخر ڪيستائين..... پر شراب ۽ جوئا سامهون تہ ڪارون جو خزانو بہ گهٽ

هڪ ڏينهن مڙس سهري ۽ سس ڇوڪريءَ کي گاسليٽ وجهي ساڙڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڇوڪريءَ جا ڏينهن اڃان باقي هئا، سا جيئن تيئن انهن راڪاسن جي چنبي مان بچي اچي مائٽن ۾ پهتي.

اڄ سرسوتي جي ماروٽ جي ڇوڪري جي چٺي آئي آهي. انڪل، توهان سماج سيوڪ ۽ ساهتڪار آهيو، اهو ٻڌايو تہ مان ڪير آهيان؟ مونکي ڪهڙي اسم سان سڏيو ويندو؟ پرڻيل، وڌوا، ڇڏيل....؟

مان ڇا ڪيان، ڪيڏانهن وڃان...پهاڙ جيڏي زندگي! ڇا سڄي عمر مائٽن تي بار ٿي جيئان....

مان ڇا جواب لکان.....؟ منجهي پيو آهيان.....؟ ۽....۽.....۽...مان - لاجواب.

□

هئپي ديوالي

ڏياري هندن جو سڀ کان وڏو ڏڻ آهي. وقت جي رفتار سان گڏ ڏڻ ملهائڻ جا طريقا پڻ بدلجي رهيا آهن.

ڏياريءَ جون واڌايون زباني ۽ گريٽنگ ڪارڊ جي ذريعي هزارن جي تعداد ۾ هر سال ملنديون آهن ۽ ڏبيون آهن.

سنڌي ٻولي گهرن ۾ قائم رهي ان لاءِ سنڌيت جا شيدائي هر دم سجاڳ آهن ۽ انگريزيءَ جي وڌندڙ واهپي ۾ انهن جي هلچل هڪ طرح دٻجي رهي آهي. جتي سوين واڌاين جا ڪارڊ ڇپيل ۽ هٿ جا ٺهيل سنڌيءَ ۾ ايندا هئا اتي هاڻ انهن جو تعداد مشڪل سان هڪ سيڪڙو مس رهيو آهي.

قدرتي هن سال ڏياري آرتوار ڏينهن هئي. ڏياريءَ جون واڌايون سون جي تعداد ۾ ملي رهيو هيون. مان ورانڊي ۾ ڪرسي وجهي ويٺو هئس. جيئن ته جنهن سنڌي ڪالونيءَ ۾ مان رهندو آهيان اها شهر جي سڀ کان وڏي سنڌي ڪالوني آهي، جتي انڪل هزار ڪٽنب سنڌين جا رهن ٿا.

انڪل هئپي ديوالي Uncle Happy Diwali جا سوين سر فضا ۾ گونججي رهيا هئا. مان مشڪي واڌايون قبول ڪري رهيو هئس.

منهنجو ١٢ سالن جو پوٽو وِڪي سڀ ڪجهه چتائي ڏسي ۽ ٻڌي رهيو هو. جڏهين رات جو اٺ ٿيا تڏهين منهنجي ويجهو اچي چيائين، ''بابا، هڪ ڳالهه پڇان؟''

''پڇ''

''بابا، صبح کان سون پاڙي وارن توهان کي Happy Diwali چيو. توهان به موٽ ۾ مشڪي سڀني کي Happy Diwali چيو. توهان ته سنڌيت جا شيدائي آهيو. توهان کي سنڌيءَ ۾ ڏياريءَ جون لک لک واڌايون چوڻ کپي ها.'' وڪيءَ ڪاوڙ ۽ جوش وچان چيو.

ماڊرن دروپتي

اڄوڪي پنج پانڊو دروپتي کي ڪمپٽيشن ۾ کٽي آيا.

گهر پهچي گهنٽي وڄائي در کلڻ تي اڳي جيان ابهرا تي ماءُ کي ٻڌائڻ لڳا، ”ممي، اڄ اسين نائب چيز کٽي آيا آهيون.“

ڪنتيءَ اها نائب شيءِ ڏٺي بنا چيو، ”پٽ توهان پنجئي پائر پاڻ ۾ ورهائي کڻو.“

پنجن پانڊون ماءُ جو فيصلو دروپتي کي ٻڌايو. فيصلو ٻڌي دروپتي تپي باهه تي ويئي. چيائين، ”واٽ نانسينس! جهڙا توهان جاهل تهڙي توهان جي ماءُ. مان توهان جي بيوقوف ماءُ جي فيصلي سان ٻڌل ڪونه آهيان. مان توهان مان ڪنهن ٻه هڪ سان گڏ رهڻ لاءِ تيار آهيان.“

ارجن خوبصورت ۽ اسمارٽ هو. ڀيم بهادر هو، ڏرتراشتر وڏو ۽ ڏرماتما هو. پنجئي پائر منجهي پيا. آخر انهن فيصلو ڪيو ته جنهن کي دروپتي پسند ڪري ان سان رهي.

پانڊون دروپتي کي چيو، تون اسان پنجن مان جنهن کي پسند ڪرين ان سان گڏ رهه.

دروپتي ڪي منٽ چپ رهي، پوءِ مسڪرائي ادا سان چيائين، توهان پنهنجو پنهنجو بئنڪ بئلينس ٻڌايو ته پوءِ مان توهان کي ٻڌائيندس ته مان ڪنهن سان گڏ رهندس.

پنجئي پانڊو ۽ ڪنتي وات ڦاڙي دروپتيءَ جو منهن ڏسڻ لڳا.

□

روز هڪ طرح سان نيم ٿي چڪو هو ته رات جو هڪ ڏيڍ بجي چپچاپ گهران نڪري پنهنجي پريمڪا سان ملڻ ويندو هئس.

نئين زماني جي ڪالونين ۾ بائونڊري وال چار ساڍا چار فوٽ هوندي آهي. ٿوري جڳهه اڱڻ لاءِ ڇڏيل پوءِ ورانڊو ۽ انهن کان پوءِ ڪمرا. موسم گرميءَ جي هئي. هوءَ ۽ سندس ماءُ پيءُ ورانڊي ۾ سمهندا هئا. مون سان ملڻ جي چاهه ۾ هوءَ جاڳندي هئي.

مان جيئن بائونڊري وال ٽپي اندر اڱڻ ۾ پير پاتو منهنجو پير شراب جي خالي بوتلن سان ٽڪرايو. آواز تي هن جي پيءُ جي ننڊ کلي ”ڪير آهي؟“ آواز ٻڌي منهنجي پريمڪا منهنجي پاڪر مان نڪري ڏڪو ڏيئي واپس وڃڻ لاءِ اشارو ڪري رهي هئي ۽ مان پنهنجا چپ هن جي چپن تي رکي ڪِس ڏيئي رهيو هئس. پاڻ ڇڏائي مون کي ڏڪو ڏنائين. ان ڏينهن شايد گرهه خراب هئا. هن جي ڏڪي ڏيڻ سان وري منهنجا پير خالي بوتلن سان ٽڪرايا. هن دفعي آواز زور سان ٿيو. تيستين مان پٽ ٽپي چڪو هئس. هن جي پيءُ مونکي پٺ ٽپندو ڏسي چور چور ڪري چلائڻ لڳو.

ٻاهر نڪري مون به چور چور چلائڻ شروع ڪيو. سڄي ڪالونيءَ جي جاڳ ٿي چڪي هئي. هڪ هڪ ڪري دريون ۽ در کلڻ لڳا. سڄي رات چور جي تلاش ٿي رهي هئي، ان ۾ مان به شامل هئس.

صبح جو آرتوار ڏينهن پئنچايت وارن فيصلو ڪيو ته رات جو پهرو ڏجي. واري وٺيءَ هر گهر مان جوان رات جو پهرو ڏيندو. چور کي پڪڙڻ لاءِ سڀ کان اڳ رات جي پهري لاءِ مونکي چونڊيو ويو.

”پٽ، تنهنجو چوڻ بلڪل صحي آهي، پر پٽ ٣٠ سال ورجائي ۽ ٿوڪي مان تڪجي پيو آهيان، هاڻ ٧٠ سالن جي عمر ۾ بحث ڪرڻ نٿو پڄي.“ مون ٿڪل آواز ۾ چيو.

”بابا، شينهن نڪو پيدا ٿيندا آهن نڪو ٿڪبا آهن. جنهن جا پٽ ۽ پوٽا جوان هوندا آهن سي ڪڏهين به ٿڪبا ڪونهن نڪو پيدا ٿيندا آهن.“

مان وائڙن جيان پنهنجي پوٽي وڪيءَ ڪي ڏسي رهيو هئس.

□

اوچتو منهنجا هٿ بريڪ تي ڄمي ويا ۽ مان سن ٿي بيهي رهيس. منهنجي ڪنن ۾ ممي جا اکر گونجي رهيا هئا:

”جي هي موقعو به هٿن مان نڪري ويو ته.....!“

□

متان اهو موقعو بہ هٿان نکري وڃي.

سون ڇوڪرين جيان مان بہ مائٽن کي شاديءَ لاءِ ٽاريندي رهيس آزادي ماڻڻ واسطي. خبر تڏهين پئي جو منهنجي عمر ٣٢ تي وئي ۽ منهنجيون سڀئي ساهيڙيون شادي ڪري ٻن ٽن ٻارن جون ماءُ بہ بڻجي چڪيون هيون.

ممي جي روز ڪٽ پٽ. مئي! متي ڪ اچا پئجي ويا اٿئي، پر تڏهني بہ هٺ نٿي ڇڏين. هڪ طرف تنهنجي نا، ٻئي طرف هن عمر ۾ ڇوڪرا ملن ڪٿي ٿا. هاڻ مونسان شادي ڪرڻ لاءِ ڏنيل ٿي تيار هئا، جن کي ٢ - ٣ ٻار هئا. اهڙا مرد بہ پاڻ کان ١٠ - ٨ سال گهٽ عمر واري ڇوڪرين لاءِ خواهشمند هئا.

اڄ صبح جو پٽ هوڪو ڏيئي ويو تہ مسٽر ملڪاڻيءَ جي ننهن جو سر آهي. مسٽر ملڪاڻيءَ جي ننهن منهنجي پڪي ساهيڙي ۽ ڪلاس ميٽ مونا هئي. مونا جو اسان جي گهر سان گهرو رستو هو. هوڪو ٻڌي مان سن ٿي ويس، ڇاڪاڻ مونا مون کان ٢ سال ننڍي هئي. مونا کي بہ ٻار هئا.

مميءَ مونکي پاڻ سان گڏ سر تي هلڻ لاءِ چيو. مان بہ تيار ٿي ويس. ممي کي اسڪوٽر تي وٺي ويس. سڀ هن نازڪ موت تي ڏک ظاهر ڪري رهيا هئا. پر اوچتو منهنجي نظر ممي تي پيئي جيڪا مونا جي سس سان ڪجهہ سُس پُس ڪري رهي هئي ۽ آڱر سان مون ڏانهن اشارو ڪري مونا جي سس کي ڪجهہ چئي رهي هئي.

آخر مرد ڪاٺي کي ڪلهو ڏيئي رام نام ست هئہ چوندا مساڻ ڏانهن وڃي رهيا هئا. اڌ ڪلاڪ کان پوءِ ممي مونا جي سس کان موڪلائي ٻاهر آئي.

اسڪوٽر تي ويندي ممي رستي تي چيو، ”ٻڌ، هاڻ مان تنهنجي ڪابہ ڳالهہ ڪونہ ٻڌندس! وڏي مشڪل سان مون مونا جي سس کي مڃايو آهي.

٢٠ - ٢٥ ڇپائي سگهيو آهيان. فيئر ڪرڻ ۾ مان سستي ڪندو آهيان. جنهن دوستن جا چار پنج ڪتاب ڇپجي چڪا آهن ۽ منهنجو اڃان تائين هڪ به ڪتاب ڪونه ڇپيو آهي.

سال کن اڳ شيام منهنجن ڪهاڻين جي ڪاپي پڙهڻ لاءِ کڻي ويو، جيڪو هن مهيني کان پوءِ واپس ڪيو.

جلدي هن جي بدلي ٢٠٠ ڪلو ميٽر کن پري ٿي. هو ڪٽنب سوڌو اتي ڳوٺ ۾ هليو ويو هو. هاڻ ٽپال رستي حال احوال جي ڏي وٺ ٿيندي رهندي هئي. وقت به وقت سميلن - سيمينار ۾ ملاقات ٿيند رهندي هئي. گذريل سال سستي سبب مان هڪ به ڪهاڻي فيئر ڪري رسالن ۾ موڪلي ڪونه سگهيس.

ڪلهه اڪادمي جي طرفان هڪ ڪهاڻين جو ڪتاب ٽپال رستي مليو جنهن ۾ ڪل ١٠ ڪهاڻيون هيون. جنهن ڪهاڻي تي شيام کي اڪادمي جو انعام يارهان هزار مليا هئا. مون سڀ کان اڳ اها ڪهاڻي پڙهي. جيئن جيئن ڪهاڻي پڙهندو ويس تيئن تيئن ڇپن تي مشڪ وڌڻ لڳي.

اوچتو شريمتي جهپ هڻي ڪتاب کڻي پڙهڻ لڳي. جيئن هن اها ڪهاڻي پڙهي پوري ڪئي، ڪتاب کي ڦاڙي ٻه اڌ ڪيائين ۽ شيام تي گارين جو وسڪارو شروع ڪيائين - چور، بي ايمان ڪٿان جو، توهان جي ڪهاڻي چوري ڪري انعام ٿو وٺي، مان ڪيس ڪورٽ ۾ ڀهاريندس! توهان عمر ڀر ٻاٻو ٻڏو رهندين.

مان ڪڇان جهڙي ڀِت.

□

ساهتيه اڪادمي جو انعام

شيام منهنجو هم عمر ۽ هم پيشو آهي. ٻئي ماستر آهيون. ٻئي ساڳئي شهر ۾ رهون ٿا. ٻنهي جو ساهتيه سان لاڳاپو، اها ڳالهه ڏار آهي ته سياءَ ڏار ڏار آهن. جتي مان ساهتيه جي اڀياس لاءِ هر مهني ١٠٠ کن روپيا خرچي ڪتاب ۽ رسالا خريد ڪيان، اتي شيام ساهتيه / رسالا خريد ڪري پڙهڻ نه صرف پنهنجي بي عزتي سمجهندو آهي پر بيوقوفي پڻ.

ساهتڪارن ۽ پبلشرن کان ڪتاب مفت حاصل ڪرڻ ۾ شيام ماهر آهي. جتي مان پئسا خرچي به سٺي لئبرري نه ٺاهي سگهيو آهيان، اتي شيام جي شاهي لئبرري آهي. جتي منهنجون سال ۾ مشڪل سان چار پنج رچنائون مس ڇپبيون آهن اتي شيام جون ٥٠ کن يعني سراسر هفتي ۾ هڪ. اها ڳالهه ٻي آهي شيام معيار تي ڌيان گهٽ ڏيندو آهي. جتي منهنجي سڃاڻپ محدود آهي اتي شيام هندستان جي سڀني ليکڪن ڪي ۽ اڪادمين جي سڀني عهديدارن ۽ منسٽر ڪي سڃاڻي.

مان جيڪو ڪجهه لکندو آهيان ان جو پهريون پاٺڪ شيام هوندو آهي. هو منهنجي هر رچنا ڪي ڌيان سان ٻڌندو / پڙهندو آهي. سيمينارن / سميلن ۾ اڪثر ٻئي گڏ ويندا آهيون. هو هر ليکڪ جي ڪمري ۾ وڃي ڪتاب / رسالو اڳاري ايندو آهي. هو هر سميلن ۾ ٢٠ - ٢٥ ڪتاب ڪٺا ڪري وٺندو آهي. اتي مونکي مشڪل سان ٢ ڪتاب ساهتڪار متر ڏيندا آهن جو ڪتاب مفت ۾ گهري وٺڻ منهنجي سڀاءَ ۾ ڪونهي.

شيام پاڻ لکندو گهٽ آهي پر هن جو ڇپبو وڌيڪ آهي. هو اڪثر سميلن / سيمينار ۾ ليکڪن جي ڪمري ۾ وڃي غزل ۽ ڪهاڻيون ڌيان سان ٻڌندو آهي ۽ موقعو ملڻ تي ان ۾ معمولي هير ڦير ڪري پنهنجي نالي ۾ ڇپائي به ڇڏيندو هو. منهنجون سؤ کان وڌيڪ ڪهاڻيون لکيل آهن پر فيئر ڪري مشڪل سان

مان ڪچهان جهڙي پٽ.

مان ڪيس ڪيئن سمجهايان ته پرائيويٽ نوڪري لاءِ خوبصورت ڇوڪرين جي ضرورت آهي. منهن تي چٽيءَ جي اڇن ۽ پوائنٽي شڪل وارين ڇوڪرين جي نه. ...سمارٽ چست...ڇوڪرين جي.....

۽.....۽.....مان .....مونا کي ڇا جواب ڏيان......؟

□

مان ڇا جواب ڏيان....؟

پنهنجي شهر ۾ اٺ ڪلو ميٽر پري منهنجي ڀيڻ رهندي آهي. منهنجي ڀاڻيجي مونا ماءُ پيءُ کان به وڌيڪ مامي سان يعني مون سان انگل ڪندي آهي. هاڻي هن ١٢ ڪلاس پاس ڪري ڪاليج ۾ داخلا ورتي آهي. پيءُ شرابي، ماءُ سلائي ڪري جيئن تيئن گهر جي گاڏيءَ کي پيئي گهليائين.

مينا ١٨ ۾ پير پاتو آهي. ڪيس خبر آهي ته مامي جي شهر ۾ سٺي سڃاڻپ آهي سو ڪٿي به ڪم ڏياري سگهي ٿو پر هڪ عئب - منهن تي ڇپن تي اڇا ۽ پوائٽنا داغ. منهنجي لاڏلي ڀاڻيجي جيڪا جنم کان ئي مامي سان انگل ڪندي آئي آهي، الست، چل ڪپٽ کان اڻڄاڻ، عمر سارو سواهڻا سپنا اڏام، پر منهن تي چٽي جا پوائنٽا داغ.

هن عمر ۾ جوان ڇوڪرين جي اڳيان پٺيان پونئرا هوندا آهن، پر مونا انهن سڀن کان بيخبر...منهن تي چٽيءَ جي داغن سبب.

اڄ آرتوار ڏينهن صبح جو ٨ بجي گهر پهتي. قدرتي اڄ ڪنهن به سنسٿا جي ميٽنگ جو پروگرام ڪونه هو، سو ويچار ڪيم ته ڪنهن رسالي لاءِ ڪهاڻي لکان.

مونا ڪاليج جي هلڪين ڦلڪين ڳالهن کان پوءِ اوچتو گنڀير بڻي چيو، ”ماما، اگر توهان گنڀير هجو ته مان هڪ ڳالهه چوان.“ مون مشڪي چيو، ”مونا ۽ گنڀير! ڪوڙو ئي ڪونه ٿو لڳي.“

مونا وڌيڪ گنڀير بڻجي چيو، ”ماما، توهان کان ته گهر جي حالت ڳجهي ڪونهي. توهان ڪنهن اسٽور تي، سيل جي دڪان تي، هوٽل يا ٻئي ڪنهن پرائيويٽ اسڪول ۾ ننڍي وڏي نوڪري وٺي ڏيو. پگهار پلي هزار ٻارهان سوَ هجي، ته به هلندو، مان هاڻ پنهنجي پيرن تي بيهڻ چاهيان ٿي.“

شريمتي شالي انھيءَ ڏينھن ڇھو توھان پر ٻاھرو ڪپڙا اٽيچي ۾ وجھي ھليا وڃجو.

بس ٣ بجي ھئي. پپو ٿي چيم تہ ماڻ ڌوٻيءَ کان ڪپڙا وٺي ٿو اچان، تيسين تون تيار ٿي وڃ. ۽ ماڻ ڪپڙا ڌوٻيءَ کان وٺي اٽيچي ۾ وجھي احمدآباد ھليو ويس.

ڇٺين ڏينھن کان پوءِ جڏھين واپس آيس تڏھين پپو مھراج منھنجو سواگت نونشن سان ڪيو ۽ چيائين، مونکي ڇڏي ڇو وئين؟

مون مشڪي چيو، ''اھو سڀ تنھنجي امان ڪرڻ لاءِ چيو تہ تون پپو کي ٻڌائڻ لاءِ ڌوٻيءَ کان ڪپڙا کڻي سڌو ھليو وڃ. اھا سڀ تنھنجي امان جي چالاڪي آھي.''

''ان جو مطلب توکي خود جو عقل ڪونھي؟'' پپو گھوريندي چيو.

پپوءَ جو اھو چوڻ تہ مونکي خود جو عقل ڪونھي، منھنجا تہ ڪپاٽ ئي کلي ويا. مونکي ائين لڳو جڻھن گرو جي تلاش ۾ لڳل آھيان سو ملي ويو. مونکي لڳو منھنجو پوٽو منھنجي سامھون گرو جي روپ ۾ بيٺو آھي، جنھن مونکي اھو محسوس ڪرايو تہ مونکي خود جو عقل ڪونھي.

منھنجو پھريون گرو منھنجو پوٽو پپو. ھڪ گرو تہ ملي ويو، باقي نوانوي بہ ملي ويندا.

☐

خود جو عقل

پراڻن موجب برهم گياني دتاتريه مهراج جن ٻن ڄڻن ۾ گرو ڪيا هئا. جڏهين مها برهم گياني کي ايڏا گرو ڪرڻا پيا ته مون ننڍ ڀڏي واري کي گهٽ ۾ گهٽ هڪ سوُ گرو ڪرڻ لازمي آهن.

آخر هڪ ڏينهن ايڪانت ۾ ويهي ان بابت چنتن ڪيم. پر گرو ڳولهڻ لاءِ وقت ڪٿان اچي؟ پگهار سٺي آهي ۽ ڊيوٽي صبح جو ۹ کان رات جو نو. وقت نه ملڻ سبب گروُ ڳولهڻ لاءِ وقت بچي ڪونه ٿو.

آرتوار هڪ ۽ ڪم هزار.

ٻيو ڇوٽي آهي مور کان وڏيڪ وياج مٺو لڳندو آهي سو اها ڪار مونسان به آهي. منهنجو پوٽو پپو به مونسان ائين چنبڙيو پيو هوندو هو جيئن لفافي تي ٽڪلي. حڪم ائين هلائيندو آهي جڻ مان سندس ملهه ڳڌل ٻانهو هجان.

خير اها ويڌن هر ڏاڏي سان هوندي آهي. گڏ کائڻ پيئڻ گهمڻ ۽ سمهڻ.

ڪارٽونسٽ پراڻ جا ڪامڪس جنهن ڏينهن هن کي پڙهي نه ٻڌائيندو هئس ان ڏينهن مهاڀارت مچندو آهي. چاچا چوڌري جو ڪردار هن جو من پسند ڪردار آهي.

شريمتي روز چوندي آهي ته تو پپوءَ کي ڪاري ٻهر ڪري ڇڏيو آهي. پر هڪ ڪن کان ٻڌو ٻئي کان ڪڍي ڇڏڻ منهنجو سياءُ ٻڻجي چڪو آهي.

وقت پنهنجي رفتار سان هلندو رهيو. احمداباد مان ڪنهن سيمينار لاءِ نينڊ آئي. پپو مهراج اٽ هٽي ٻينو ته مان به توسان گڏ هلندس. مونکي ڪوڙي سچي 'ها' ڪرڻي پيئي آخر هن کي پٽائڻ لاءِ شريمتي جي پلان ڪم آئي.

صبح ڪپڙا ڌوٻيءَ کي پريس ڪرڻ لاءِ ڏيئي آيو هئس

آڇا بيٽا

'Papa'

'Yes my son'

''پاپا، ماسٽر چيو آهي تہ سڀاڻي اسڪول ۾ هڪ Small Family Chart ۽ Big Family Chart ڪٽي اچجو.'' رات جو پاپا ٻئي چارٽ وٺي آيو.

بگ فئملي چارٽ تي هٿ رکي ٻبلو پڇيو، ''پاپا، هي اولڊ مئن ڪير آهي؟''

''بيٽا، هي گرانڊ فادر آهي.''

''پاپا، گرانڊ فادر ڪنهنکي چئبو آهي؟''

''بيٽا، گرانڊ فادر پاپا جي پاپا کي چئبو آهي.''

''پاپا، هيءَ اولڊ وومئن ڪير آهي؟''

''بيٽا، هيءَ گرانڊ مدر آهي.''

''پاپا، گرانڊ مدر ڪنهنکي چئبو آهي؟''

''بيٽا، پاپا جي مميءَ کي گرانڊ مدر چئبو آهي.''

''پاپا، منهنجا گرانڊ فادر ۽ گرانڊ مدر ڪٿي آهن؟''

هاڻ پاپا جو منهن لهي ويو ڪيئن ٻڌائي تہ ساڳئي شهر ۾ رهندي بہ هو ڪافي سالن ۾ پنهنجي ماءُ پيءُ وٽ ڪونہ ويو آهي ۽ زال جي چوڻ تي ڏار ٿي ويٺو آهي.

''پاپا، ٻڌايو نہ؟''

اينري ۾ ممي ڪمري ۾ آئي ۽ ٻبلو کي گود ۾ کڻي چوڻ لڳي، ''اڇي ٻيٽي پاپا ڪو تنگ نهين ڪرتي هئن. پاپا ٿڪي هئي هئن.''

اينرو چئي ممي ٻبلو کي کڻي ٻئي ڪمري وٺي ويئي.

□

سِٽي بيوٽي ڪوين

نئين سال جي جلسي ۾ شهر ۾ 'سِٽي بيوٽي ڪوين' جي چونڊ جو پروگرام پڻ رکيو ويو جنهن ۾ شهر ۾ رهندڙ ڪابه ٢٥ سالن تائين ڇوڪري / زال ڀرو وٺي سگهي ٿي. هن چٽاڀيٽي ۾ شريمتي ءَ به ڀرو ورتو. ٽن ججن ۾ هڪ جج مان به هئس.

نتيجي ظاهر ٿيڻ کان پوءِ جڏهين گهر پهتس ته شريمتي منهن سڄائي اونڌو منهن ڪري سمهي پيئي هئي.

ڪافي لنبي مانٺ کان پوءِ آخر جوالامکي ڦاٽو. چي، ''شادي ءَ کان اڳ ۽ سهاڳ رات جو منهنجي ساراهه مان ڍاپين نه پيو. تون دنيا ۾ سڀ کان خوبصورت آهين، تنهنجي خوبصورتي ءَ جي اڳيان سج ۽ چنڊ به شرمائي، اِندر جون اپسرائون به تنهنجي اڳيان پاڻي ڀرين ۽ هاڻي بيوٽي ڪمپيٽيشن ۾ جنهن جو جج تون پڻ هئين، هن ڪالي ڪلوٽي ڏائڻ کي 'سٽي بيوٽي ڪوين' چونڊيئه.''

مان ڪهڙو جواب ڏيان؟

سالن کان پوءِ شريمتي جو پارو اڃان هيٺ ڪونه لٿو آهي.

بڻ ڪمائي نانڪا.....

سياست جو نشو ٻين نشن کان الڳ آهي جنهن کي لڳو سو ڇٽو. نيتاگري جو نشو ٻيا سڀ نشا ڀلائي ڇڏيندو آهي. ائين ڪنهن پنچايت جو مکي ٿي رهڻ جو نشو به جلدي ڪونه لهندو آهي، پر سياست جو نشو! بس ڀڳوان بچائي.

اسين پاڻ ۾ ٽي ڀائر آهيون. وچ بازار ۾ ڪراڙي ۾ جنرل اسٽور جو دڪان اٿئون. چاليهه سال پراڻو ڊبل شٽر دڪان اسين ٽيئي ڀائر ۽ بابو به دڪان تي پورا ڪونه پوندا آهيون. شام جي وقت بابو صرف پئسا وٺڻ جو ڪم ڪندو آهي ۽ اسين ٽيئي ڀائر گراهڪن کي وکر توري ڏيڻ ۾ پورا هوندا آهيون.

جنهن لڪشمي جي ڪرپا هوندي آهي اتي هرڪو دوست بڻجڻ چاهيندو آهي. منهنجي ننڍي ڀاءُ تازو ڪاليج مان بي. اي. پاس ڪئي آهي. دڪان تي وهندو آهي پر سڀ کان وڏيڪ دوست گوبند جا ئي ايندا آهن. ڪاليج ۾ يونين جو پريزيڊينٽ جو هو.

بابي ۽ منهنجي ڪري گوبند جا دوست دڪان تي اچڻ ۾ ڪيٻائيندا آهن جو اسين ٻئي پيءُ پٽ انهن کي منهن ڪونه ڏيندا آهيون جو اسان کي خبر آهي ته منهن ڏيڻ سان انهن جو اوڌر جو کاتو شروع ٿي ويندو.

ٻه مهنا اڳ اخبارن ۾ ميونسپل جي چونڊن جي پڌرائي ڇپي. گوبند جي دوستن گوبند کي هيٺيون مٿيون چاڙهي ميونسپل جي چونڊن ۾ بيهڻ لاءِ تيار ڪيو. جتي پئسي جي آوڪ هوندي آهي اتي ماڻهو اهڙن ڪمن لاءِ جلد تيار ٿي ويندو آهي. بس پڌرائي ٿيڻ کانپوءِ گوبند دڪان تان غائب، اگر ڪلاڪ اڌ لاءِ ايندو هو ته صرف پئسن گهرڻ لاءِ. پهرين ته بابي پئسن ڏيڻ لاءِ آناڪاني ڪئي پر اسان ٻنهي ڀائرن جي سمجهائڻ تي بابا شانت رهيو. پوسٽر بئنر اخبارن ۾ اشتهار اليڪشن جي آفيس ڏينهن جو ناشتو پاٽي ۽ رات جو شراب ڪباب. شهر جا آوارا

لا علاج مرض


هن ورت رکيا، تپسيا ڪئي. آخر شور ڀولانات راضي ٿيو ۽ ور ۽ درشن ڏيڻ لاءِ تيار ٿيو. پاروتي هٿ جوڙي چيو، ”ناٿ! توهان آرام ڪيو، مان ئي وڃي ڀڳتڻ کي ور ڏيئي اچان.“ شو مشڪي ڏنو.

پاروتي ڀڳتڻ کي ور ڏيندي چيو، ”ڌيءَ گهر جيڪو گهرڻو اٿئي.“ ڇوڪريءَ عجب مان پڇيو، ”توهان ڪير آهيو؟“ پاروتي چيو مان شو جي اڌ شرير پاروتي آهيان. گهر تو کي ڇا کپي.

ڇوڪريءَ به منٿ سوچي چيو، ”ماتا، منهنجو ور Pending رهيو، ٻئي ڪڏهين گهرندس. هن وقت منهنجي سامهون هڪ مسئلو آهي. اگر توهان ان کي حل ڪري سگهو ته توهان جي وڏي مهرباني ٿيندي. مان جنهن فرم ۾ نوڪري ڪندي آهيان، ان جو باس، وڏو پٽ، مئنيجر ۽ سڀ سينئر اسٽاف ۽ ملڻ وارا نگاهن رسني مونکي ڳرڪائڻ چاهيندا آهن. انهن جي نظرن جي چڀن منهنجي من کي ڏاڍو عيذاب ٿي ڏي. ڪرپا ڪري ان جو ڪو علاج ٻڌايو.“

پاروتي مشڪي چيو، ”ڌيءُ اهو الائي گهڻن يڳن کان هلندو پيو اچي. جيڪي ديوتائون مهاديو جي درشن لاءِ ايندا آهن اهي سڀ مهاديو ڏانهن گهٽ ۽ منهنجي چهري ڏانهن وڌيڪ نهاريندا آهن. سي سڀ به مهاديو جي سامهون مونکي نظر رسني ڳرڪائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. پهرين مونکي اهو سڀ من کي خراب لڳندو هو ۽ موڊ خراب ٿي ويندو هو. پر هاڻ مان انهن سڀني ڳالهين تي هري ويئي آهيان. ان مرض جو علاج وشنو ۽ برهما وٽ به ڪونهي. تون به جلدي انهن سڀني ڳالهين تي هري ويندينءَ.“ ائين چئي پاروتي انترڌيان ٿي ويئي.

□



سچا ٽيب

نالو : ڪشن اوڏرمل بجاج (سچانندائي)

جنم جي جڳھہ : ٽنڊو آدم (سنڌ)

جنم تاريخ : ١٧ - ٨ - ١٩٣٨

سنڌي تعليم : هڪ درجو

پيشو : پرائيويٽ نوڪري

ساهتڪ شيوائون : ١٩٨٠ کان اڄ تائين اٽڪل ١٠٠ کن ڪوتائون ۽ ١٠٠ کن ڪهاڻيون ڏار ڏار سالن ۾ اخبارن ۾ ڇپيل.

انعام : ٻن ڪهاڻين ۽ هڪ ايڪانڪي لکڻ تي راجستان سنڌي اڪادمي پاران انعام وقت بہ وقت راجستان ليول تي ڪلچرل شيوائن لاءِ سنمان

ڪلچرل شيوائون : سنڌي ناٽڪن ۽ ڪيترن سنگيت چٽاڀيٽين ۾ شاگردن کي تيار ڪرائڻ، ناٽڪ لکڻ، ڪردار طور نڀائڻ ۽ ڊائريڪٽ ڪرڻ، ڪجھہ ناٽڪن کي انعام مليل.

بدماش سڀ گوبند جا صلاحڪار بڻجي پيا. هوائي قلعا اڏڻ ۾ ماهر سڄو ڏينهن ۽ رات اهائي رٽ هوندي هئي ته اگر سندس پارٽي کٽيو ته گوبند کي کهڙو محڪمو وٺي ڏيندا جنهن ۾ جهجهي ڪمائي هجي ۽ دلالن جي به چاندي هجي.

هاڻ آهستي آهستي گوبند کي به انهن چاپلوسن ۽ حرامخورن جون ڳالهيون سٺيون ۽ فائديمند نظر اچڻ لڳيون. هاڻ ڳالهه ڳالهه تي گوبند چوندو هو ياڙ، بس اسان کي پارٽي کي کٽڻ ڏيو، مان ڪوشش ڪري چونگي جو محڪمو وٺندس جنهن ۾ ويهه پنجويهه هزار روز ڪمائي سيٺي کي پنهنجو حصو ڏيڻ کان پوءِ به ڏهه هزار روز جا ڪيڏانهن ڪونه ويندا. اهو ڪلو ڪلو وڪر تورڻ توهان کان وسري ويندو. مان ۽ بابو ڪيس سمجهائي ٿڪاسين ته محنت جي ڪمائي ۾ برڪت ٿيندي آهي پر گوبند ته انڌ جي گهوڙي تي هو.

هاڻ گوبند دڪان تي اچڻ بلڪل بند ڪري ڇڏيو. ها سندس آواره دوست سندس ڇنيون ڪٽي دڪان تان مال ضرور وٺي ويندا هئا. مهني ۾ ٽيهن هزان جو مال اهي حرامخور وٺي ويا. اليڪشن ختم ٿيڻ کان پوءِ پريس اخبار ۽ پينٽر جا بل به سٺ سٺر هزار جا آيا ۽ دڪان تان روڪ ۾ چاليهه ڪن ڪٽي چڪو هو. يعني ڏيڍ لک جو ٽپ. اها ڳالهه ڌار آهي ته گوبند پنهنجي وارڊ مان ٥٥٠ ووٽن تان کٽيو پر وروڌي پارٽي جون سيٽون هن کان وڌيڪ هيون بورڊ انهن جو ٺهيو.

رزلٽ اچڻ کان پوءِ واپس گوبند دڪان تي وهڻ شروع ڪيو. هاڻ آهستي آهستي گوبند کان سياست ۽ چونڊن جو نشو لهڻ لڳو. ڏيڍ لک خرچ ڪرڻ کان پوءِ به صرف هڪ رواجي پارشد.

گوبند جا سڀ دوست گم ٿي ويا. جڏهين مهينو ڪن اهي چاپلوس دوست غائب رهيا تڏهين مون گوبند کي کلي چيو، تون ۽ تنهنجا دوست بنا محنت جي ڪمائڻ جي چڪر ۾ هئا نه، چوڻي آهي ته بن ڪمائي نانڪا....

گوبند کلي ٽڪ پوري ڪئي، ساڌن جهڙو ڪر.

□

تماشو ۽ تماشبين

اڄ شام جو باغ ۾ اوچتو گوڙ بڌي مان به ان گوڙ ۾ شامل ٿي
ويس.

هڪ جوان ۽ ان سان گڏ خوبصورت جوان ڇوڪري کي
ڀيري باغ جو چوڪيدار انهن کي پاسڻ ڏيئي رهيو هو ۽ پوليس
۾ ونڃي هلڻ جي ڌمڪي ڏيئي رهيو هو. 'توهان کي شرم نٿو اچي
پبلڪ پليس تي توهان هڪ ٻئي کي ڀاڪر پائي چميون ڏيئي
رهيا هئا.' ڇوڪريءَ جو چهرو شرم کان لعل هو. ڇوڪرو به اکيون
هيٺ ڪري پاسڻ ٻڌي رهيو هو.

مون پهريدار کي پاسيرو ونڃي هڪ سوَ جو نوٽ هٿ ۾ ڏنو
پيڙ کي اتان ڀڄايو ۽ انهن کي مشڪي چيو، ''پيار ڪيو پر
هوشياريءَ سان...''

''ٿئنڪ يوُ انڪل'' چئي جوڙو اتان کسڪي ويو.

منهنجي اکين آڏو چاليهه سال پراڻو سين گهمي ويو. اڄ
منهنجي عمر ٦٥ آهي پر ان وقت صرف ٢٥ هئي.

مان ۽ سيتا ڪاليج مان گول ٿي سائيڪل تي ڳوٺ کان ٻاهر
ندي ڪناري گاهه تي ليٽي هڪ ٻئي ۾ سمائجڻ جي ڪوشش
ڪري رهيا هئاسين. دين دنيا کي وساري. اوچتو گوڙ ٻڌي اسان
جا وائيسر ڦري ويا. ڳوٺ وارا لٺيون کڻي اسان کي گهيرو ڪري
بيٺا هئا. اتان ڪيئن رام رام ڪري جان بچائي اهو ياد ڪري
اڄ به منهنجي ۽ سيتا جي چپن تي مشڪ اچي ويندي آهي.

فرق صرف ايترو آهي ان ڏينهن اسان تماشو هئاسين ۽ اڄ
مان صرف تماشبين هئس.

□

□ مان ڇٽي پڙهي سُن ٿي ويس. ڇٽي منهنجي هٿن ۾ هئي ۽ مان ڇٽيءَ کي ڏسي رهيو هئس ۽ سوچي رهيو هئس ته ڇا مان اترو قياس جو پاتر بڻجي چڪو آهيان جو يار ڀاڻا ڳولهي ٻيڪه ڏيئي رهيا آهن. ڇهري تي هڪ رنگه آيو ٿي، ٻيو ويو ٿي.
(سلور جبليءَ جي ڀاڻي.)

□ چڏ يار قائدي قانون جون ڳالهيون. ڇتاپيٽي لاءِ ٿي جج مونکي امقرر ڪرڻا آهن. ٽيئي منهنجا دوست آهن. اسين هڪ ٻئي کي 'اوبلائيز' ڪندا آهيون. هڪ ته ڇتاپيٽيءَ ۾ تنهنجي کهاڻي پهريون نمبر، ٻيو هن سال جي سٺي ڪتاب جو ساهتيه اڪادميءَ جو پهريون انعام هڪ لکه رپيا تنهنجو پڪو.
(سمجهوتو)

□ ساهتيڪار صاحب! ايماندار ساهتڪار اهو آهي جيڪو پنهنجو عڪس ڪردار ۾ پري، جيڪو سندس چريتر هجي، اهوئي ڪردار جو ڏيکاري.
(ڪردار جي بغاوت)

□ اگر ساهرن ۾ توکي 'وات وڪيل' چوندا آهن ته ان ۾ انهن جو ڏوهه ڪونهي. اهو ته دنيا جو دستور آهي جنهن دماغ جو استعمال گهٽ ٿيندو آهي، اتي کو نه ڪو لقب يا اسم عطا ڪيو ويندو آهي. تون ذهين آهين، اهو ماڻهن کان برداشت ڪون ٿيندو هوندو.
(سمجهوتو)

□ ياڻو، توهان سڀني لاءِ خوشخبري - هاڻي توهان کي ڇهه هزار مهنو وياج ڪونه ڀرڻو پوندو. ٻڌڻ سڀني دکن کان مُکت ٿي چڪو آهي.
(حساب ڪتاب)